سنڌ

سياحن جي نظر ۾

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سنڌ

سياحن جي نظر ۾

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2001ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

Roshni Book No. 183

کتاب جو نالو: سنڌ سياحن جي نظر ۾
ليکڪ: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

چاپو پهريون: © روشني 2001ع
کمپوزنگ: حبيب قادر قريشي
روشني کمپوزرس، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: فائين کميونيڪيشن، حيدرآباد.
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ

soorihsindhiadab

SINDH SAIAHAN JE NAZAR MAIN

(History)

by: **Dr. Memon Abdul Majid Sindhi**

Composed by: Habib Qadir Qureshi.
Roshni Composers, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro

First Edition © Roshni 2001

اسٽاڪٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر - حيدرآباد
سنڌ بڪ ڪلب - 35 رابعه اسڪوائر، گاڏي ڪاتو، حيدرآباد
ڪائياواڙ اسٽور - اردو بازار، ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو
عزيز ڪتاب گهر - بئراج روڊ، سکر
ڪتاب مرڪز - فيريئر روڊ، سکر
يونائيٽيڊ بڪ ليند - مهراڻ مرڪز، سکر
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
استاد ڪتاب گهر - سوڪ سينٽر، خيرپور ميرس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فهرست

باب پهريون

يوناني سياح **9-12**

- سڪندر مقدوني 10
- سائيلاڪس 11
- هيڪتايوس 11
- اوني سيڪرٽيوس 11
- ارسطوبيولس 12

باب ٻيو

چيني سياح **13-16**

- فاهيان 13
- سن ين ۽ هئي شينگ 13
- هيونسانگ 14
- آرميني جا گرافيدان 16
- چيني سياح ڪياتان 16

باب ٽيون

عرب سياح ۽ جاگرافي دان **17-98**

- سنڌ ۽ عرب جا لاڳاپا 17
- سنڌ ۾ عربن جي حڪومت 20
- عربن جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ حڪومت جو نظام 20
- اسلامي تعليم 21
- نئين تهذيب 21

عرب ۽ سنڌ جا تهذيبي ۽ تمدني تعلقات 23

- مٽي مائٽي ۽ اصل نسل 23
- سنڌي، عرب ملڪن ۾ 24

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○ سنڌي جُتيون 25

مشهور سياح، مؤرخ، جاگرافيدان ۽ ليکڪ 27

01. جاحظ 27

02. ابو زيد حسن سيرافي 27

03. سليمان تاجر 28

04. بلاذري 31

05. ابن فقيه 31

06. ابو حنيفہ دينوري 32

07. يعقوبي 32

08. ابن رستہ 33

09. ابن خرداذبہ 33

10. بزرگ بن شهر يار 34

11. مسعودي 34

12. اصطخري 42

13. مطهر بن طاهر مقدسي 42

14. ابن حوقل 42

15. ابو دلف مسعر بن مهلهل ينبوعي 43

16. ابن نديم 43

17. بشاري مقدسي 43

18. البيروني 49

19. قاضي صاعد اندلسي 51

20. قاضي رشيد بن زبير 51

21. عبدالقاهر 52

22. عبدالكريم شهرستاني 52

23. شريف الادريسي 52

ستين صدي هجري 54

24. ابن ابي اصيبہ 55

25. ابن بطوطہ 55

26. قلشقندي 59

27. ابوالفدا 60

○ ٻيا مؤرخ ۽ جاگرافيدان 60

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عرب سياحن، مؤرخن، جاگرافيدانن ۽ ليکڪن جي ڪتابن ۾ سنڌ جو احوال 61

- جاگرافي 61
- عرب ملڪن کان سنڌ جو مفاصلو 62
- سنڌو درياءَ 64
- سنڌ ۾ واپار 64
- پيداوار 65
- عمارت سازي 67
- سرسبزي 67

سنڌ جا شهر عرب سياحن جي نظر ۾ 68

- منصوره 68
- ديبل 68
- تور، ماپ ۽ سڪا 69
- تلوارون 69
- برهمڻ 70
- سڌانت 70
- باهبود 71
- چوپڙ راند 71
- زامان جي حڪومت 72
- فور جي حڪومت 72
- وبشيلر جي حڪومت 72
- بلهيت جي حڪومت 72
- ڪورش جي حڪومت 73
- سنڌباد حڪير 73
- برهمڻ جي حڪومت 74
- برهمڻن جي زماني ۾ علم ۽ حڪمت جي ترقي 74
- زراج 77
- جوڳي ۽ يڪشو 77
- عقيدا ۽ فرقا 79
- طب، نجوم ۽ حساب 80
- ادب ۽ شاعري 81

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

- موسيقي 83
- سنڌين جون خصوصيتون 83
- سنڌين جي پوشاڪ ۽ زيور 84
- سنڌي صراف ۽ منشي 85
- سنڌي بورچي 85
- ڪارو ڪاري 85
- فوج 86

باب چوٿون

ترڪ ۽ افغاني سياح 99-112

- ترڪ سياح 99
- محمود بن امير ولي بلخي 102

باب پنجون

مغربي سياح 108-145

- سنڌ ۾ يورپين جي آمد 108
- سنڌ ۾ پورچوگيز 108
- سنڌ ۾ انگريزن جي آمد 109
- نڪولس وٽنگٽن 110
- ٽامس رو 110
- سنڌ ۾ انگريزن جي پهرين ڪوٺي 110
- پورچوگيز پادري 111
- نڪولس منوچي 111
- ڪلهوڙا دور ۾ انگريز 116
- اليگزينڊر هئملٽن 116
- ڪيپٽن ڪوڪ 117
- ناٿن ڪرو 117
- ڪئپٽن ڊيوڊ سن 118
- هينري پاٽنجر 119
- ڊاڪٽر جيمس برنس 119
- چارلس مئسن 120

soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

- آرٿر ڪونولي 122
- اليگزينڊر برنس 122
- هينري پاٽنجر وري سنڌ ۾ 123
- ڪيپٽن ايسٽوڪ 123
- ڪيپٽن ليو پولڊ 124
- ميجر وليم نيپئر 125
- ميجر آئوٽرام 125
- چارلس ڊلڪي 126
- سنڌي زبان 126
- سنڌي زبان جي رسم الخط 127
- سر ايلس بروز 129
- سر رچرڊ فرئنسز برٽن 130
- ڪيپٽن جارج اسٽئڪ 131
- ميجر اين- جي- گولڊ سمڊ 132
- ايٽرنگٽن 132
- ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ 132
- ريورنڊ جارج شرٽ 134
- سرجان بيمس 134
- سرجارج ابراهم گريئرسن 135
- سر ٽرنر 137
- سيمور 137
- سي. ڊبليو. سيڪل 137
- هينري والٽر بيليو 137
- ڪيپٽن ايم. آر. هيگ 138
- سر جان مارشل 139
- ارنيسٽ مئڪي 139
- سنڌ جي آثار قديمه جا ٻيا ليکڪ ۽ محقق 140
- موهن جي ڏڙي جون مهرون 140
- سنڌ جو گزيٽيئر 141
- هينري ڪزنس 141
- ايڇ. ٽي. لئمبرڪ 141

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

- ايچ. جي. راورٽي 142
- ايلٽ ۽ ڊائوسن 142
- ڊاڪٽر سورلي 142
- ڊاڪٽر مس اينيمري شميل 143
- ٻيا ليکڪ محقق 144

باب ڇهون

سيوهڻ: سياحن ۽ پرڏيهي مؤرخن جي نظر ۾ 146-169

- علائقو 149
- مغربي عالم ۽ سياح 163

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب پهريون

يوناني سياح

سنڌ جي سرزمين تمام قديم زماني کان سرسبز، شاداب ۽ خوشحال رهي آهي. سنڌ جي سياسي تاريخ کان سواءِ، سنڌ جي جاگرافي ۾ نهايت اهم آهي. سنڌ جي سياسي تاريخ تي ٿورو گهڻو ڪم ٿيو آهي، پر سنڌ جي جاگرافي، سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي تاريخ تي، نه هجڻ جي برابر ڪم ٿيو آهي. ان جو هڪ سبب اهو به آهي، جو سنڌ جي تاريخ تي لکيل ڪتابن ۾ ان قسم جو مواد تمام ٿورو ملي ٿو. پي حقيقت اها آهي ته، ان قسم جي تاريخ لکڻ لاءِ اسان کي سنڌ جي دڙن ۽ پڙن مان نڪتل شيون مدد ڏئي سگهن ٿيون. ان کان سواءِ ان قسم جو مواد انهن سياحن جي سفرنامن ۾ به ملي ٿو، جيڪي قديم زماني کان سنڌ ۾ ايندا رهيا آهن ۽ انهن پنهنجي سفرنامن ۾ ان وقت جي سياسي حالتن، جاگرافيائي حالتن، ماڻهن جي مزاج ۽ فطرت، معيشت ۽ معاشرت جو ذڪر ڪيو آهي. هنن سنڌ جون حالتون بيان ڪندي جيڪي تاثرات بيان ڪيا آهن، انهن ۾ هنن جي پنهنجي مزاج، ذهني لاڙن ۽ قومي خصوصيتن کي به دخل آهي. انهيءَ ڪري هنن ڪيترا غلط اندازا لڳايا آهن ۽ غلط نتيجا ڪڍيا آهن. ضرورت آهي ته، انهن جو چگي طرح جائزو ورتو وڃي ۽ انهن جي ڏنل ڳالهين جي چنڊچاڻ ڪري، سنڌ جي هڪ اهڙي تاريخ ترتيب ڏني وڃي، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ جي مختلف دورن جي معاشي ۽ معاشرتي، جاگرافيائي ۽ اقتصادي حالتن جو وچور هجي. انهيءَ ضرورت کي نظر ۾ رکي، هتي سنڌ ۾ آيل سياحن جي سفرنامن جو جائزو پيش ڪندي، سنڌ جي حالتن جو سرسري بيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سنڌ تي هر دور ۾ ٻاهرين قومن حملا ڪيا آهن، ۽ وقت بوقت ڪيترائي واپاري، ملاح ۽ سياح سنڌ ۾ ايندا رهيا آهن. ٻاهرين قومن مان سٿين، يوناني، ايراني، آرميني، چيني ۽ عرب وغيره هتي آيا. انهن مان ڪن پنهنجي رپورٽن ۾ سنڌ جو احوال آندو آهي، تہ ڪن سربستو احوال لکيو آهي.

سڪندر مقدوني

سن 327 ق. م ۾ يونان جو هاڪارو حاڪم سڪندر مقدوني ڪابل ۽ سوات کان ٽيندو پنجاب ۾ آيو. پنجاب ۾ راجا پورس کي شڪست ڏيئي، سنڌ مان لنگهيو. اُچ، بکر، نيرون ڪوٽ ۽ ٽلٽي کان ٽيندو، سنڌ کان ٻاڦتي فتحون ڪندو وڌندو ويو.

هن سنڌ جي راجا سامبس، جيڪو يادونسي ڪٽنب مان هو، کي شڪست ڏني. اُن کان پوءِ هن هڪ لشڪر خشڪي رستي پنهنجي هڪ سپهہ سالار "ڪراٽيرس" جي اڳواڻي ۾ مولالڪ کان مڪران روانو ڪيو. ان ۾ هاٿي ٻہ هئا. هن ٻيو لشڪر، ساموندي ٻيڙي ذريعي پٽالا ۽ پنيور کان، سنڌو ندي جي ڊيلٽا ۽ مڪران واري ڪناري ڏانهن روانو ڪيو. ٻيڙي جو امير البحر نيئرڪس هو ۽ ان ۾ يوناني، فنيقي ۽ مصري ملاح هئا. نيئرڪس مڪران جي ڪناري تي رهندڙ ميدان کي گهٽو نقصان پهچايو. سڪندر پاڻ سنڌ تي پنهنجي سپهہ سالار "پيٿا" کي پنهنجو نائب مقرر ڪري، پاڻ حب نديءَ جي اپرندي علائقي کان ٽيندو، مڪران جي ڪناري تي پهتو، جتي ميدن سندس مقابلو ڪيو. آخر بابل ۾ پهچي وفات ڪيائين. وليم ونسينٽ، "نيئرڪس جو جهازي سفر" نالي ڪتاب مرتب ڪيو، جيڪو لنڊن مان 1797 ع ۾ ڇپيو. ان ۾ سنڌ جي جاگرافيائي حالتن ۽ قديم شهرن جو احوال ملي ٿو. نيئرڪس سنڌو نديءَ جي ڊيلٽا جو ڪوري جي نار کان، ايراني نار تائين معائنو ڪيو هو. هن جيڪي ڪجهہ ڏٺو، اهو قلمبند ڪندو ويو. سندس بيان تي مشتمل مذڪور ڪتاب وليم ونسينٽ مرتب ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نيئرڪس جي جهازي سفر واري ڪتاب ۾ سنڌ جي شهرن جا جيڪي نالا ملن ٿا، اُهي آهن: اسڪلندہ. سوگدي، موسيڪانوس، پٽالا، مينا ننگر ۽ مئوتا وغيره آهن، وليم ونسينٽ "سوگدي" مان مطلب "بکر" ورتو آهي ۽ "موسيڪانوس" مان مراد "سيوهڻ" ورتي اٿس. موجوده دور جي ڪن تاريخ دانن "موسيڪانوس" مان "اروڙ"، "سوگدي" مان "سيوهڻ" "اڪلندہ" مان "اُچ"، "پٽالا" مان "نيرون ڪوٽ"، "مينا ننگر" مان "ٺٽو" ۽ "مئوتا" مان " ماهوٽا" (ضلعولاڑڪاڻو) مراد ورتي آهي.

"ڪننگهام،" هندستان جي قديم جاگرافي ۾ لکيو آهي، تہ "سنديمانا" شهر وٽ جابلو قومن جي راجا سامبوس، سڪندر جو مقابلو ڪيو. مسٽر جي.

ڊبليو سمٿ گزيٽيئر ۾ ڄاڻايو آهي تہ " سامبوس" مان مطلب آهي: "سمو" يعني اهو راجا ذات جو "سمو" هو.

ان کان سواءِ يونان جي ٻين ماهرن ٻہ پنهنجي رپورٽن ۾ سنڌ جا حالات بيان ڪيا آهن. انهن جو مختصر تعارف هيٺ ڏجي ٿو.

سائيلاڪس

يونانين جي ڪاهہ کان اڳ، ايران جي بادشاهہ دارا هن ڪي سنڌو ندي جي وهڪري معلوم ڪرڻ لاءِ اٽڪ کان روانو ڪيو هو. هو هڪ يوناني اميرالبحر هو. هن جيڪو سفرنامو تيار ڪيو، اهو گهڻي قدر ٻُڌل ڳالهين ۽ اندازن تي مشتمل آهي. هن کي فقط اها خبر هئي تہ سنڌو ندي جي اوپر طرف ريگستان آهي.

هيڪتايوس

هن سن 500 ق. م ۾ سنڌو ندي جو احوال ڏنو آهي. ڏيکاريو اٿس تہ، سنڌو ندي جي پرين ريگستان آهي. سنڌ جي رسمن، رواجن تي ٻہ ٽوري گهڻي روشني وڌي اٿس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اوني سيڪرٽيوس

سنڌ ۾ اچڻ کان اڳ سڪندر هن کي جهاز جي ذريعي سنڌ جون حالتون معلوم ڪرڻ لاءِ موڪليو هو. استرابو ڪانئس مدد ورتي آهي.

ارسطو ببيولس

هن سڪندر جي حڪم مطابق سنڌ جي سڪي ويل درياهه "هاڪڙي" جي سروي ڪئي. هن هاڪڙي جي ٻيٽ جو معائنو ڪيو ۽ هڪ هزار ويران شهرن جا نشان ڳولهي ڪڍيا، جيڪي ڪنهن وقت هاڪڙي تي آباد هئا. آخري عمر ۾ پنهنجون يادگيريون قلم بند ڪيائين.

انهن يوناني ماهرن جي رپورٽن مان معلوم ٿئي ٿو ته "سنڌ جا رهاڪو گهٽي قدر سانوريءَ ڪاري رنگ جا هئا. هتي اونهاري ۾ ساريون ۽ جوئر ٿيندي هئي. سياري ۾ ڪڻڪ ۽ جَوَن جي پوک ٿيندي هئي. ڪمند به ٿيندو هو. ڪمند جي رس مان ڳڙ ناهيو ويندو هو. هتي جا رهاڪو ڪپهه مان سُٽ ڪَتي ڪپڙو اُڻيندا هئا. ڪين مختلف قسم جي دوائن ناهڻ ۽ زهرن مارڻ ۾ به مهارت هئي. هو اهو فن ڏارين ماڻهن کان مخفي رکندا هئا."

سنڌين جي سراسري عمر 130 سال هئي. منجهن ٻن زالن رکڻ جو رواج عام هو. راجائون ته گهڻيون شاديون ڪندا هئا. ٻانهن ٻڌڻ جو رواج به هو. هو پنهنجي راجائن کي ٻئي ٻانهون مٿي کڻي سلام ڪندا هئا. راجا جڏهن ٻاهر نڪرندو هو، ته عورتون رٿن تي چڙهي ساٿس گڏ هلنديون هيون ۽ پويان ماڻهو دهل، شرنايون ۽ گهنڊ وڄائيندا هلندا هئا. ڇوڪرين کي ننڍي عمر ۾ پرڻائڻ جو رواج موجود هو. ستيءَ جي رسم به رواج ۾ هئي. ڪڏهن ڪڏهن لاش کي ڳجهن جي کائڻ لاءِ ڏيو ڪندا هئا. جيئن ته سنڌ ۾ انگور نه ٿيندا هئا، تنهنڪري شراب پيئڻ جو رواج ڪونه هو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب ٻيو

چيني سياح

قديم زماني ۾ سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جو وڏو اثر هو ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ ٻڌ ڌرم جا ڌرمي آستان ۽ استوپا موجود هئا. انهن ڌرمي آستانن جي ياترا لاءِ ٻاهريان ماڻهو به ايندا هئا. خاص ڪري چيني ياتري هتي آيا.

پهرين صدي عيسويءَ ۾ ڪيترائي ٻڌ ڌرم جا راهب ۽ پڪشو چين ويندا رهيا ۽ اتي ٻڌ ڌرم کي گهڻو ڦهلايائون. جڏهن ٻڌ ڌرم چين ۾ گهڻو ڦهلجي ويو، تڏهن ڪيترائي چيني سياح ۽ ڌرمي علم سکڻ وارا شاگرد ڌرمي آستانن جي ياترا ۽ ٻڌ ڌرم جو علم سکڻ لاءِ سنڌ ۽ هند ۾ ايندا رهيا. اهو سلسلو ٽين صدي عيسوي جي پوئين اڌ کان شروع ٿئي ٿو.

فاهيان

سڀ کان پهريائين فاهيان نالي سياح جو هتي اچڻ معلوم ٿيو آهي، جنهن سنہ 399ع ۾ هتي جو سير وسفر ڪيو، پر ان سفر جو سربستو احوال ڪٿي ڪون ٿو ملي.

سن ين ۽ هئي شينگ

ان کان پوءِ "سن ين" ۽ "هئي شينگ" هتي جو سفر ڪيو. انهن جو به ڪو خاص احوال ڪون ٿو ملي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هيونسانگ

سيني چيني سياحن ۾ وڏيڪ مشهور "هيونسانگ" آهي، جنهن هزارين ميل لتاڙي، پندرهن سالن تائين هند ۽ سنڌ جو سير وسفر ڪيو. هن جي پنهنجي بيان مان جنهن سفر نامي ۾ هن پنهنجي مشاهدي جو احوال ڏنو آهي. ان ۾ 138 ملڪن جي حڪومتن، ماڻهن، ريتن، رسمن، رهڻي ڪهڻي، عقيدن ۽ مذهبن جو احوال ملي ٿو. انهن 138 ملڪن ما 110 ملڪ هن پاڻ گهميا ۽ 28 ملڪن جو احوال ٻڌل ڳالهين مطابق لکيائين. سندس بيان مان معلوم ٿئي ٿو، ته ان وقت هندستان تقريباً 70 ملڪن ۾ ورهايل هو. "هيو نسانگ" حڪومت کان اجازت وٺي چانگان مان نڪتو ۽ ليانگچون (هاڻوڪي ڪانسو مينوئي) پهتو. اتي تبت، هند ۽ سنڌ جا واپاري ايندا رهندا هئا. هن اتي رهي واپارين کان معلومات حاصل ڪئي. "هيونسانگ" ڏاڍا اٽانگا پنڌ ڪري ڪشمير پهتو. اهو 728ع جو اونهارو هو. هن پنهنجو سفر جاري رکيو ۽ ٻڌ ڌرم جون پوتر جايون گهمندو رهيو ۽ ڌرمي ماڻهن کان ٻڌ ڌرم جي تعليم حاصل ڪندو رهيو. هن سنڌوندي جي مٿين حصي ۾ سن 628ع کان 631ع تائين ٽي سال گذاريا. ان کان پوءِ هن اوپر طرف سفر شروع ڪيو، ۽ ٻڌ ڌرم جي پوتر شهرن گايا (پٽنا جي ويجهو) ۽ بنارس کان ٽيندو سنہ 631ع ۾ ٻڌ ڌرم جي مشهور درسگاهہ "نالندا" ۾ پهتو، جتي ٻڌ ڌرم جي مشهور عالم "سلابهادرا" وٽ تعليم حاصل ڪيائين. ان وقت "نالندا" ۾ ڏهہ هزار شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا هئا. هن اتي پنج سال رهي ڌرمي ڪتابن جو اڀياس ڪيو. ان کان پوءِ وري هن پنهنجو سير سفر شروع ڪيو، ۽ اوپر ۾ "ڪاماريا" (هاڻوڪو آسام) ڏکڻ ۾ "درا وڙدار" (مدراس) ۽ اولهہ طرف "لاگلا" (هاڻوڪي بلوچستان جو ڏکڻ اولهہ) گهميو. هر هنڌ ٻڌ ڌرم جا آستان ڏٺائين. جتي به ويو اتي عام ماڻهن، ڌرمي ماڻهن، اميرن ۽ راجائن سندس آدر پاءُ ڪيو. "هيونسانگ" پنهنجي سفر دوران سنڌ ۾ به آيو. هو بيان ڪري ٿو: گجرات کان اتر طرف پوائتو رڻ پٽ ۽ اوڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لڪ لنگهي اٽڪل 1900 تي (684 ميل) پنڌ ڪري سنڌ ۾ پهتاسون، سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ پي شين-قو پولو آهي. دوارڪا پرساد شرما پنهنجي ڪتاب " سنڌو سيتا جو نظارو" (ص 12) ۾ ايم رائنالڊ جي حوالي سان لکيو آهي، ته "پي- شين- قو- پولو"، "وجنو پرا" جي چيني صورت آهي. جيڪو برهمڻ آباد جو اصلوڪو نالو آهي.

جئين ته هيونسانگ گجرات کان سنڌ ۾ داخل ٿيو، انهيءَ ڪري يقيناً هو پهريائين برهمڻ آباد ئي آيو هوندو، جنهن جو نالو البيروني "بهمنوا" لکيو آهي. هي شهر اروڙ کان پوءِ ٻيو نمبر گادي هئي، ۽ هن ۾ ٻڌ ڌرم جي اڪثريت رهائش پذير هئي. "پي-شين-قو- پولو" ۽ "بهمنوا" جي صورت معلوم ٿئي ٿي. ٿي سگهي ٿو، ته "بهمنوا" "بهمن آباد" جي سنڌي صورت هجي. ائين "شو-تو-لو،" "شودر" جي چيني صورت معلوم ٿئي ٿي.

هن اڳتي لکيو آهي ته: هتي جي زمين اناج اُپائڻ لاءِ ڏاڍي ڀلي آهي. هتي ڪپهه، جوئر ۽ باجهري تمام گهڻي ٿئي ٿي. هتي سون، چاندي ۽ ٽامو تمام گهڻو آهي. ڍڳن، ردن، اٽن، خچرن ۽ ٻين جانورن لاءِ چارو ۽ هتي جهجهو آهي. ان کان سواءِ اڇو، ڪارو ۽ جابلو لوڻ ۽ جام آهي. مختلف جاين تي اهو لوڻ دوائن ۾ ۽ ڪم اچي ٿو. ماڻهن جو سياڻ سخت ۽ پورالو آهي، پر اهي ايماندار ۽ سنوان سڌا آهن. پاڻ ۾ ڪوڙ نٿهن. پڙهن ٿا، پر بنا مقصد جي. ٻڌمت جا پوئلڳ آهن. هتي ڏهه هزار يڪشو ٽڙيل پکڙيل آهن. انهن ٻڌن مان ڪيترا سچ جا ڳولائو سالڪ ويران جاين، جبلن ۽ ٻيلن ۾ دنيا کي تياگ ڪيو اڪيلا پيا رهن ۽ ارهت واري منزل ماڻڻ جي آس ۾ رات ڏينهن پيا جالين. هتي جو بادشاهه شوتولو ذات جو آهي، ۽ نهايت ايماندار، مخلص ۽ ٻڌ ڌرم کي مان ڏيندڙ آهي.

هو اهو ٻڌائي ٿو: "گوتم ٻڌ سنڌ ۾ ٻه آيو هو. مها ارهت اپاگپتا ٻه سنڌ ۾ آيو هو، ۽ هتي ٻڌ ڌرم کي وڌيڪ پکيڙيائين. جتي جتي هو ويو، اتي استوپا ٺهيل آهن. هونئن ٻه استوپا سنڌ ۾ جتي ڪٿي نظر اچن ٿا."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماٺهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ خوشحالي بابت لکي ٿو:

"سنڌو درياءَ جي ڪنارن سان تمام گهڻا ماٺهو آباد آهن. هو مال چاري گذارو ڪن ٿا. اهي نه ته شاهوڪار آهن، ۽ نه ئي سڃا. هتي جي ماٺهن بابت چيو وڃي ٿو، ته سرڪش هئا: پر پوءِ هڪ ارهت منجهائين ظالماڻو رجحان ختم ڪري ڇڏيو. ان ارهت جي پوئلڳي ۾ ماٺهن پنهنجا مٽا ڪوڙائڻ شروع ڪيا ۽ ڏرمي زندگي گذارڻ لڳا، پر ڪيتريون پيڙهيون گذري وڃڻ کان پوءِ هينئر انهن جو اولاد ڏرمي زندگيءَ کان پري ٿي ويو آهي ۽ دنيوي زندگي گذارين ٿا.

هيونسانگ فيبروري 645ع ۾ موٽي چانگان پهتو ۽ 664ع ۾ گذاري ويو.

آرميني جاگرافيدان

آرميني جاگرافيدان ۽ تاريخ نويس موسيٰ خورينيءَ چوٿين يا پنجين صدي عيسوي ۾ جاگرافيءَ بابت هڪ ڪتاب لکيو. ايراني حڪومت ساسانيءَ جي سياسي ورهاست جو ذڪر ڪندي، هن ڏاکڻن ضلعن ۾ مڪوران (مڪران) ۽ سنڌ سان گڏ "دي بول" جو ذڪر ڪيو آهي.

هن مان معلوم ٿئي ٿو، ته "ديبل" جي نالي سان به بندر هئا، هڪ درياٽي بندر ۽ ٻيو ساموندي، ۽ ٻئي هڪ ئي نالي ديبل سان سڏبا هئا. ان مان اهو به واضح ٿئي ٿو، ته ديبل شهر به هو، ته علاڪو به.

چيني سياح ڪياتان

هن جاگرافيدان ۽ سياح ڪئنٽن کان ايراني نار تائين جڳهن ۽ بندرن جا نالا ڄاڻايا آهن. هن "تي يو" جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ هڪ وڏو درياءُ "مي لان" آهي. ائين ٿو معلوم ٿئي، ته "مي لان" "مهراڻ" جو چيني اچار آهي، ۽ "تي يو" "دي بول" جو چيني اچار آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب ٽيون

عرب سياح ۽ جاگرافي دان

سنڌ ۽ عرب جا لاڳاپا

سنڌ جي سرزمين جا قديم زماني کان عرب دنيا سان تعلقات رهيا آهن. مولانا ابوالجلال ندوي جي تحقيق موجب: قديم زماني ۾ سنڌ ۽ عربي قومون اچي آباد ٿيون هيون، ۽ سنڌ جا عرب دنيا سان تمام گهاٽا تعلقات هئا. (1) مولانا سيد سليمان ندوي لکيو آهي، ته عرب واپاري هزارين ورهيه اڳ هندستان جي ڪناري تائين ايندا هئا، ۽ هتان جي پيداوار کي مصر ۽ شام ذريعي يورپ تائين پهچائيندا هئا، ۽ اتان جي سامان کي هندستان ۽ هندستان جي پر وارن ٻيٽن، چين ۽ جپان تائين رسائيندا هئا. (2) ڊاڪٽر موسيو ليبان 'تمدنِ عرب' ۾ لکيو آهي، ته عربن جا هندستان سان تعلقات تاريخ زماني جي ابتدا کان آهن. پر سيني وقعن مان ثابت ٿئي ٿو، ته اسلام کان اڳ واري زماني ۾ اهي هندستان جا ئي ماڻهو هئا، جي پنهنجي ملڪ جي پيداوار کي عرب جي ساموندي ڪناري تائين آڻيندا هئا، ۽ نه اهو ته عرب واپاري انهن جي ڳولها ۾ هندستان ويندا هئا. جنهن وقت يمن جي بندرگاهن کان هندستان ڏانهن جهاز وڃڻ لڳا، ته اهو زمانو آنحضرت صلي الله عليه وسلم جي بعثت جي تمام ويجهو هو. (3) ٻئي هنڌ لکيو اٿس ته: هجري سن جي شروعات کان ئي عربن هندستان ۾ اچڻ شروع ڪيو هو. جهازن جون قطارون، عمان ۽ بحرين کان نڪري، سنڌو نديءَ تائين پهچنديون هيون. (4)

سنڌ ۽ هند سان عربن جا تعلقات ٻن رستن سان هئا، جن مان هڪ بري، ۽ ٻيو بحري هئا. بري رستو ڪاروانن جي ذريعي سمرقند،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دمشق ۽ بغداد وغيره (مشرق جي وڏن شهرن) کان ٽيندو، ايران ۽ ڪشمير لنگهي، سنڌ ۾ پهچندو هو. جيڪي واپاري بحري سفر پسند ڪندا هئا، اهي ايراني نار جي بندر سيران وغيره يا عربستان کان ٽي، ڳاڙهي سمنڊ جي بندرن خاص طرح سان عدن کان روانا ٿيندا هئا. (5) اتان کي ٻيڙا آفريڪا ۽ حبش ويندا هئا، ۽ کي اتان سمنڊ جو ڪنارو وڻي حضر موت، عمان، بحرين ۽ عراق جي ڪناري کي طئي ڪري، ايراني نار کان لنگهي يا ته بلوچستان جي بندرگاهه "تيز" ۾ لهي پوندا هئا يا وري اڳتي وڌي سنڌ جي بندرگاهه ديبل ڏانهن هليا ويندا هئا. پوءِ اڳتي وڌي گجرات ۽ ڪاٺياواڙ جي بندر گاهه ٿانه (بمبئي) ۽ ڪمبايت (ڪنيات) هليا ويندا هئا. (6)

عرب ۽ عربي زبان جي سنڌ سان گهاڻي تعلق جي ثابتي، هندن جي مذهبي ڪتابن مان به ملي ٿي. سوامي دياننڊ سرسوتي، ستيارٿ پرڪاش جي يارهين سملاس (پرو پهريون، اڌ ياءِ 147) ۾ لکيو آهي ته: "مهاپارت ۾ جڏهن ڪورون لاڪ جو گهر ناهي، پانڊون کي ان ۾ ساڙي پسم ڪرڻ جو خيال ڪيو، ته ودرجيءَ يڏشٽر کي عربي زبان ۾ ٻڌايو، ۽ هن ڪيس عربي زبان ۾ ان جو جواب ڏنو." (7) جيڪڏهن اها ڳالهه صحيح آهي، ته پوءِ چئبو ته سنڌ ۽ هند جا عرب دنيا سان تمام قديم زماني کان تعلقات هئا.

سنڌ ۽ هند جي واپار ۽ پيداوار کي عربن جي نگاهه ۾ جيڪا اهميت حاصل هئي، ان جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو ته حضرت عمر رضه هڪ عرب سياح کان پڇيو ته "هندستان بابت تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟" ان تي هن تن مختصر فقرن ۾ جواب ڏنو "سندس درياهه موتي آهن، سندس پهاڙ ياقوت آهن ۽ سندس وڻ عطر آهن." (8)

موهن جي دڙي مان جيڪي شيون مليون آهن، اهڙيون عراق جي دڙن مان به هٿ آيون آهن. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌ ۽ عرب دنيا جي وچ ۾ واپار هلندڙ هو. عرب طبعي حالتن مطابق تمام قديم زماني کان واپاري آهن. هو قديم زماني کان واپار سانگي سنڌ ۾ ايندا هئا. چوٿين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صدي عيسويءَ ۾ ايران جي ساساني بادشاهن، عربن جي واپار کي روڪي ڇڏيو هو، پر ساسانين جي زور ٽٽڻ کان پوءِ عربن وري واپاري تعلقات قائم ڪري ورتا، توڙي جو ايرانين، هندستاني راجائن کي مشيرائي عربن جي سلون هلندڙ واپار ۾ ساموندي ڦورن ذريعي رندڪون وجهرايون هيون.

اسلام کان پوءِ، عرب طاقتور ٿي ويا ۽ بنا خطري، سنڌ، هند ۽ چين سان واپار ڪرڻ لڳا. ان وقت ۾ پڻ هندستاني رجائن، سنڌ ۽ هند جي بندرن، خاص طرح سنڌ جي ديبل، گجرات جي "بڙوچ" ۽ بمبئيءَ جي "ٺانہ" ۾ عربن لاءِ خطرو پيدا ڪري وڏو هو. پر هو انهن تڪليفن سان منهن ڏيئي، بنا خطري واپار ڪندا رهيا. سن 15هـ ۾، حضرت عمر جي زماني ۾، عمان جي گورنر عثمان ابي العاص، هڪ فوج مٿين بندرن ڏانهن موڪلي، خطرو دور ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ هندستاني راجائن، باهرين ٻيڙن تي 10 سيڪڙو ڊل مڙهي ڇڏي. حضرت عمر ان تي اعتراض وٺڻ جي بدران، بصره ڏانهن ايندڙ هندستاني ٻيڙن تي 10 سيڪڙو ڊل وجهي ڇڏي. حضرت عمر جي وفات کان پوءِ عربن جي طاقت کي ڏڪ لڳو، جنهنڪري هندستاني ڦورن عربن جا ٻيڙا ڦرڻ شروع ڪري ڏنا. سنہ 705ع ۾ جڏهن وليد اموي خليفو ٿيو، تڏهن هن حجاج کي عراق، ايران، مڪران ۽ بلوچستان يعني حڪومت جي مشرقي حصي تي نائب مقرر ڪيو. هن هندستان جي ٻيڙن سان تعلقات اڃا به وڌيڪ مضبوط ڪيا. عرب واپاري ايندا ويندا رهيا، پر سنڌ ۽ هند جي اڪثر ڪنارن سان ساموندي ڦورو سندن جهازن تي ڏاڙا هڻندا رهيا. سومنات ۽ ڪڇ ساموندي ڏاڙيلن جي سڀ کان وڏي پناهگاهہ هئا. (9) آخر انهن ڦورن جي ڦرين، عربن کي سنڌ تي حملو ڪرايو ۽ 92-93هـ (711ع) ۾ عربن سنڌ فتح ڪئي. ان کان پوءِ سنڌ ۽ عرب جا تجارتي، علمي ۽ ثقافتي تعلقات هيڪاري وڌي ويا. نہ فقط ايترو، پر ڪيترا عرب سنڌ ۾ رهي پيا ۽ سنڌي ٿي ويا، ۽ ڪيترا سنڌي عربستان ۾ وڃي رهيا، جن اتي علمي ۽ ادبي ميدان ۾ چڱو نالو ڪڍيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملتان به پهريائين سنڌ جو ئي حصو هوندو هو، پر پوءِ ملتان جي حڪومت جدا قائم ٿي ويئي. سنہ 202 هـ (902ع) ۾ قريش قبيلي جي شاخ بنو سامہ، جا حڪمران مامون جي زماني کان معتصم جي دور تائين سنڌ جي شهر "سندان" جا حاڪم رهيا. پوءِ انهن ملتان تي قبضو ڪيو. 387هـ ۾ اسماعيلين هن خاندان جي حڪومت جو خاتمو آندو. عباسي خليفي القادر بالله (381-422هـ) جي ڏينهن ۾ ملتان تي دائود بن نصر قرمطي حڪمران هو. 401 هـ ۾ سلطان محمود غزنويءَ مٿس حملو ڪري، سندس حڪومت ختم ڪئي. (10)

سنڌ ۾ عربن جي حڪومت

سنڌ فتح کان پوءِ اٽڪل سوا سؤ ورهيہ دمشق ۽ پوءِ بغداد جي ماتحت رهي. بنو اُميہ دؤر ۾ سنہ 96هـ (714ع) کان بنواُميہ جي زوال تائين، سنڌ تي 9 گورنر رهيا. عباسي خليفي ابوالعباس سفاح (132-136هـ) جي ڏينهن ۾ موسيٰ بن ڪعب تميمي پهريون گورنر ٿي آيو. ان کان پوءِ وقت بوقت مرڪزي حڪومت طرفان الڳ الڳ گورنر مقرر ٿي ايندا رهيا. ڪل 29 گورنر ٿيا.

خليفي متوڪل جي ڏينهن ۾ عمر بن عبدالعزيز هباري سنڌ جو والي هو. هن خليفي جي نالي ماتر اطاعت قائم رکي، خود مختيار حڪومت قائم ڪئي ۽ هباري سلطنت جو بنياد وڌائين. مرڪزي حڪومت جي ڪمزور ٿيڻ کان پوءِ سندس پٽ عبدالله بن عمر سنہ 270 هـ (883ع) ۾ سنڌ جي حڪومت تي قبضو ڪيو. هن 'بانيہ' بدران 'منصوره' کي سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ بنايو، جو پوءِ مستقل طرح سندس اولاد جي گاديءَ جو هنڌ رهيو. (11) آخر 401هـ (1010ع) کان پوءِ سنڌ جي سومرن هٿ جي حڪومت جي پڇاڻي آندي.

عربن جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ حڪومت جو نظام

عربن جو سنڌ ۾ مستقل حڪومتي نظام ۽ فوجي چانوڻيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هيون. منصوره جي فوجي طاقت بابت، مسعوديءَ لکيو آهي: "منصوره وارن جو ميدن (جيڪا سنڌ جي هڪ قوم آهي) سان لڙايون هلنديون اچن ٿيون. بادشاهه وٽ 80 جنگي هاٿي آهن. قاعدو آهي، ته جنگي هاٿيءَ سان 500 پيادا هوندا آهن. انهن مان ٻه هاٿي نهايت مشهور بهادر ۽ لڙاکو آهن، جن مان هڪ جو نالو "منصر قلس"، ۽ ٻئي جو "حيدره" آهي." (12)

اسلامي تعليم

سنڌ ان زماني ۾ ممتاز عالم پيدا ڪيا، جن مختلف علمن جهڙوڪ: حديث، تفسير، نحو، ادب، فقه ۽ شعر توڙي شاعري ۾ وڏو درجو حاصل ڪيو. منصوره علم ۽ فضل جو مرڪز هو. بشاري مقدسي لکيو آهي:

"مسلمانن ۾ گهٽو ڪري اهل حديث آهن. مون هتي قاضي ابو محمد منصوريءَ کي ڏٺو، جو داؤدي هو ۽ پنهنجي مذهب جو اُمام هو. ڪيس حلقهء درس هو ۽ سندس تصنيفون آهن، جي تمام سٺيون آهن. وڏن شهرن ۾ حنفي فقيهه ٻه آهن، پر هتي مالڪي ۽ حنبلي ڪونهن، ۽ نه وري معتزلائي آهن. (هتي جا ماڻهو) سڌي ۽ صحيح مسلڪ تي آهن. منجهن نيڪي ۽ پاڪدامني آهي.(13)

سيد سليمان ندوي ان تي لکيو آهي:

"انهيءَ پراڻي زماني ۾ هتي اهل حديث جو هجڻ وڏي حيرت انگيز ڳالهه آهي. داؤدي فرقي مان مراد داؤدي بوهرا نه آهي، پر امام داؤد جا پيروڪار مراد ورتل آهي، جي هڪ قسم جا اهل حديث ئي هئا." (14)

نئين تهذيب

عربن ۽ سنڌين جي ميل جول سبب هڪ نئين تهذيب وجود ۾ آئي. عرب سياحن ۽ مؤرخن جي بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ رهندڙ عربن سنڌين جي تهذيب ۽ تمدن کي پنهنجو بنايو. ابن حوقل منصوره جي رهاڪن بابت لکيو آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"هتي مسلمانن ۽ هندن جو لباس هڪ ئي نموني جو آهي. وارن ڇڏڻ جو به هڪ ئي طريقو آهي. اهڙيءَ ئي طرح ملتان وارن جو نمونو آهي. منصوره، ملتان ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ عربي ۽ سنڌي ڳالهائي وڃي ٿي." (15)

بشاري مقدسي منصوره جي رهاڪن بابت لکيو آهي:

"هتي جا رهاڪو لائق ۽ بامروت آهن. کين اسلام جي تازگي حاصل آهي. هتي عالم تمام گهٽا آهن، جن ۾ ذهانت ۽ ذڪاوت آهي، نيڪي ۽ خيرات ڪندا آهن." (16)

منصوره بابت ابن حوقل، مقدسي وغيره جو جيڪو بيان آهي. (17) ان مان منصوره جي اخلاقي ۽ معاشي حالت هن طرح بيان ڪري سگهجي ٿي:

"هتي ڪيترين ئي منزلن وارا گهر آهن. بدڪاري ۽ شراب خوري ڪانهي. سرسبزي ۽ دولت آهي. واپار جي حالت به سٺي آهي. تڪلف نمايان آهي. حڪومت منصفانه آهي. بازار ۾ ڪابه عورت سينگاريل ڪانه ملندي ۽ نه ڪوبه ساٿس ڪليو ڳالهائي سگهندو. زندگي عيش ۽ مسرت، خوش دلي ۽ مروت جي آهي. جسم ۾ تندرستي آهي، پر شهر گندو آهي. گهر سوڙها آهن. هوا گرم ۽ خشڪ آهي. ماڻهن جو رنگ ڪٽڪ ونو ۽ سانورو آهي."

منصوره جي واپارين بابت بشاري مقدسي لکي ٿو:

"هتي سمورا واپاري رهن ٿا. انهن جي زبان سنڌي ۽ عربي آهي." (18)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عرب ۽ سنڌ جا تهذيبي ۽ تمدني تعلقات

مٿي مائٽي ۽ اصل نسل

سنڌ ۾ رهندڙ سادات، حضرت امام حسين رضہ جي صاحبزادي امام زين العابدين جي نسل مان آهن. امام زين العابدين جي والده عرب نہ هئي، ڪن مورخن ڪيس سنڌي سڏيو آهي. (19) اها تحقيق ابن قتيبہ جي آهي. هن وڌيڪ لکيو آهي تہ محمد بن علي زين العابدين جي ماءُ بہ سنڌي هئي. بيءَ هڪ معتبر روايت موجب علي الاصغر بن زين العابدين علي بن الامام حسين جي والده ماجده سنڌڻ هئي. (20) عراق جي نامياري گورنر مهلب بن ابي صغراءِ جي زوجہ سنڌڻ هئي، جنهن مان ڪيس مفضل ۽ عبدالملڪ بہ پٽ ٿيا. اُميہ خاندان جي سپهہ سالار ابن هبيره الغزاري جي ماءُ سنڌڻ هئي، جنهن جو نالو مائي "يلي" هو، جا نهايت خوبصورت عورت هئي. اهوئي رت جو لاڳاپو هو، جو جڏهن ابن هبيره کي خليفي منصور عباسيءَ مارايو، تڏهن سنڌ جي مشهور عربي شاعر ابو عطا سندس موت تي درد پريو مرثيو لکيو.

عباسي خلافت ۾ برمڪي خاندان کي ڪافي عرصي تائين حڪومتن جي ڪمن ۾ وڏو دخل رهيو. هنن کي سنڌ ۽ ان جي ماڻهن سان خاص دلچسپي هئي. هنن سنڌ مان پنڊتن کي گهرائي، پنهنجي دربارين ۾ جڳهہ ڏني. سنڌ جي عالمن، ماهرن ۽ طبيبن کي گهرائي بغداد جي دارالترجمہ ۽ شفاخانن ۾ مقرر ڪيو. مذهبن ۽ دوائن جي تحقيقات لاءِ سنڌ ۽ هند ڏانهن وفد موڪليا. (21) مولانا سيد سليمان ندوي انهيءَ دلچسپيءَ جي مد نظر ثابت ڪيو آهي تہ برامڪہ اسلام آڻڻ کان اڳ ٻڌڌرم جا پوڄاري هئا ۽ سندن اصل تعلق هندستان سان هو ۽ نہ ايران سان (22) يعني هنن جا وڏا اصل ۾ سنڌ جا هئا ۽ ٻڌ ڌرم جا پوڄاري هئا.

حنفي فقهہ جو باني حضرت امام ابو حنيفہ غير عرب هو. ڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محققن هن کي ايراني ڄاڻايو آهي ۽ کن کيس زط (جت) ڏيکاريو آهي. حقيقت هن طرح آهي ته قديم زماني ۾ ايران جي بادشاهه جو تسلط بلوچستان ۽ سنڌ جي کن حصن تي رهيو آهي، انهيءَ قبضي جي تعلق سان سنڌ جي کن جنگجو قبيلن جا فوجي دستا ايراني فوج ۾ داخل هئا. انهن قبيلن مان ٻن جو ذکر عربن کيو آهي: جت (زط) ۽ ميد. اهي ٻئي سنڌ جون مشهور قومون هيون.(23) ان مان ثابت ٿئي ٿو ته اگر حضرت امام ابو حنيفہ جا وڏا اصل ۾ زط آهن ته پوءِ پڪ سان سنڌ جا هئا.

سنڌي، عرب ملکن ۾

عربن جي سنڌ فتح کرڻ کا پوءِ پنهي ملکن جي وچ ۾ اچ وچ شروع ٿي. انهيءَ کري کيترائي عرب لڏي اچي سنڌ ۾ رهيا. عرب سياحن جي بيانن مان معلوم ٿئي ٿو ته ديبل، ملتان ۽ منصوره ۾ سنڌيءَ سان گڏ عربي ٻولي ۽ ڳالهائي ويندي هئي. ان کان سواءِ کيترائي سنڌي ۽ عرب ملکن ۾ وڃي پهتا.

سنڌي جڏهن عربستان پهتا، ته عربن انهن جي صلاحيتن ۽ لياقتن مان پورو پورو فائدو وٺڻ جي کوشش کئي. جيئن ته سنڌي ليکي چوکي ۽ حساب کتاب ۾ پڙ هوندا هئا، انهيءَ کري وڏا عرب واپاري حساب کتاب لاءِ سنڌي منشي ملازم رکندا هئا.(24) کيترن سنڌين عرب دنيا ۾ فوجي زندگي ۽ اختيار کئي. انهن مان ابوالخصيب مرزوق بن ورقاءِ مشهور ٿي گذريو آهي، جو خليفي منصور جي عهد ۾ مشهور جرنيل هو. جنهن عباسي حڪومت لاءِ طبرستان فتح کيو. سنڌ جي سيابجه قبيلي جي ماڻهن کي خوشيءَ سان فوج ۾ پرتي کيو ويندو هو، ۽ کين جيل جي نظرداريءَ جو کم ۽ واپاري ٻيڙن جي سنيال جو کم سپرد کيو ويندو هو. سنڌي نہ فقط عربن جي سنڌ فتح کرڻ کان پوءِ، عرب دنيا ۾ لڏي وڃي ويٺا، پر اهڙا ۽ حوالا ملن ٿا، جن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي، صحابہ جي زماني ۾ يعني پهرين صدي هجريءَ ۾ ۽ سنڌ مان لڏي وڃي عراق ۾ آباد ٿيا. سنڌين جو هڪ قبيلو جت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(زط) پهرين صدي هجري ۾ لڏي وڃي بصره جي پرسان بطلاع ماڻڻيءَ ۾ ويٺو ۽ زراعت جو پيشو اختيار ڪيائين.(25) پوءِ انهن کي انطاڪيه ڏانهن موڪليو ويو. هي ئي ماڻهو هئا، جن عراق ۽ شام ۾ مينهون آندیون. (26) اهي جت بهادر سپاهي به هئا ۽ منجهائن کي حاذق حڪيم به هئا. امام بخاري (المتوفي 256 هـ) لکيو آهي ته:

هڪ دفعي ام المومنين حضرت عائشه بيمار ٿي پيئي. سندس ڀائڻن هڪ جت طبيب کي علاج لاءِ گهرايو. (27)

ان کان سواءِ ڪيترا طبيب، دوا فروش، سِڪي ساز، بزاز، بورچي ۽ پيلوان به عرب دنيا ۾ وڃي آباد ٿيا. سيني دوا فروشن سان گهٽو ڪري سنڌي ڀائيوار هئا، جن کي ٻوٽين، پَسار ۽ بيمارين جي پوري واقفيت هئي. سنڌي بورچين جا به پلاءَ تمام گهٽو مشهور ٿيا، هڪ ليمويه ۽ ٻيو مهلبيه. مهلبيه پلاءُ، مهلبي گورنرن جي نالي پٺيان شايد سڏيو ويو. مهلبي گورنرن جي نوڪرن اهو پلاءُ دمشق ۽ بغداد ۾ مروج ڪيو هوندو.

سنڌي پيلوان چوڪرا، پنهنجي چالاڪين ۽ اٽڪلن سان هاڻين جا عجيب ڪرتب ڏيکارينداهئا. هڪ شاعر چيو آهي: (28)

هٰذا السندي لا اصل ولا طرف
يكلم الفيل تصغيد او تصويبا

ترجمو:

سنڌي جُتيون

سنڌ جي جُتين جو عرب دنيا ۾ ڏاڍو قدر هوندو هو.

بشاريءَ جو قول آهي ته: "ڪنبايت جون جتيون، جي منصوره (سنڌ) کان عباسي حڪومت جي تخت گاهه بغداد کان ويندیون هيون، تن جو ڏاڍو قدر ٿيندو هو." (29) امام احمد بن حنبل (المتوفي 241هـ) جو قول آهي ته: "سنڌ جون جتيون اهڙيون ته خوشنما ۽ پيڪيدار ٿيندیون هيون، جو سنجيده ماڻهو اهي پائڻ پسند نه ڪندا هئا، اهي فقط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شهزادن جي پائڻ جي قابل سمجهيون ويندیون هيون." (30)

سنڌي پنهنجي عربي دانيءَ جو فائدو وٺي، انهن جتين تي ڪنديءَ سان عربي شعر لکندا هئا، انهن مان هڪ شعر هي آهي: (31)

"جعلت ضدي له ارضا- فقلت طامن فوقها و ارضا
فقال "لا" قلتا: يلي سيدي- صبر اعليٰ الحب و آن مظيٰ."

(مان پنهنجا ڳل هن جي اڳيان وڇايا ۽ چيم ته هن جي مٿان پير گهماءِ. هن چيو ته نه. مون چيو ته "ها، منهنجا سائين" هي محبت سببان ڪر، جيتوڻڪ اها پراڻي ٿي ويئي آهي.)

جاحظ پنهنجي زماني جو ذڪر ڪندي لکيو آهي: "بصره، بغداد، فارس، اهواز، بلڪ سڄيءَ دنيا ۾ سنڌي جتين جو مان ٿي ويو آهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مشهور سياح، مؤرخ، جاگرافيدان ۽ ليکڪ

1. جاحظ (وفات: 255هـ - 864ع)

جاحظ جو نالو عمر بن محبوب، ڪنيت ابو عثمان، لقب جاحظ ۽ وطن بصرو آهي. عربي زبان جو بي مثال انشاپرداز، صاحبِ طرز اديب، فلاسافر ۽ متڪلم هو. نهايت ذهين هو، تقرير ۽ تحرير ۾ تيز هو. مسعوديءَ جو بيان آهي تہ، اڳين ۽ پوين ۾ جاحظ جهڙو فصيح ۽ اديب نہ گذريو آهي. ابو هفان جو چوڻ آهي تہ، ان کان وڌيڪ علم ۽ فن جو شائق، مون ڪنهن کي نہ ڏٺو ۽ نہ ٻڌو. هو ننڍن وڏن ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف ۽ عباسي سلطنت ۾ اديبن ۽ انشا پردازن جو امام سمجهيو ويندو هو. ان جي مشهور ڪتابن مان "البيان والتبيين"، "ڪتاب الحيوان"، "ڪتاب انتاج" ۽ ٻيا رسالا آهن، جي ڇپيل آهن، ۽ جن ۾ فرضي مناظرا آهن. ابن خلدون ڪتاب "البيان والتبيين" متعلق لکيو آهي تہ اسان جي درسگاهن جا استاد، ان کي ادب جي فن جي ڇهن اهم ۽ امهاتِ ڪتب مان شمار ڪن ٿا. بصري جي رهاڪو هجڻ جي ڪري هندستان سان سندس تعلقات هئا. سندس ڪتاب "البيان والتبيين" ۾ هندستان جي اصول بلاغت تي ڪجهہ سٽون آهن ۽ رسالن مان هڪ ۾ هندستان جي ڪن خوبين ۽ خصوصيتن جو ذڪر آيل آهي. هي ڪتاب مصر مان شايع ٿي چڪو آهي. جاحظ فالج جي بيماريءَ ۾ 255هـ مطابق 864ع ۾ وفات ڪئي. انهيءَ لحاظ کان هي عربيءَ جو سڀ کان قديم مصنف آهي، جنهن پنهنجي تصنيف ۾ هندستان جو ذڪر ڪيو آهي.

2. ابو زيد حسن سيرافي

ايراني نار جي مشهور بندرگاهہ "سيراف" جو رهاڪو هو، انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري "سيرافي" سڏيو ويندو هو. عرب واپاري هو، ۽ سيراف، سنڌ ۽ هند جي وچ ۾ ساموندي تجارتي سفر ڪندو هو. سليمان تاجر جو سفرنامو پڙهي، ان جي تڪملہ لکيائين. سياح مسعودي سنہ 300ھ ۾ ساڻس "سيراف" ۾ مليو. سندس ڪتاب ۾ 264ھ جو سن ملي ٿو. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ، هو ٽين صدي جي آخر ۽ چوٿين صدي هجريءَ جي شروع جو هو. هن پنهنجي سفرنامي ۾ سنڌ ۽ هند جي ريتن رسمن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ راجائن جو ڪجهہ احوال بہ ڏنو اٿس. ملتان جي مندر جو ذڪر بہ ڪيو اٿس، تہ بُڈ ڌڪشن جو احوال بہ آندو اٿس. مردن جي زيورن پائڻ جو بيان بہ ڏنو اٿس تہ، ستي لڪڙي جو احوال پڻ ڏنو اٿس. اڪيلي ڪائڻ جو ذڪر بہ ڪيو اٿس. اهڙيءَ طرح هتي جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ جون ڪيتريون ئي ڳالهيون بيان ڪيون اٿس.

3. سليمان تاجر

عرب سياحن مان سليمان تاجر پهريون سياح آهي. جنهن جو سفرنامو اسان تائين پهتو آهي. هو هڪ واپاري هو، جيڪو عراق جي بندر کان چين، سنڌ ۽ هند طرف ويندو رهندو هو. انهيءَ آمد و رفت ۾ هن سنڌ ۽ هند جي سڄي ساموندي ڪناري جو چڪر لڳايو. هن پنهنجو سفرنامو "سلسلہ التواريخ" جي نالي سان سنہ 237ھ (851ع) ۾ لکيو. ان مان معلوم ٿئي ٿو، تہ هو ٽين صدي هجري ۾ ٿي گذريو آهي. سندس ولادت ۽ وفات جون تاريخون ۽ وڌيڪ احوال ڪونہ ٿو ملي. سندس سفرنامو 1845ع ۾ پهريون پيرو پيرس مان فرينچ ترجمي سان ، فرانسيسي عالم رينو (Reinow) جي تنقيدي مقدمي سان ڇپيو. پنهنجي سفرنامي ۾ هن سڃاڻ سوداگر ۽ سياح، سنڌ ۽ هند جي تهذيب ۽ تمدن، معاشرت ۽ سياست، راجائن ۽ حڪمرانن بابت ڏڏل ۽ ڏڏل ڳالهيون لکيون آهن. ان سان گڏ سنڌ، هند ۽ چين جي سماجي ۽ اقتصادي. معاشي ۽ معاشرتي حالتن جي پيٽ ڪري سنڌ ۽ هند کي مٿانهون مقام ڏنو اٿس. جيئن تہ سندس معلومات ذاتي مشاهدي، محققانہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پرک ۽ پروڙ جو نتيجو آهي، تنهنڪري سندس احوال کي وڏي تاريخي اهميت آهي. ساموندي سفر دوران هو سنڌ جي بندرگاهن وٽان ضرور لنگهيو هوندو، پر هو سنڌ ۾ اندر آيو ڪونہ ٿو پائنجي. ان هوندي بہ سندس سفر نامي ۾ سنڌ جي ثقافت جا نشان ملن ٿا. جن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

سنڌ ۽ هند جي راجائن جو ذڪر ڪندي ڏيکاريو اٿس، تہ هڪ "رهمي جو راجا" هوندو هو. جنهن جي گجرات جي راجا سان لڙائي ٿيندي رهندي هئي. (32) سفر نامي ۾ جاڻايل آهي، تہ سنڌ، هند ۾ جڏهن چور هڪ پيسو يا ان کان مٿي چوري ڪندو هو، تہ کيس سزا اها ڏني ويندي هئي، جو هڪ نوڪدار ڪتل ڪائيءَ تي ان کي ويهاريو ويندو هو، اها ڪائي ان ماڻهوءَ کي هيٺان داخل ٿي، نڙيءَ کان نڪري ايندي هئي. (ص 54) اهو رواج پائنجي ٿو تہ سنڌ ۾ موجود هو ۽ انهيءَ رواج تان سنڌي زبان ۾ هيءَ چوٽي جُڙِي آهي تہ، "ڪاني ٿي". سيد سليمان ندوي مرحوم ڏيکاريو آهي، تہ اهو ڏاڪا جي راجا جو ذڪر آهي. اهو اندازو درست معلوم نہ ٿو ٿئي، ڇاڪاڻ جو گجرات ۽ ڏاڪا جي وچ ۾ وڏو مفاصلو آهي. ان زماني ۾ ايڏي وڏي مفاصلي تي وڙهڻ ناممڪن آهي. اهي پاڙيسري راجائون هجڻ گهرجن. معلوم ايئن ٿو ٿئي، تہ هي ڪو ٿر يا سنڌ جي هيٺاهين حصي جو راجا هو. ڇاڪاڻ جو هيٺاهين حصي ۾ "راهمڪ" ۽ "راهمڪي" بازار نالي شهر بہ آهن.

"راهما" هڪ ذات بہ آهي. تاريخ معصومي مان معلوم ٿئي ٿو تہ مرزا شاهہ حسن ارغون ۽ جام فيروز جي وچ ۾ آخري لڙائي ڇاڇڪن ۽ راهمن ڳوٺن وٽ لڳي هئي.(33)

راهمڪي بازار نالي شهر اڄ بہ موجود آهي، جيڪو "ڏيپلو" جي هيٺان سمنڊ جي ڪناري تي آهي، ۽ "راهما" ذات آهي، جا سمن جي شاخ آهي. هن ذات جا ماڻهو سڄي ٿر ۾ خاص طرح سان ڪاٹر ۽ ڏيپلي تعلقي ۾ گهڻا رهن ٿا. (34)

اهي اهجاڻ ثابت ڪن ٿا تہ، "رهميءَ جو راجا" سمو حڪمران

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو، جيڪو ٽر ۽ هيٺاهين سنڌ تي حڪمراني ڪندو هو، انهيءَ حالت ۾ هو گجرات جي راجا جو دنگئي ٿي سگهي ٿو. هوڏانهن اها به تاريخي حقيقت آهي ته، سنڌ جي حڪمرانن جون گجرات جي راجائن سان لڙايون لڳندوين رهيون آهن.

سليمان تاجر "رهمي" جي راجا جي لشکر جي وڏي تعريف ڪئي آهي. لکيو اٿس ته، 'سندس لشکر ۾ اٽڪل 5 هزار ماڻهو هوندا هئا. هو فقط سواري جي موسم ۾ لڙي سگهندو هو. چاڪاڻ جو هاٿي اُڃ برداشت ڪري نه سگهندا هئا.' وڌيڪ لکيو اٿس ته ، "هن ملڪ کان وڌيڪ سٺا ڪپڙا ڪٿي به نه ٿيندا آهن. سوٽي ڪپڙو ايڏو ته نفيس ۽ باريڪ ٿيندو آهي، جو منڊي جي حلقي ۾ آساني سان سمائجي سگهندو آهي. اهڙي نموني جا ڪي ڪپڙا مون پاڻ ڏٺا." (ص 5) پائنجي ٿو ته اهو ململ جو ذڪر آهي، انهيءَ ڪري ئي سيد سليمان ندوي مرحوم به ڏيکاريو آهي، ته اهو راجا ڏاڪا جو هو. چاڪاڻ جو ڏاڪا جي ململ به مشهور هئي، پر اها به تاريخي حقيقت آهي ته، سنڌ ۾ به تمام سنهي ۽ نفيس ململ تيار ٿيندي هئي، جيڪا باهر به موڪلي ويندي هئي. ان ململ کي باهرينءَ دنيا ۾ سڏيو ٿي "سنڌن" ويندو هو . سنڌ جي ململ ٿي مصر ۾ لاشن کي محفوظ ڪرڻ ۾ استعمال ڪئي ويندي هئي.

هن سفر نامي ۾ هندن جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن جو ڏس پتو به ڏنل آهي، جيڪي ننڍي کنڊ جي سيني هندن ۾ رائج هيون. مثلاً،

1. سڄي هندستان ۾ لاش کي باهه ۾ ساڙيو ويندو هو.
2. عورت کي جيئري سندس مڙس جي لاش سان گڏ ساڙيو ويندو هو.
3. هندن جو جڏهن کو عزيز مري ويندو آهي ته ان جا مائٽ ڏاڙهي ۽ مٿو کوڙائيندا آهن.
4. جانورن کي ذبح ڪري نه کائيندا آهن، پر جهاٽکو ڪري کائيندا آهن.
5. نيرن کان اڳ ڏندڻ ۽ تڙ ضرور ڪيو ويندو آهي.
6. مرد ڏوتي ٻڌندا آهن ۽ عورتون ساڙهي پائيندڙون آهن.
7. مرد توڙي عورتون سون ۽ جواهرن جا ڪنڊل ۽ ٻيا زيور پائيندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

8. شاديءَ جي موقعي تي طبل ۽ جهانجهه وڄايا ويندا آهن. جيتري قدر ٿي سگهي ڪنواريتا مال ۽ دولت ڏيندا آهن.
9. سفر نامي مان معلوم ٿئي ٿو تہ، ڪن هنڌ ڪارو ڪاري جي رسم ۾ موجود هئي.
10. ملزم کي قسم طور ٻاهه ڪڍڻ لاءِ چيو ويندو آهي، ڇا ڪيو ويندو آهي، جو ملزم جي هٿ تي ست پن رکي گرم لوهه رکيو ويندو آهي. ان کان پوءِ هو اڳتي پوئتي هلندو آهي ۽ پوءِ لوهه کيرائي ڇڏيندو آهي. ان بعد چمڙي جي ٿيليءَ ۾ ملزم جو هٿ وجهي، ان تي بادشاهي مهر لڳائي ويندي آهي. ٽن ڏينهن کانپوءِ سندس هٿ کولي ڪيس چيو ويندو آهي تہ سارين مان چانور ڪڍ، جيڪڏهن ان کي جي ڪري سندس هٿ تي ڪو بہ اثر نہ ٿيندو آهي، تہ هن کي سچو سمجهيو ويندو آهي ۽ ڪيس سزا ڏيڻ جي بدران مدعي تي هڪ سير سون ڏنڊ رکيو ويندو آهي، جيڪو راجا کڻندو آهي. ڪڏهن وري ٿهڪندڙ پاڻي ۾ منڊي وجهي ملزم کي اما منڊي ڪيڻ لاءِ چيو ويندو هو. جيڪڏهن سندس هٿ تي ڪو بہ اثر نہ ٿيندو هو تہ هو سچو سمجهيو ويندو هو. (35)

4. بلاذري (وفات: 279ھ - 892ع)

ابو جعفر احمد بن يحيٰ بن جابر بن دائود بغداد ۾ پيدا ٿيو. المدائني ۽ ابن سعد جو شاگرد هو. عباسي خليفي متوڪل جو نديم هو. چون ٿا تہ، هن هڪ ٻوٽي "بلاذر" کاڌي هئي، انهيءَ ڪري چريو ٿي پيو هو. ڪن مؤرخن انهيءَ واقعي کي سندس ڏاڏي جابر ڏانهن منسوب ڪيو آهي. "فتوح البلدان" نالي ڪتاب لکيائين، جنهن ۾ سنڌ بابت ڪجهه معلومات ملي ٿي. ان کانسواءِ ٻيا ڪتاب بہ لکيائين. سن 279ھ (892ع) ۾ وفات ڪيائين.

5. ابن فقيه

ابوبڪر احمد بن محمد بن اسحاق بن ابراهيم همداني. ڪنيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ابوعبدالله، ابن فقيهه جي نالي سان مشهور آهي. ٽين صدي هجريءَ جو جاگرافيدان ۽ انشا پرداز آهي. ابن نديم ۽ ياقوت حموي سندس ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي. سندس بن ڪتابن جا نالا اسان تائين پهتا آهن: هڪ "ڪتاب البلدان" ۽ ٻيو "ذڪر الشعرءِ المحدثين". ڪتاب البلدان، خليفي معتصمد (وفات 279هـ) جي وفات کان پوءِ لکيائين. ان ۾ سنڌ ۽ هند جي درياءَ ۽ شهرن جو ذڪر آهي.

6. ابو حنيفه دينوري (وفات: 895ع)

ابو حنيفه بن دائود، همدان جي شهر "دينور" ۾ پيدا ٿيو، انهيءَ ڪري دينوري سڏيو ويو. علم جي تحصيل لاءِ اصفهان، عراق، شام، فلسطين ۽ حرمين شريفين تائين ويو. مؤرخ، لغت ۽ نحو جي ماهر جي حيثيت سان وڏي شهرت حاصل ڪئي. سن 895ع ۾ وفات ڪيائين. مختلف علمن ۽ فنن تي ڪتاب لکيائين. تاريخ جي لحاظ کان سندس ڪتاب "اخبار الطوال" مشهور آهي، جنهن ۾ عرب جي قديم قومن، ايران جي بادشاهن ۽ عباسي خليفن جو احوال ڏنل آهي. هن ڪتاب ۾ ٿورو سنڌ جو ذڪر به آيو آهي.

7. يعقوبي (وفات: 284هـ يا 287هـ)

احمد بن ابي يعقوب بن جعفر بن وهب بن واضح الڪاتب جي جواني آرمينيا ۾ گذري. ان کان پوءِ خراسان ۾ دربار طاهريءَ سان وابسته ٿيو. عباسي سلطنت ۾ انشا جي آفيس جو آفيسر هو. سنڌ، هند ۽ ٻين ملڪن جو سير سفر ڪيائين. آخر مصر هليو ويو، ۽ اتي سنه 284هـ يا 287هـ ۾ وفات ڪيائين. هي پهريون مورخ آهي، جنهن سڄي دنيا جي قومن جي تاريخ عربيءَ ۾ لکي آهي. ان سان گڏ ان ۾ مسلمانن جي فتوحات جو ذڪر به ڪيو اٿس. سندس ڪتاب ۾ مسلمانن جي انهن حملن جو ذڪر به آهي، جيڪي هنن سنڌ تي ڪيا. ڪتاب جو نالو "ڪتاب التاريخ" آهي. 1883ع ۾ هي ڪتاب ٻن جلدن ۾ لنڊن مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چپيو. هن ڪتاب ۾ انهن ڪتابن جو احوال ۽ لکيو اٿس، جيڪي سنڌ ۽ هند جي عالمن جا لکيل هٿ ۽ پوءِ عربيءَ ۾ ترجمو ٿيا. ان ڪتاب کان سواءِ جاگرافي بابت ۽ هڪ ڪتاب لکيائين، جنهن ۾ تاريخي مواد ملي ٿو.

8. ابن رسته

احمد بن عمر بن رسته، ڪنيت ابو علي، سنڌ ۾ ته ڪونہ آيو، پر سندس ڪتاب "الا علاق النفسيہ" ۾ سنڌ ۽ هند بابت معلومات ملي ٿي. اهو ڪتاب 290هـ (902ع) ۾ لکيائين .

9. ابن خردازبہ (جنم: 211هـ، وفات: 300هـ - 912ع)

سندس نالو عبيدالله، ڪنيت ابوالقاسم، پيءُ جو نالو عبدالله، ڏاڏي جو احمد ۽ پڑ ڏاڏي جو خردازبہ هو. سندس اصلي وطن خراسان ۽ مسڪن بغداد هو. سندس پڑڏاڏو خردازبہ مجوسي هو، پر برامڪ جي هٿ تي مسلمان ٿيو. ابن خردازبہ عباسي خليفي معتد جي ڏينهن ۾ ٽپال ۽ مخفي اطلاعات ڪاتي جو آفيسر هو ۽ ان جي خاص مصاحبن ۽ نديمن ۾ شمار ٿيندو هو. ڪيترائي ڪتاب لکيائين، پر سندس مشهور ۽ مطبوعه "المسالڪ والممالڪ" آهي، جو عربيءَ ۾ جاگرافيءَ جو پهريون ڪتاب آهي. نوڪريءَ جي لحاظ کان، جيئن ته هن جو ڪم باهرين ملڪن سان هو، تنهن ڪري بغداد کان مختلف ملڪن جي مفاصلي ۽ آمد رفت بابت ڪتاب لکيائين. هن ۾ سنڌ ۽ هند جي بري ۽ بحري رستن جو.تفصيل سان بيان ڪيو اٿس. ان کان سواءِ هتان جي ڪجهہ تاريخي معلومات بہ ڏني اٿس. هو پاڻ ته سنڌ ۾ ڪونہ آيو، پر سندس معلومات، ڪاتي جي سرڪاري رپورٽن تي ٻڌل آهي، انهيءَ ڪري سندس اها ذاتي معلومات پڻ هڪ سياح جي معلومات جي برابر آهي. ابن خردازبہ هي ڪتاب ٽين صدي هجريءَ جي وچ ڌاري لکيو. سندس ولادت 211 هـ (826ع) ۽ وفات 300هـ (912ع) جي قريب ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

10. بزرگ بن شهر يار

جهازران هو، جيڪو پنهنجا جهاز عراق جي بندرگاهه کان سنڌ ۽ هنڌ جي بندرگاهن تائين آڻيندو هو. ان کان پوءِ چين ۽ جپان تائين ويندو هو. ٽين صدي جي آخر/ چوٽين صدي هجري جي اوئل ۾ ٿي گذريو آهي. هن "عجائب الهند" نالي ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ سنڌ ۽ هند بابت ڏنل ۽ ٻڌل واقعا لکيا اٿس. انهن مان قرآن شريف جي سنڌي ترجمي وارو واقعو وڏي اهميت رکي ٿو. سندس بيان آهي تہ، اتر سنڌ جي هڪ هندو راجا جي چوڻ تي منصوره جي هڪ عرب عالم، قرآن شريف جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو؛ ۽ هن اسلام جي تعليم بابت سنڌي زبان ۾ هڪ نظر ٻڌ لکيو. سندس ڪتاب 1886ع ۾ ليڊن ۾ چپيو. ان جو فرينچ ۽ انگريزي ترجمو بہ چپيو آهي.

11. مسعودي (وفات: 346هـ)

سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب متعلق عرب سياحن جي سفرنامن مان ڪافي مواد ملي ٿو. خاص طرح سان عرب سياحن جي ڪتابن مان تہ تمام گهڻي ۽ مستند معلومات حاصل ٿئي ٿي. ڄاڻڪاڻ جو تاريخ ۽ تحقيقات جي سلسلي ۾ عربن جي حيثيت مڃيل آهي. هنن هر ڳالهہ کي پرکي ۽ پروڙي، حق ۽ سچ لکيو آهي. انهن عرب سياحن مان ابوالحسن علي مسعودي جي حيثيت مڙني کان مٿانهين آهي، ڄاڻڪاڻ جو هو نہ فقط سياح آهي، پر هڪ مڃيل مؤرخ ۽ جغرافيہ نويس بہ آهي.

مسعوديءَ جو نالو علي بن حسين بن علي هو. سندس ڪنيت ابوالحسن هئي ۽ بغداد جو ويڙل هو. جيئن تہ سندس نسب جو سلسلو مشهور صحابي حضرت عبدالله بن مسعود سان وڃي ملي ٿو، انهيءَ ڪري "مسعودي" مشهور ٿيو. کيس سير و سفر جو تمام گهڻو شوق هو. پنهنجي زندگيءَ جا 25 سال سياحت ۾ گذاريائين. پنهنجي وطن بغداد کان سفر شروع ڪيائين ۽ عراق، شام، آرمينا، روم، آفريڪا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوڊان، حبش، سنڌ، هند ۽ چين جو سير وَسفر ڪيائين. چين، عرب، حبش، فارس ۽ روم جي درياڻن جو سير به ڪيائين، ته سنڌوندي‌ءَ جو به سير ڪيائين. آخري عمر ۾ مصر ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. سنہ 345هـ ۾ قسطاط ويو ۽ اتي 346هـ ۾ وفات ڪيائين. مسعودي‌ءَ جي ڪتابن مان جيڪا تاريخ ۽ جاگرافي‌ءَ بابت معلومات حاصل ٿئي ٿي، اها ڪانئس اڳ ٿي گذريل مؤرخن ۽ جاگرافي نويسن ۾ ڪونہ ٿي ملي. هن ڪيترائي مستند ۽ ضخيم تاريخي ڪتاب لکيا، پر افسوس جو سندس هِنَ وقت فقط ٻہ تاريخي ڪتاب ملن ٿا: هڪ "التنبيه والاشراف" جيڪو مختصر آهي ۽ ٻيو "مروج الذهب و معادن الجواهر" جيڪو نهايت پر معلومات ۽ ڪارائتو ڪتاب آهي ۽ "مروج الذهب" جڏ ته اسلام جي تاريخ آهي، جنهن جي مقدمي ۾ سڄي دنيا جي قومن جي تاريخ به ڏنل آهي، ته دنيا جي درياڻن جو احوال به مفصل آيل آهي. ان ۾ سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافي‌ءَ بابت به معلومات ملي ٿي، ته سنڌوندي‌ءَ بابت به صحيح معلومات حاصل ٿئي ٿي. سندس بيان مان هي‌ءَ عجيب ڳالهہ به معلوم ٿئي ٿي، ته جهڙي‌ءَ طرح موجوده دور ۾ ۽ جهازران ڪمپنين جا نالا ٿين ٿا. اهڙي‌ءَ طرح ان زماني ۾ به جهازن جي مالڪن جي نسبت سان ائنڊ برادرس، ائنڊ سنز جي نموني تي انهن جهازن جا نالا رکيا ويندا هئا، جيڪي هندي سمنڊ ۾ هلندا رهندا هئا. مسعودي‌ءَ پنهنجو مشهور ڪتاب "مروج الذهب" سياحت ختم ڪرڻ ڪانپوءِ 332هـ ۾ لکيو. 1871ع ۾ هي ڪتاب پئرس مان فرينچ ترجمي سان نَوَنِ جلدن ۾ شايع ٿيو. ان ڪانسواءِ مصر مان به ڪيترائي ٻيرا شايع ٿي چڪو آهي. مسعودي‌ءَ جي ٻئي ڪتاب "التنبيه والاشراف" ۾ به سنڌ بابت معلومات ملي ٿي. هي ڪتاب لنڊن مان 1894ع ۾ شايع ٿيو. ان جو به فرينچ ترجمو ڇپيو آهي.

مسعودي سنڌ ۽ هند کي جدا جدا ملڪ ڄاڻائي ٿو. ۽ ٻڌائي ٿو ته سنڌ اسلامي ملڪن کي ويجهي آهي. وڌيڪ لکيو اٿس ته هفت اقليم مان، اقليم ٻي، سنڌ، هند ۽ سوڊان تي مشتمل آهي. سنڌ جي ٻولي‌ءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بابت ڏيکاريو اٿس تہ سنڌي زبان هندي زبان کان مختلف آهي. سنڌ جي تاريخ جا اهجاڻ ٻڌائيندي سنڌ تي سڪندر جي حملي جو بيان ٻہ آندو اٿس ۽ ڄاڻايو اٿس تہ سڪندر وڃڻ وقت سنڌ جا سياڻا ۽ عالم پاڻ سان وٺي ويو هو.

هو سنڌو ندي کي تمام وڏو درياهہ ڏيکاري ٿو ۽ سنڌو درياهہ کي پرتي ڪندڙ پنجن ئي دريائن جا نالا بار بار ڪٽي ٿو ۽ اهو ٻہ ٻڌائي ٿو تہ انهن مان هر هڪ ڪٽان نڪري ٿو. هڪ ٻي جغرافيہ نويس جاحظ پنهنجي ڪتاب "الامصادر و عجائب البلدان" ۾ ڄاڻايو آهي تہ، سنڌ ۽ مصر جا درياهہ نيل نديءَ مان نڪرن ٿا، ڄاڪاڻ جو ٻنهي ۾ مانگر مڇ ٿين ٿا. مسعوديءَ، جاحظ جي انهيءَ مفروضي کي غلط ثابت ڪيو آهي ۽ ٻڌايو اٿس تہ سنڌو ندي ڪشمير جي چشمن مان نڪري ٿي ۽ ملتان کان ٿيندي، منصوره ۽ اروڙ وٽان لنگهي، سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. وڌيڪ ڏيکاريو اٿس تہ ملتان کان پوءِ ڪيس "مهراڻ" جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. سندس وهڪرو ڏيکارينديِ ٻڌائي ٿو تہ اروڙ وٽ هي درياهہ ٻن شاخن ۾ ورهائجي ٿو. اروڙ کي هو "الرور" لکي ٿو ۽ اهو منصوره جو ئي علائقو ٻڌائي ٿو.

هو سنڌ جون حدون تمام وسيع ڏيکاري ٿو. ملتان جي سفر جو احوال ٻڌائيندي، ڏيکاري ٿو تہ ملتان سنڌ جي حدن ۾ هو، نہ فقط ايترو پر ڏيکاريو اٿس تہ قنڌار جو راجا ٻہ سنڌ جي راجائن مان هو. ڪنيات شهر ۾ پڻ ويو هو، جنهن جي نالي پٽيان شاهہ لطيف جي رسالي ۾ سر ڪنيات آهي. هو ڪنيات کي ٻہ سنڌ جي اثر هيٺ ڏيکاري ٿو. ان کان سواءِ اهو ٻہ ٻڌايو اٿس تہ "قنوج" جي مشهور شهر کانسواءِ "قنوج" جي نالي سان هڪ شهر سنڌ ۾ ٻہ هو، جيڪو ملتان کان ٿورو اورتي هو. قنوج جي راجائن جو ذڪر ٻہ ڪيو اٿس ۽ ڏيکاريو اٿس تہ اتي جي راجائن جو لقب "بوورهہ" هو، ۽ انهيءَ نالي پٽيان هڪ شهر ٻہ هو. پائنجي ٿو تہ "بوورهہ" لفظ، سنڌي "پورو" لفظ جي عربي صورت آهي. انهن بيانن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جون حدون تہ وسيع هيون، پر جدا جدا حصن تي جدا جدا حڪمرانن حڪومت ٿي ڪئي.

ديبل سنڌ جو قديم بندرگاهہ هو، پر هينئر ان جو نشان ئي نہ ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملي ٿو. مسعوديءَ جي بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌو ندي منصوره جي علائقي "شاکره" ۾ ديبل کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي درياهه (سمنڊ) ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. "شاکره" ساکري جي بگڙيل صورت آهي. ۽ ساکرو اڄ به موجود آهي. يعني ديبل، ساکري کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي آهي.

منصوره جو مشهور ۽ مرڪزي شهر، عرب دؤر ۾ قديم شهر برهمڻ آباد جي پرسان آباد ٿيو. ان شهر بابت لکي ٿو، ته ان تي اهو نالو بنو اميه جي عامل، منصور بن جمهور جي نالي پٺيان پيو. منصوره ۽ ملتان جي وچ تي مفاصلو 75 سنڌي فرسخ ڏيکاري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته سنڌي فرسخ اٽن ميلن جو آهي. منصوره جي علائقي جي آباديءَ بابت سندس بيان آهي، ته ان ۾ 4 لک ننڍا وڏا ڳوٺ آهن ۽ آبادي مسلسل آهي؛ پوک ۽ وٽن جي به ڪثرت آهي. سنڌ جي قديم قوم ميد جو به ذڪر ڪيو اٿس، ته انهيءَ قوم جي ٻين قومن سان ويڙهه هلندي رهي ٿي. "ميد"، "ميديا" مان لڏي سنڌ ۾ آيا. اها ميديا جنهن کي سائرس اعظم فتح ڪري، ايران سان ملائي ڇڏيو هو. هينئر "ميد" بگڙجي "مهاڙ" ٿيو آهي.

مسعودي سنه 300هـ ۾ منصوره آيو، ان وقت منصوره جو حاڪم ابومندر بن عبدالله هباري هو، جيڪو هبار بن اسود جي نسل مان هو. هن منصوره ۾ وزير رياح ۽ منصوره جي حاڪم جي ٻن پٽن محمد ۽ علي سان ملاقات ڪئي. ان ڪانسواءِ حمزه نالي هڪ شخص سان به مليو، جيڪو عرب جي سادات ۽ اميرن مان هو. اتي ڪيس حضرت علي عليه السلام جي اولاد جو به وڏو تعداد نظر آيو، جيڪو عمر بن علي ۽ محمد بن علي جي نسل مان هو. اتي جي قاضي ابوالشوراب جو نالو به ڪنيو اٿس ۽ ڄاڻايو اٿس ته منصوره جي حڪمرانن ۽ ابوالشوراب جي گهراڻن ۾ مٺي مائٽي هئي. منصوره جي حاڪم جي لشڪر بابت ڄاڻايو اٿس ته ،سندس فوج ۾ 80 جنگي هاٿي هئا، جن سان 500 سؤ پياده فوج هوندي هئي؛ ان سان گڏ هزارين سوار به سندس فوج ۾ شامل هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هاٿين متعلق گهڻي معلومات آندي اٿس ۽ هاٿين جي لڙائيءَ جو نمونو به تفصيل سان سمجهايو اٿس. هاٿين جي خصلتن جو ذڪر ڪندي ڏيکاريو ٿو ته، هاڻي ٻلن کان ڊڄندا آهن، انهيءَ ڪري سنڌ جا حاڪم ۽ راجائون هاٿين جي حملي کان بچڻ لاءِ لشڪرن ۾ ٻلا ڇڏيندا هئا، ته هاڻي وڻي پڄندا هئا. ان سلسلي ۾ هڪ مثال ڏنو اٿس ته:

سنڌ جي علاقي ملتان ۾، "ازد" قبيلي جو آزاد ڪيل غلام هارون بن موسيٰ پنهنجي هڪ محفوظ قلعي ۾ رهندو هو. هو بهادر به هو، ته شاعر به هو. اتفاق سان ڪنهن هندو راجا سان سندس جنگ ٿي، جنهن جي لشڪر جي اڳيان هاڻي هئا. هارون جڏهن انهيءَ صف جي سامهون آيو ته هڪ وڏي هاٿيءَ جي اڳيان ٻلي کي ڪٽي ڇڏيائين، جيڪا پنهنجي ڪپڙن ۾ لڪائي آندي هئائين. ٻليءَ کي ڏسي هاڻي وڻي ڀڳو، جنهنڪري فوج کي شڪست ملي.

سندس بيان موجب انهيءَ ڏينهن ۾ هاٿين تي نالا به رکيا ويندا هئا.

منصوره جي حاڪم جي ٻن مڪيه هاٿين جا نالا، "منفرقلش" ۽ "حيدره" هئا، جن بابت هند ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ عجيب و غريب خبرون ۽ دلچسپ قصا مشهور هئا. "منفرقلش" جو هڪ واقعو بيان ڪيو اٿس، ته جڏهن سندس فيلبان مري ويو، ته هن ڪيترا ڏينهن ڪائڻ پيئڻ ڇڏي ڏنو. ڏک وچان ڪيترا ڏينهن دانهون ڪندو رهيو ۽ سندس اکين مان ائين ڳوڙها وهندا رهيا، جيئن ماڻهن جي اکين مان وهندا آهن.

ٻيو واقعو آندو اٿس، ته هڪ ڏينهن جڏهن فيلخاني مان جنگي هاڻي نڪتا، ته سيني کان اڳيان "منفرقلش" ۽ پٺيان "حيدره" هو؛ ٻيا هاڻي پٺيان هئا. جڏهن هو منصوره جي سوڙهي گهٽيءَ مان لنگهي رهيا هئا، ته اوچتو غفلت وچان هڪ عورت گهٽيءَ ۾ نڪري آئي. جڏهن ان جي نظر هاٿين تي پيئي، ته هوءَ ڊڄي ويئي ۽ بدحواسيءَ ۾ گهٽيءَ جي وچ تي ڪري پيئي؛ سندس بدن تان ساڙهي به لهي ويئي. اهو ڏسي "منفرقلش" گهٽيءَ جي وچ تي اهڙيءَ طرح رستو روڪي بيهي رهيو، جيئن ڪو ٻيو هاڻي لنگهي نه سگهي. ان ڪانپوءِ پنهنجي سونڈ سان ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عورت جا ڪپڙا درست ڪري اوگهڙ ڏيکيائين. هو ايتري تائين رستو روڪي بيٺو رهيو، جيستائين عورت کي هوش آيو ۽ هوءَ پاڻ سنياڻي هلي ويئي، ان کانپوءِ هاڻين جو لشکر اتان هليو ويو.

اهي واقعا ڏيکارين ٿا تہ سنڌ جي صلح پسند، قربائتن ۽ انسان دوست ماڻهن جي صحبت ۾ حيوان بہ هري اهڙين خصلتن وارا ٿي پيا هئا. پوئين واقعي مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو، تہ انهن ڏينهن ۾ سنڌ جون عورتون ساڻهيون بہ پائيندیون هيون.

انهن ڳالهين کان سواءِ سنڌ جي ٻين شين جو ذکر بہ ڪيو اٿس. پکين جو ذکر ڪندي ٻڌائي ٿو، تہ سنڌ ۾ هڪ ننڍو پکي ٿيندو آهي، جنهن جو نالو سنڌ جا شاعر ننڍائي لاءِ تمثيل طور آڻيندا آهن. ياڻنجي ٿو تہ اهو پکي "ڦوسڙي" هوندو. قيمتي پٿرن جي سلسلي ۾ زمرد جو ذکر ڪندي ڏيکاريو اٿس تہ سنڌ جي ساحلي علاقن جا حاڪم زمرد جو هڪ قسم پنهنجي مندیءَ، تاج، ڪنگڻ ۽ لباس ۾ ڏاڍي شوق سان استعمال ڪندا هئا. انهيءَ ڪري انهيءَ قسم جي زمرد کي ساموندي سڏيندا هئا. سندس بيان موجب زمرد جي پهرين قسم "مر" کان پوءِ زمرد جو سڀ کان عمدو قسم اهو ئي هو. ڪنيات ۽ سندان وغيره علاقن مان ٻاهر بہ موڪليو ويندو هو، ۽ چين، حبش ۽ هند ۾ وڏي شوق سان پاتو ويندو هو.

چوسر يا چوپڙ ۽ شطرنج بابت ڏيکاريو اٿس، تہ سنڌ جي عالمن جون ايجاد ڪيل راندیون آهن. چوپڙ راند انهيءَ نظريي تي ٻڌل آهي تہ، انسان تقدير جي ڏوريءَ ۾ ٻڌل آهي. شطرنج راند بابت سندس بيان آهي، تہ چوپڙ راند جي ضد ۾ انهيءَ اصول تي تيار ڪئي ويئي تہ انسان خودمختيار آهي؛ ۽ هر ڪم ۾ انسان جي ڪوشش ۽ عقل کي وڏو دخل آهي. اهو نظريو سنڌ جي هن پهاڪي ۾ سمجهايل آهي:

"انعالين الله، ٻانهي تي ٻاجهہ ڪري."

مشهور ڪتاب "ڪليلہ و دمنہ" بابت سندس بيان آهي، تہ اصل ۾ سنڌ جي عالم جو لکيل هو، جيڪو پهريائين قديم پهلوي زبان ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ترجمو ٿيو، پوءِ عربي زبان ۾ منتقل ٿيو. ان کانسواءِ اهو به ڏيکاريو اٿس ته وارن کاري ڪرڻ جو خضاب به سنڌ مان ٻاهر ويندو هو ۽ ڏاڍو مشهور ۽ مقبول هو. انهيءَ خضاب جي چمڪ ختم نه ٿيندي هئي ۽ انهيءَ جي استعمال سان وارن جون پاڙون به ڪاريون ٿي ويندیون هيون. اموي خليفو هشام بن عبدالملڪ به اهو خضاب لڳائيندو هو.

12. اصطخري

ابو اسحاق ابراهيم بن محمد فارسي اصطخري، بغداد جو رهاڪو هو. تمام وڏو سياح هو. ايشيا جي ڪيترن ئي ملڪن جو سير و سفر ڪيائين. سنہ 340هـ (951ع) ۾ سنڌ ۽ هند ۾ آيو. هتي سندس ملاقات مشهور سياح ۽ جاگرافيدان ابن حوقل سان ٿي. جاگرافيءَ ۾ سندس به ڪتاب مشهور آهن، ڪتاب "الاقاليم" ۽ ڪتاب "مسالڪ و الممالڪ". پهريون ڪتاب گوٿا ۾ 1839ع ۾ ۽ ٻيو ڪتاب ليڊن ۾ 1870ع ۾ ڇپيو. مسالڪ و الممالڪ ۾ سنڌ جو احوال به ملي ٿو. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي درياهه جو ذڪر به ڪيو اٿس ۽ اروڙ جو احوال به آندو اٿس. دنيا جو نقشو به تيار ڪيائين، جنهن ۾ سنڌ به ڏيکاريل آهي.

13. مطهر بن طاهر مقدسي

بيت المقدس جو عرب عالم، فاضل ۽ فلسفي هو. چوٿين صدي هجريءَ جي وچ جو آهي. سندس ڪتاب "البدء و التاريخ" ۾ سنڌ ۽ هند جي مذهبن ۽ ٻين ڪن ڳالهين جو احوال آيو آهي.

14. ابن حوقل (وفات: 358هـ - 979ع)

بغداد جو واپاري هو. سنہ 331هـ (943ع) ۾ بغداد کان روانو ٿي يورپ، ايشيا ۽ آفريقا جا ڪيترائي ملڪ گهميو. سنڌ ۽ هند به گهميو. هي پهريون سياح ۽ جاگرافيدان آهي، جنهن سنڌ ۽ هند جي ٻيگهه ۽ ويڪر ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان کان سواءِ سنڌ جو نقشو به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ ۽ گجرات جو دنيا ۾ پهريون نقشو ابن حوقل بغدادي
سن ۳۴۳ هـ مطابق 943 ع ۾ تيار ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تيار ڪيائين، جنهن ۾ سنڌ جا شهر ڏيکاريل آهن. هي سنڌ جو پهريو نقشو آهي. ابن حوقل سن 358هـ (979ع) ۾ وفات ڪئي.

14. ابو دلف مسعر بن مهلهل ينبوعي

هيءَ هڪ عرب سياح هو. هي پهريون سياح آهي، جو سنڌ ۽ هند ۾ خشڪي جي رستي داخل ٿيو. هو بغداد کان ترڪستان آيو ۽ اتان چين ويو. چين کان نڪري ترڪستان، ڪابل، تبت ۽ ڪشمير کان ٿيندو ملتان کان سنڌ ۾ آيو. سنڌ مان ٿي ڏکڻ هندستان تائين پهتو. سندس زمانو 331هـ کان 377هـ تائين آهي، يعني هو چوٿين صدي هجري ۾ ٿي گذريو آهي. سندس سفر نامي جا ڪجهه خلاصا ابن نديم جي ڪتاب "الفهرست"، ياقوت حموي جي ڪتاب "معجم البلدان" ۽ قزويني جي ڪتاب "آثار البلاد" ۾ ڏنل آهن. سندس سفرنامو سليمان تاجر جي سفر نامي سان گڏ 1845ع ۾ برلن ۾ ڇپيو.

16. ابن نديم (وفات: 385هـ - 995ع)

ابوالفرج محمد بن ابي يعقوب اسحاق الوراق، بغداد جو ڪتب فروش هو. سندس ڪتابن جي دوڪان مان ابن اثير به فائدو پرايو. "الفهرست" سندس مشهور ڪتاب آهي. جيڪو سنہ 377هـ (987ع) ۾ لکيائين. ان ۾ ڪتابن ۽ انهن جي مصنفن جو تعارف آهي. ان سان گڏ ڪتاب ۾ سلطانن، حڪيمن ۽ طبيبن جو ذڪر به آهي. هن ۾ سنڌين جي لکيل ڪتابن جا نالا به آيا آهن. هن 385هـ (995ع) وفات ڪئي.

17. بشاري مقدسي

شمس محمد بن احمد بشاري، بيت المقدس جو رهاڪو هو. مراڪش کان تاشقند تائين اسلامي ملڪن جو سير و سفر ڪيائين. سنڌ ۾ به آيو، پر اڳتي نه ويو. 20-22 سالن جي سياحت کان پوءِ پنهنجا مشاهدا قلمبند ڪيائين ۽ ان ڪتاب جو نالو "احسن التقاسيم معرفة

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

الاقاليم" رکيائين. هن ۾ مسلمان ملکن جو نقشو به ڏنل آهي، جنهن ۾ سنڌ جو نقشو به ڏيکاريل آهي. چوٽين صدي هجري جي آخري سالن ۾ وفات کيائين.

بشاري، مقدسي پنهنجي کتاب 'احسن التقاسيم' ۾ سنڌ بابت لکيو آهي:

"هي ملک تجارت جو اهم مرکز آهي. هتي سون، جڙي ٻوٽيون، دوائون، مصري ۽ چانور گهڻي تعداد ۾ ٿين ٿا. عجائبات به تمام گهٽا آهن. شيون سستيون ۽ گهٽيون آهن. ڪتل ۽ چونهارا به گهڻي تعداد ۾ ٿين ٿا. ماڻهن ۾ عدل، انصاف ۽ سياسي شعور آهي. هتي اهڙيون شيون نهن ٿيون، جيڪي ٻئي هنڌ ڪونه ٿيون ٿين. بازارن ۾ قسمين قسمين سامان وڪامي ٿو. واپاري وڏو نفعو ڪمائين ٿا. سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ (منصوره) اهم ۽ بلند مرتبہ شهر آهي. ان کان سواءِ ٻيا به عمدا شهر ۽ اهم مرکز آهن. ماڻهو ايماندار، ديانتدار، امن ۽ عافيت سان زندگي گذارينڌڙ آهن. ڏاڪٽو حصو سمنڊ سان ملي ٿو. هڪ درياءُ ان جي وچان لنگهي ٿو. ملک جي وڏي ايراضي ميداني آهي. پوک گهٽو ڪري برسات تي ٿئي ٿي."

بشاري مقدسي، "منصوره" بابت لکيو آهي:

"سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ۽ مرڪزي شهر آهي. پکيڙ ۾ دمشق جيڏو آهي. عمارتون ڪاڻيءَ ۽ مٽيءَ جون ٺهيل آهن؛ پر جامع مسجد پٿر ۽ سرن جي ٺهيل آهي ۽ تمام وڏي عمارت آهي. عمان جي جامع مسجد وانگر ان جا ٿنيا ساڳ جا آهن. شهر جا چار دروازا آهن: ساموندي در، طوران در (موجوده گجرات جو قديم تجارتي بندرگاهہ)، سندان در ۽ ملتان در. سنڌونديءَ جي هڪ شاخ شهر کي گهيرو ڪيون ٻيئي آهي. شهر جا رهاڪو سليقي وارا، ذهين، هوشيار، سخي، اخلاق وارا، نرم دل ۽ اسلام جا پابند آهن. علم جو فيض عام آهي. واپار ۽ ڪاروبار نفعي وارو آهي. هت مختلف آب هوا جا ميوا ملن ٿا. سيارو سخت نہ ٿو ٿئي، پر مينهن ڏاڍو پوي ٿو. هي شهر ڪيترين عجيب و غريب خصوصيتن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مالڪ آهي. هن ملڪ جون مينهون پليون آهن. عمدو ڪپڙو ۽ ڪمبائتي نوڪ جون جتيون ناهيون وڃن ٿيون. ماڻهو سنڌو درياءَ جو پاڻي پيئن ٿا. جامع مسجد وچ تي آهي. رسم ۽ رواج عراق سان ملن جلن ٿا، پر گرمي سخت ٿئي ٿي. مڇر بہ ڏاڍا آهن."

سنڌ جي مشهور بندرگاهہ ديبل بابت بشاري مقدسي لکي ٿو:

"ساموندي ڪناري تي واقع آهي. ان جي چوڌاري لڳ ڀڳ سؤ ڳوٺ آهن، جن جي آبادي گهٽو ڪري هندو آهي. سمنڊ جون لهرون شهر جي فصيل سان اچي ٽڪرائجن ٿيون. سمورا رهاڪو واپاري آهن. سنڌي ۽ عربي ڳالهائي وڃي ٿي. هي سنڌ جو بندرگاهہ آهي. حڪومت کي ان مان تمام گهڻي آمدني ٿيئي ٿي. ان جي لڳ مهراڻ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. ماڻهو سليقي وارا ۽ خوش آهن."

مسعودي، "مروج الذهب" ۾ سنڌ جي سر سبزيءَ بابت لکيو آهي:

"منصوره جي علاقي ۾ جيڪي زمينون ۽ ڳوٺ اچي وڃن ٿا، انهن جو تعداد ٿي لک آهي، جنهن ۾ ٻنيون، وڻ ۽ وسندڙ لاڳيتا ڳوٺ آهن."

"هتي کجور ٿئي ٿي- ڪمند ٿئي ٿو. صوف جي شڪل جهڙو هڪ ميوو ٿئي ٿو، جنهن کي ليمون چون ٿا، اهو ڏاڍو کٽو ٿئي ٿو. ان کانسواءِ هتي هڪ ٻيو ميوو بہ ٿئي ٿو، جنهن کي انب چيو وڃي ٿو. اڳهہ سستا آهن، عيش آرام جون سموريون شيون موجود آهن."

امير طبقي جي پوشاڪ ۽ وضع قطع بابت اصطخري لکي ٿو:

"امير طبقي جا ماڻهو ڊگها وار رکائين ٿا ۽ پهراڻ پائين ٿا. سندن رهڻي ڪهڻي هندو راجائن سان ملندڙ جلندڙ آهي."

واپار بابت مقدسي، احسن التقاسيم ۾ لکيو آهي:

"منصوره مان ڪنياتي جتيون ٻاهر موڪليون وڃن ٿيون. ان کانسواءِ هاٿي، عاج، جڙي ٻوٽيون ۽ ٻيو اوچو سامان بہ ٻاهر موڪليو وڃي ٿو."

قُسط، ڪاري رنگ جي هڪ ڪَوڙ ڪائي آهي، جيڪا انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏينهن ۾ مرهم ۾ وڌي ويندي هئي، ۽ مختلف بيمارين ۾ دوا طور ڪتب ايندي هئي، سنڌ ۾ ان کي "ڪِني ڪائي" چيو ويندو آهي؛ ۽ عرب ان کي قُسط ڪوٽيندا هئا. "لسان العرب" ۾ آيو آهي، ته قُسط ڪائي هندستان مان آندي ويندي آهي، ۽ واس ڏيڻ ۽ دوائن ۾ ڪتب ايندي آهي. قسط، اترين علاقن مان سنڌو درياء جي ذريعي پهرئين منصوره جي منڊين ۾ ايندي هئي ۽ پوءِ هتان باهرين ملڪن ڏانهن ويندي هئي.

بزرگ بن شهريار، "عجائب الهند" ۾ لکيو آهي:

"مون کي حسن بن عمرو بيان ڪيو، ته هُن منصوره ۾ "ڪشمير زيرين" (اٽڪ جو اتريون جابلو علاقو، جتان ڪشمير کان پوءِ سنڌو درياء لنگهي ٿو) جا ماڻهو ڏٺا. ڪشمير زيرين ۽ منصوره جي وچ ۾ خشڪيءَ جي رستي سان ستر ڏينهن جو پنڌ آهي. ڪشمير زيرين جا ماڻهو "قُسط" ڪائيءَ جا بُنڊ درياءَ ۾ لوڙهين ٿا، ۽ پاڻ انهن تي ويهي لنهوارو هلن ٿا. هو قُسط جا بنڊ هڪ ٻئي سان ڳنڍي تختو جوڙين ٿا. جيڪو تقريباً چار سؤ سير ٿئي ٿو، انهيءَ تختي جي چوڌاري ڪل چاڑهي چڏين ٿا ته، جيئن ڪائيءَ تي پاڻيءَ جو اثر نه ٿئي. اهڙيءَ طرح مضبوط تختو ٿاهي، ان کي درياءَ ۾ لاهي، ماڻهو ان تي چڙهي، لنهوارو لُڙهي، چاليهن ڏينهن جو دريائي سفر ڪري، منصوره پهچن ٿا. انهيءَ عرصي ۾ قُسط جي ڪائي محفوظ رهي ٿي، ۽ ان تي پاڻيءَ جو ڪوبه اثر نه ٿو ٿئي."

مذڪوره سياحن سنڌ جي علمي حالتن تي به روشني وڌي آهي. هنن سنڌ جي عالمن ۽ مدرسن جي تعريف ڪئي آهي. ان زماني ۾ سنڌ ۾ حديث جي تعليم جو وڏو اهتمام هو. بشاري مقدسي لکيو آهي:

"مسلمانن ۾ گهٽو ڪري اهل حديث آهن... وڏن شهرن ۾ حنفي فقيهه به آهن، پر هتي مالڪي ۽ حنبلي ڪونهن، ۽ نه وري معتزلہ آهن."

منصوره جي سنڌي عالم، سنڌ جي هڪ راجا جي چوڻ تي سنڌي زبان ۾ قرآن شريف جو سنڌي ترجمو ڪيو، ۽ سنڌي زبان ۾ اسلامي تعليمات متعلق هڪ نظم لکيو. اهو بيان بزرگ بن شهريار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي ڪتاب "عجائب الهند" ۾ تفصيل سان آندو آهي. قرآن شريف جو اهو پهريون ترجمو آهي، جيڪو سنہ 270هـ (883ع) ۾ سنڌي زبان ۾ ٿيو.

سنڌ جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي بابت سيرافي لکيو آهي:

"سنڌ ۽ هند جا ماڻهو روزانو نيرن کان اڳ ڏندڻ ڪندا آهن، ۽ وهنجندا آهن؛ پوءِ کائيندا آهن... ڪوبہ شخص ڏندڻ ۽ سنان کان سواءِ ماني نہ کائيندو آهي."

ابن فقيہ پاڻ سنڌ ۾ ڪونہ آيو هو، پر هن جي ڪتاب "الا علاق النفسيہ" ۾ سنڌ ۽ هند جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي بابت احوال ملي ٿو. هن "سيراف" سنڌين کي ماني کائيندي ڏٺو هو. لکي ٿو:

"هتي هڪ گروهہ (سنڌ جا هندو) آهي، جيڪي گڏجي کائڻ کي عيب سمجهندا آهن، ۽ هر هڪ جدا جدا کائيندو آهي. انهن ماڻهن جو هڪ گروه جيڪو سؤ ماڻهن تي مشتمل هو. جڏهن سيراف آيو ۽ هڪ وڏي تاجر سندن دعوت ڪئي، تڏهن هر هڪ شخص لاءِ جدا جدا ٿالهي مهيا ڪرڻي پيئي، جيئن هو اڪيلا کائي سگهن.

اتان جي اميرن لاءِ روزانو دسترخوان ۽ ناريل جي ڪل جي ٿالهيءَ جهڙو ٿانءُ ناهيو ويندو آهي. جڏهن کاڌو ايندو آهي، تہ انهيءَ ۾ کائيندا آهن. کاڌي کان فارغ ٿي، اهو دستر خوان، ڪل واري ٿالهي ۽ بچيل کاڌو پاڻيءَ ۾ اڇلائي ڇڏيندا آهن. ٻئي ڏينهن وري نئين ٿالهي بنائي ويندي آهي."

ان زماني ۾ ڪن ٽوپائي والين پائڻ ۽ گوڏ ٻڌڻ جو رواج هو. بشاري مقدسي لکيو آهي:

"هن ملڪ ۾ وڏن وارن رکڻ جو رواج آهي. ماڻهو پهرياڻ پائين ٿا، ڪن ٽوپائين ٿا، جيئن هندن ۾ رواج آهي. واپارين ۽ عالمن کان سواءِ سڀ ماڻهو گهٽو ڪري هيٺ تي گوڏ ٻڌن ٿا."

سيرافي، مردن جي زيورن پائڻ جو ذڪر بہ ڪيو آهي. لکي ٿو:

"هندستان وارا بہ لونگيون استعمال ڪندا آهن؛ ۽ مرد توڙي عورتون سڀ سون ۽ جواهرن جڙيل ڪنگڻ ۽ زيور پائيندا آهن."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻن لونگين مان پائنجي ٿو، ته هڪ لونگي مٿي سان ٻڌندا هئا، ۽ هڪ گوڏ طور ڪتب آڻيندا هئا، جيڪو رواج اڄ تائين آهي.

سليمان تاجر جي بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ ڪارو ڪاريءَ کي مارڻ جي رسم قديم زماني کان موجود آهي. هو شاديءَ جي رسمن ۽ ڪارو ڪاري جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"جڏهن شادي وهاڻ ڪندا آهن، تڏهن پهريائين سلام دعا شروع ڪندا آهن، ۽ پوءِ سوڪڙيون پاڪڙيون موڪلينداآهن، بعد ۾ طبل ۽ جهانجهه وڄائي شاديءَ جو اعلان ڪندا آهن. جيتري قدر به ٿي سگهندو اٿن، مال ۽ دولت ڏيندا آهن. جڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن عورت کي وٺي اڇي بدڪاري ڪري، ته بدڪاري ڪرڻ واري عورت ۽ مرد ٻئي قتل ڪرڻ سڄي ملڪ ۾ ضروري سمجهيو ويندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ زبردستي عورت سان زنا ڪئي، ته اڪيلو مرد قتل ڪيو ويندو آهي؛ پر جيڪڏهن عورت جي رضامنديءَ سان بدڪاري ڪيائين، ته مرد ۽ عورت ٻئي قتل ڪيا ويندا آهن."

عرب سياحن جي سفرنامن ۾ هندو جوڳين، پنڊتن ۽ پڪشن جي عبادتن، رهٽي ڪهٽي ۽ تپسيا جو ذڪر ملي ٿو. هندو ڌرم جي عقيدن ۽ پوڄا جي نمونن جو احوال به ملي ٿو. نجومين، ڪاهنن، هندو فلاسافرن، حساب جي ماهرن، واپار جو حساب ڪتاب رکڻ جي ڄاڻن ۽ ماهر طبيبن جو احوال به ملي ٿو. اهو به بيان آيو آهي، ته سنڌي عالمن بغداد وڃي عرب عالمن جي مدد سان سنسڪرت ۾ لکيل طب، حساب، نجوم ۽ فلڪيات جي ڪتابن جا عربي زبان ۾ ترجما ڪيا. اهو به ڏيکاريو ويو آهي، ته شطرنج ۽ چوپڙ راندیون سنڌ جي ڏاهن ايجاد ڪيون. تمثيلي ڪهاڻين جا ڪتاب به سنڌ ۾ لکيا ويا، جن مان ڪي عربي ۽ فارسي زبانن ۾ ترجمو ڪيا ويا. "ڪليلہ و دمنہ"، اهڙو ئي هڪ عربي ڪتاب آهي. جيڪو سنڌ ۾ سنسڪرت لکيو ويو ۽ عربي ۾ ترجمو ڪيو ويو. مذڪوره عربي ڪتابن مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ سنڌي زبان مختلف صورتخطين ۾ لکي ويندي هئي ۽ سنڌي زبان ۾ شعر ۽ ادب موجود هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

18. البيروني (وفات: 1048ع)

ابو ريحان البيروني ۽ ابو عبدالله بن محمد، جيڪو عام طرح سان شريف الادريسي جي نالي سان مشهور آهي. بيروني‌ءَ جا ڪيترائي ڪتاب لکيل آهن، جن ۾ سنڌ ۽ هند جي جاگرافيائي حالتن ۽ مختلف علمن جو ذڪر موجود آهي. انهن مان "ڪتاب الهند" جگ مشهور ڪتاب آهي.

ابو ريحان البيروني پنهنجي سفر دوران ملتان ۽ سنڌ ۾ به آيو هو. هن ڪافي وقت ملتان ۾ رهي، تحقيقي ڪم ڪيو، جيڪو ان وقت سنڌ جو حصو هو. هو موجوده سنڌ ۾ به آيو ۽ گهميو. هن "ڪتاب الهند" ۾ سنڌ جي شهرن بهمنوا (برهمڻ آباد)، لوهراني (لاهري بندر)، منصوره، اروڙ، ديبل ۽ سدوسان (سيوهڻ) ۽ مهراڻ درياءَ جا نالا ڄاڻايا آهن. اروڙ بابت لکي ٿو:

"اروڙ، سنڌو درياءَ جي ٻن شاخن جي وچ ۾ واقع آهي." (36) ٻن شاخن مان مطلب آهي: هاڪڙي درياءَ جون ٻ شاخون جيڪي هاڪڙي جي ڦٽي وڃڻ کان پوءِ سنڌو درياءَ مان نڪري اروڙ وٽان وهي، هيٺ پاڻ ۾ گڏجي هڪ درياءَ ٿي ويون ٿي، جنهن کي نارو سڏيو ويندو هو. انهيءَ ئي درياءَ جون شاخون منصوره وٽان ٻ وهنديون هيون. اها ڳالهه البيروني جي بيان مان ٻ معلوم ٿئي ٿو. هو لکي ٿو:

"جڏهن درياءَ هڪ ٿي سنڌ جي شهر اروڙ کان اڳتي وڌندو آهي، تہ اسان وٽ ان جو نالو "مهراڻ" درياءَ پڙهيو ويندو آهي. هي سڪون سان ڦهلجندو، صاف ٿيندو ۽ ڪجهه جاين کي ڇڏي وانگر گهيرو ڪندو منصوره تائين پهچندو آهي، جيڪو ان جي شاخن جي وچ ۾ واقع آهي. آخر وهي وڃي ٻن هنڌن تي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. هڪ شهر "لوهاراڻي" (لاهري) جي ويجهو ۽ ٻيو ڪجهه قدر پورب کان هٽي ڪچ واري علاقي ۾." (37)

سنڌونديءَ جي درياڻي جانورن بابت البيروني لکيو آهي:

"هندستاني درياڻن ۾ اهڙيءَ طرح واڳون ملن ٿا، جهڙيءَ طرح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نيل نديءَ ۾. انهيءَ ڪري جاحظ پنهنجي سادگيءَ سبب ۽ درياٿن جي نڪرڻ وارن هنڌن ۽ سمنڊن جي صورت کان قطعي اڻ ڄاڻائيءَ سبب اٿين سمجهيو تہ مهراڻ درياءَ نيل جي هڪ شاخ آهي.

انهن درياٿن ۾ عجيب عجيب قسم جا جانور جهڙوڪ: گهڙيال ۽ مانگر مڇ ۽ عجيب غريب قسمن جون مڇيون ملن ٿيون. هڪ جانور مَشڪ (ڪَلِي) وانگر ٿيندو آهي، ۽ ٻيڙين جي اڳيان اچي ترندو ۽ ڪيڏندو رهندو آهي. ان کي ماڻهو "برلو" چوندا آهن.

اسان سمجهون ٿا، تہ اهو ڊولفن يا ان جو قسم آهي. ان لاءِ چيو ويندو آهي، تہ ساهہ کڻڻ لاءِ ان جي مٿي تي هڪ ٽنگ هوندو آهي." (38) جنهن کي "بيروني"، "برلو" چوي ٿو، ان کي سنڌيءَ ۾ "ٻُلهڻ" چيو ويندو آهي. هي جانور سنڌوندڙ ۾ احان بہ ملي ٿو.

اڳ ۾ عرب سياحن جي سفرنامن جي حوالي سان آيو آهي، تہ سنڌ جا مرد وڏا وار رکائيندا هئا. بيروني ودڪ ڄاڻايو آهي، تہ سنڌ ۽ هند جا مرد انهيءَ ڪري وڏا وار رکائيندا هئا، تہ جيئن مغز کي گرمي نہ لڳي.

جيئن عرب ليکڪن لکيو آهي، تہ سنڌ جا هندو اکيلو کائيندا آهن، تيئن بيروني بہ ساڳي ڳالهہ لکي آهي. هو لکي ٿو:

"هو ليپو ڏنل ٿلهي تي اکيلا ويهي ماني کائيندا آهن، جيڪو کاڏو بچندو اٿن، اهو وري ڪم نہ آڻيندا آهن. کاڏي جا ٿانوَ جيڪڏهن نڪر جا هوندا آهن، تہ اهي اڇلائي ڇڏيندا آهن".

اڪيلي ويهي کائڻ جو رواج اڄ تائين سنڌ جي هندن ۾ موجود آهي. سنڌ ۾ پاسي تي ڪچيءَ وارو چولو عام پائيندا آهن.

مردن جي چولي کي کبي پاسي کان ۽ عورتن جي چولي کي سڄي پاسي ڪچي هوندي هئي. هينئر اهڙن چولن جو رواج گهٽو گهٽجي ويو آهي، ان هوندي بہ شڪارپور جي مردن ۾ اهڙن چولن پائڻ جو رواج ڪجهہ قدر موجود آهي. بيروني بہ لکيو آهي، تہ "چولن کي سڄي ۽ کبي پاسي ڪچي ٽئي ٽي." يعني ان زماني ۾ مرد کبي پاسي ۽ عورتون سڄي پاسي واريءَ ڪچيءَ وارا چولا پائيندڙ هيون. اهو رواج لاڳيتو هليو آيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مردن جي زيورن پائڻ جو ذڪر عرب سياحن به ڪيو آهي. بيروني، به اها ڳالهه ڪري ٿو، ته مرد زيور پائين ٿا. جهڙوڪ: واليون، ڪڙا ۽ مندیون. اهو رواج پوءِ به هلندو رهيو. اڄ به ڪٿي ڪٿي مردن جي ڪنن ۾ واليون نظر ايندیون.

مطلب ته بيروني، سنڌ جي تاريخ، ثقافت، رهڻي ڪهڻي ۽ جاگرافيائي حالتن جو ڪجهه احوال ڏنو آهي. ان کان سواءِ هن سنڌ جي درياءَ جي وهڪرن جي به صحيح صورتحال بيان ڪئي آهي. سنڌ ۽ هند جي شهرن جي وچ ۾ مفاصلو ڏنو اٿس، ۽ سنڌ جي لڳ پڳ ٻارهن شهرن جي ڏگهائي ڦاڪ ۽ ويڪرائي ڦاڪ به لکي اٿس. نه فقط ايترو، پر هن سنڌ جي جدا جدا علائقن ۾ جيڪي صورتخطيون رائج هيون، انهن جو وچور به بيان ڪيو آهي: ۽ ڪٿي ڪٿي سنڌي زبان جا لفظ به صحيح معنيٰ ۾ ڪم آندا اٿس. اهو ڏيکاري ٿو، ته هن سنڌ جو صحيح معنيٰ ۾ مشاهدو ڪيو هو. (39)

18. قاضي صاعد اندلسي (وفات: 462هـ - 1070ع)

صاعد بن احمد بن عبدالرحمان بن محمد بن صاعد. ڪنيت ابوالقاسم، قرطبه جو رهاڪو هو ۽ ابن خرم جو شاگرد هو. ڪجهه وقت (طليطله) اندلس جو قاضي به رهيو. ان وقت جو والي مامون يحيٰ هو. سنه 462هـ (1070ع) ۾ وفات ڪيائين. "التعريف بطبقات الامم" سندس مشهور ڪتاب آهي؛ جنهن ۾ ان وقت جي تهذيب يافته قومن جي علمن ۽ فنن جو ذڪر آهي. هن ڪتاب ۾ هڪ باب سنڌ ۽ هند جي علمن ۽ فنن بابت به آهي. هي ڪتاب بيروت مان 1912ع ۾ ڇپيو.

20. قاضي رشيد بن زبير

هو آل بويه جي مشهور حڪمران "ابو ڪاليجار" جي دربار سان وابسته رهيو. ان جي وفات کان پوءِ مصر جي فاطمي حڪمرانن وٽ هليو ويو ۽ باقي زندگي اتي گذاريائين. اتي ڪتاب "الذخائر" لکيائين، جنهن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مسلمان حڪمرانن جي ۾ين ملڪن جي حڪمرانن سان تعلقاتن جو ذڪر آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ ۽ هند جي حڪمرانن جو احوال ۽ آيو آهي. ڪتاب 462هـ جي لڳ ڀڳ لکيو ويو. ويجهڙائيءَ ۾ اهو ڪتاب ڊاڪٽر حميد الله ۽ ڊاڪٽر صلاح الدين ايڊٽ ڪري، ڪويت مان شايع ڪيو آهي.

21. عبدالقاهر

سندس ڪنيت ابو منصور هئي، ۽ بغدد جو رهاڪو هو. سندس ڪتاب "الفرق بين الفرق" ۾ مسلمانن جي فرقن جو ذڪر آهي. معتزلہ فرقي جو احوال بيان ڪندي، سنڌ ۽ هند جي سمني فرقي جو ذڪر ۽ ڪيو اٿس.

22. عبدالڪريم شهرستاني (جنم:1076ع، وفات:1153ع)

ابوالفتح محمد بن عبدالڪريم شهرستان جو رهاڪو، جيڪو خوارزم نيشاپور جي وچ تي هڪ ڳوٺ هو، اتي ئي 1076ع ۾ ڄائو، ۽ اتي ئي سنہ 1153ع ۾ وفات ڪيائين. "الملل و النهل" سندس مشهور تصنيف آهي، جنهن ۾ اسلامي فرقن کانسواءِ، يهودين، نصارن ۽ صابئين جي تاريخ ۽ ڏنل آهي.

23. شريف الادريسي (جنم: 493هـ - 1099ع)

ابو عبدالله بن محمد بن محمد بن عبدالله، عام طرح سان شريف الادريسي جي نالي سان مشهور آهي. صقليہ جي هڪ شهر ۾ 493هـ (1099ع) ۾ ڄائو. قرطبہ ۾ تعليم حاصل ڪيائين.

ادريسي وڏو ماهر جاگرافيدان هو. آفريڪا جي شاهي خاندان ادريسي جو چشم و چراغ هو. سندس نسب جو سلسلو حضرت علي عليه السلام سان ملي ٿو. هن اصطرلاب ناهيو. جيڪو دنيا جو پهرون اصطرلاب آهي. جاگرافي لکڻ لاءِ هو جاگرافيدانن ۽ مصورن جي هڪ جماعت ساڻ ڪري سڄي دنيا گهميو. دنيا جي سير و سياحت ڪري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مشاهدي ۽ مطالعي جي بنياد تي "نزهة المشتاق" نالي ڪتاب لکيائين، جنهن ۾ سنڌ ۽ هند جو احوال به ملي ٿو.

ادريسي، منصوره بابت لکي ٿو:

"منصوره وڏو ۽ ڏاڍو آباد شهر آهي. هتي شاهوڪار واپاري رهن ٿا. دولت ۽ چوپايو مال تمام گهڻو آهي. سرسبز ٻنيون ۽ ميويدار باغ آهن. گهر ڪچا ۽ پڪا ٻنهي قسمن جا آهن. هي شهر غريبن جون تڪليفون ۽ پريشانيون دور ڪندڙ آهي. هتي جي رهاڪن لاءِ شهر جي پسگرادائيءَ ۾ اهڙيون وٽندڙ ۽ فرحت بخش جايون آهن، جتي هو تفريح لاءِ ويندا آهن. اهڙا ڏينهن مقرر آهن، جن ڏينهن تي هو ڪم ڪار ڇڏي آرام ۽ دماغي سڪون لاءِ انهن جاين تي ويندا آهن. هتي واپاري ڏنڊي وارن جو وڏو تعداد رهي ٿو. بازارون بارونق آهن ۽ کاڌي پيتي جي سامان سان ڀرپور آهن.... چاندي ۽ ٽامي ٻنهي قسمن جا سڪا رائج آهن. هتي جو درهم، چانديءَ جي معياري درهم کان پنجوٽي قيمت جو آهي. هتي تاتاري سڪا به اچن ٿا، ۽ انهن جي ذريعي به واپار ٿئي ٿو. هتي مچي به جام آهي، ۽ گوشت به سستو آهي. ميوو باهران اچي ٿو، پر ڪجهه هتي به ٿئي ٿو. (40)

وڏو عالم، فاضل ۽ جاگرافيءَ جو ماهر هو. سندس نالو ٻڌي، صقليه جي عيسائي حڪمران راجر ٻئي ڪيس پاڻ وٽ گهرايو. سندس وڏي عزت ڪيائين، ۽ ڪيس زمين جو هڪ مڪمل گرهه تيار ڪرڻ لاءِ چيائين. ان لاءِ ڪيس گهربل چاندي ۽ ٻيون سهولتون ڏنائين. هن چاندي پگهاري، ان مان زمين جو هڪ عظيم الشان گرهه ٺاهيو، جنهن ۾ هن سيني شهرن، پهاڙن، سمندن، دريائن، وادين، هيٺاهين ۽ مٿانهين جي تصوير ڏني. جن جي تياريءَ جي سلسلي ۾ ڪيترن ئي ڪتابن تان مواد ورتائين. ان گرهه جو قطر اٽڪل ڇهه فوٽ ۽ وزن ساڍا پنج من هو. هي دنيا جو پهريون اصطرلاب آهي. انهيءَ ڪاميابيءَ تي راجر ڪيس دل کولي انعام ڏنو. ان کان پوءِ هن صقليه ۾ رهائش اختيار ڪئي.

انهيءَ کان پوءِ راجر ڪيس هڪ مڪمل ۽ مفصل ڪتاب لکڻ لاءِ چيو. ان ڪم لاءِ سياحت، مشاهدي ۽ مطالعي کان پوءِ "نزهة المشتاق"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نالي ڪتاب لکيائين. ان ۾ سنڌ ۽ هند جو احوال بہ آيو آهي. ان جي سنڌ ۽ هند واري حصي کي ايڊٽ ڪري، ڊاڪٽر مقبول احمد پي. ايچ. ڊي. جي ڊگري حاصل ڪئي آهي. ان جي مٿي ۾ انگريزي ۾ مفصل مقدمو آهي. هي ڪتاب مسلم يونيورسٽي عليگڙھ طرفان شايع ٿيو آهي.

ستين صدي هجري

ڇهين صدي هجري جو احوال ڪنهن سفرنامي ۾ ڪونہ ٿو ملي. البت ستين صدي هجري جو ٿورو احوال ملي ٿو. حضرت خواجہ معين الدين چشتي اجميري جي ملفوظات "دليل العارفين" مان معلوم ٿئي ٿو، تہ حضرت خواجہ معين الدين چشتي پنهنجي مرشد خواجہ عثمان هاروني سان سير سفر ڪندو سنڌ ۾ آيو، ۽ لکياري ۽ راشدي خاندانن جي وڏي ڏاڏي سيد صدرالدين لکياريءَ سان ملاقات ڪيائين. ڪجھ ڏينهن ان جي صحبت ۾ گذاريائين. هو ڪافئس ڏاڍو متاثر ٿيو. (41)

حضرت بابا فريد گنج شڪر بہ سفر جي دوران هن سنڌي بزرگ سان مليو. سندس ملفوظات "راحت القلوب" ۾ ان ملاقات جو ذڪر هن طرح آيو آهي:

فرمايائون تہ، "هڪ پيري جڏهن سيوستان ڏانهن سفر ڪري رهيو هوس، تڏهن اتي جي اوليائن ۽ بزرگن سان ملاقات ڪيم. هڪ ڏينهن شيخ محمد سيوستاني (سيد صدرالدين محمد احمد) جي خدمت ۾ حاضر ٿيس، جو ولايت جو صاحب بزرگ هو. سلوڪ جي باري ۾ ساڻس گفتگو ٿي." (42)

هن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ ستين صدي هجري ۾ صوفيانہ تحريڪن سنڌ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي هئي ۽ ڪيترائي صوفي بزرگ سنڌ ۾ موجود هئا. هن ئي زماني ۾ حضرت قلندر شهباز سنڌ ۾ آيو ۽ حضرت غوث بهاؤالحق ذڪريا ملتاني سنڌ جو سفر ڪري، دين جي تبليغ ڪئي ۽ سهروردي سلسلي کي ڦهلايو. چشتي بزرگ بہ گهميا، پر انهن جو مسلڪ گهٽو رائج ٿي نہ سگهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

24. ابن ابي اصيبعه (جنم: 1203ع، وفات: 1270ع)

احمد بن قاسم السعدي الخزرجي، ڪنيت ابو العباس، لقب موفق الدين، دمشق جو رهاڪو هو. 1203ع ۾ جائو، ۽ 1270ع ۾ وفات ڪيائين. سندس ڏاڏي جو نالو "ابو اصيبعه" هو؛ انهيءَ ڪري "ابن ابي اصيبعه" سڏايائين. ماهر نباتات ابن البيطار اندلسي (وفات 1248ع) جو شاگرد هو.

ابن اصيبعه مشهور حڪيم ۽ طبيب هو. سندس ڏاڏو سلطان صلاح الدين جو طبيب هو. هي پهريائين قاهره جي هڪ شفاخاني ۾ طبيب هو. پوءِ امير "صرخد" جو خاص طبيب ٿي، قاهره ۾ رهيو. ايوبي سلطنت ۾ مختلف عهدن تي فائز رهيو. "عيون الانباء في طبقات الاطباء" سندس مشهور تصنيف آهي. ان ۾ ڇهه سؤ مشهور حڪيمن جون سوانح عمريون آهن. ڪتاب جي ٻئي جلد ۾ سنڌ ۽ هند جي طبيبن ۽ سندن علاج جو ذڪر ٻه ملي ٿو.

25. ابن بطوطه (جنم: 703هـ - 1304ع، وفات: 779هـ - 1377ع)

جڳ مشهور سياح ابن بطوطه اٺين صدي هجري ۾ سنڌ ۾ آيو. سندس سڄو نالو محمد بن عبدالله بن ابراهيم بن عبدالله اللواطي الطنجي آهي، ۽ ڪنيت ابو عبدالله، لقب شرف الدين اٿس. سنہ 703هـ (1304ع) ۾ طنج (مراڪش) ۾ تولد ٿيو، ۽ 779هـ (1377ع) ۾ وفات ڪيائين. ڪيترن ئي ملڪن جو سير سفر ڪيائين. سنڌ ۾ ٻه آيو ۽ سنڌ جا ڪيترائي شهر گهميو ۽ بزرگن سان ملاقاتون ڪيائين. 1354ع ۾ موٽي مراڪش پهتو، ۽ پنهنجي سفر جو احوال هڪ عالم ابن جزا الڪلبي کان لکرايائين. ڪن عالمن جو خيال آهي تہ سفر جو احوال ابن بطوطه پاڻ لکيو. ابن جزا ان جو اختصار ڪيو. سفرنامي جو سڄو نالو "تحفة النظار في غرائب الابصار" آهي. هن سفرنامي ۾ سنڌ جو تمام گهڻو احوال ملي ٿو، جيڪو صحيح حقيقتن تي مشتمل آهي.

ابن بطوطه پهرين محرم 734هـ (1333ع) تي سنڌو درياءَ کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لنگهيو. هن سفر دوران سنڌ جي ٻيلي ۾ گينڊو ڏٺو (43) ۽ ڏينهن پنڌ ڪري اچي "جناني"● شهر ۾ پهتو. ان شهر بابت لکي ٿو:

"هي وڏو ۽ خوبصورت شهر درياءَ جي ڪناري تي آهي. هن شهر ۾ سومرا قوم جا ماڻهو رهن ٿا، جيڪي قديم زماني کان هتي رهندڙ آهن. مؤرخ لکن ٿا، ته حجاج بن يوسف جي وقت ۾ سنڌ فتح ٿي، ته هن قوم جا ماڻهو هن شهر ۾ رهندا هئا. شيخ رڪن الدين بن شيخ شمس الدين بن شيخ بهاؤ الدين ذڪريا قريشي ملتاني مون کي ٻڌايو هو، ته سندس وڏو ڏاڏو محمد بن قاسم جي ان لشڪر ۾ هو، جيڪو حجاج، عراق مان موڪليو هو. پوءِ هو هن ملڪ ۾ ترسي پيو، ۽ سندس اولاد وڌيو ويجهيو. هي شيخ رڪن الدين اهو آهي، جنهن بابت شيخ برهان الدين اعرج مون کي شهر "اسڪندريه" ۾ چيو هو، ته ان سان ملجانءِ." (44)

سومرن جي رهڻي ڪهڻي بابت ڄاڻايو اٿس:

"سومرا قوم جا ماڻهو ڪنهن سان به گڏجي نه ڪائيندا آهن، ۽ جڏهن هو ڪائيندا آهن، ته ڪوبه انهن ڏانهن ڏسندو ناهي. هو پنهنجي ذات وارن کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن ذات واري سان منّي مائٽي نه ڪندا آهن. ان زماني ۾ انهن جو سردار "دنار" نالي هڪ شخص هو." (45)

"جناني" کان هلي هو سيوهڻ پهتو. سيوهڻ بابت لکي ٿو:

"هي هڪ وڏو شهر آهي، ۽ ريگستان ۾ واقع آهي. هتي ڪرڙ کان سواءِ ٻيو وڻ نظر نه آيو. نهر جي ڪناري تي گدرن کان سواءِ ٻي پوک نه ٿي ٿئي. هن شهر جا ماڻهو جوئر ۽ "جلبان" جنهن کي مشنڪ به چوندا آهن، جي ماني پچائي کائيندا آهن. هن شهر ۾ مڇي تمام گهڻي آهي؛ ۽ هت ماهيو ڪير به جهجهو آهي. هتي جا ماڻهو اسقنقور (ريگ ماهي، گلوئي) به کائيندا آهن. هي جانور پيرن تي هلندو آهي، ۽ ڳوهه جي شڪل جهڙو ٿيندو آهي، پر ان کي پڇ ڪونه ٿيندو آهي. هتي جا ماڻهو ان کي واريءَ مان کوٽي ڪڍندا آهن، ۽ ان جو پيٽ چيري، گندگي صاف ڪري، زعفران جي بدران ڪرڪم (هيد) پري، پچائي کائيندا آهن. (46)

● جناني: جنهاڻ سومرو، جيڪو هاڻ ضلعي ٺٽي جي ميرپور بٺوري تعلقي ۾ واقع آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ابن بطوطہ سيوهڻ جي گرميءَ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"اسان هن شهر ۾ پهتاسون، تہ سخت گرمي هئي. منهنجا ساٿي لڳين اگهاڙا هوندا هئا. هو هڪ وڏو رومال پاڻيءَ ۾ پسائي، مٿي سان ٻڌندا هئا، ۽ هڪ رومال آلو ڪري کلهن تي رکندا هئا. رومال سکي ويندا هئا، تہ وري آلا ڪندا هئا." (47)

ابن بطوطہ سيوهڻ ۾ شهر جي خطيب شيباني سان مليو، جنهن کيس حضرت عمر بن عبدالعزيز جو پروانو ڏيکاريو، جيڪو سندس پيڙهي جي وڏي ڏاڏي کي خطيب مقرر ڪرڻ وقت ڏنو ويو هو. ان تي سنہ 99هـ لکيل هو. ان ڪانسواءِ هو شيخ محمد بغدادي سان مليو، جيڪو حضرت قلندر شهباز جي درگاهہ جي هڪ ڪوٺيءَ ۾ رهندو هو. هن کيس پنهنجي عمر 140 سال ڪان وڌيڪ ٻڌائي. هن جو چوڻ هو، تہ هو ان وقت بغداد ۾ موجود هو، جڏهن هلاڪوءَ، خليفي معتصم باالله کي قتل ڪيو هو. سندس اچڻ ڪان اڳ ۾ ونار (انڙ-سمو) ۽ قيصر، مرڪزي حڪومت ڪان بغاوت ڪري، سيوهڻ ۾ خودمختار حڪومت قائم ڪئي هئي. اهو ٻڌي ملتان جو گورنر عماد الملڪ سيوهڻ تي ڪاهي آيو هو. قيصر به مقابلو ڪيو، پر پوءِ جڏهن پڄي نہ سگهيو، تہ قلع بند ٿي ويهي رهيو. آخر ٻنهي جي وچ ۾ ناهہ ٿيو، پر سرتيز عماد الملڪ ساٿس دغا ڪئي.

ابن بطوطہ لکي ٿو:

جڏهن قيصر ۽ ان جو لشڪر امان جي وعدي تي ٻاهر آيو، تہ سر تيز انهن سان دغا ڪئي. هن انهن جي ملڪيت لٽي، ۽ سيني کي قتل ڪرائي ڇڏيو. هر روز ڪنهن نہ ڪنهن جي سري لٽائيندو هو. ڪنهن کي تلوار سان به ٽڪر ڪرائيندو هو، ڪنهن جي ڪل لهرائيندو هو، ۽ انهن کلن ۾ ٻُهہ ٻرائي، شهر جي فصيل تي لٽڪائي ڇڏيندو هو. گهٽن ئي ماڻهن سان اهو حال ٿيو. انهن جا لٽڪندڙ لاش ڏسي دل دهلجي ويندي هئي، ۽ يَوَ ورائي ويندو هو. انهن جون ڪوپريون شهر جي وچ ۾ گڏ ڪري، ديرڪيون ويون هيون. مان هن واقعي ڪانپوءِ شهر ۾ پهتس، ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ وڏي مدرسي ۾ رهڻ لڳس. مدرسي جي چت تي سمهندو هوس. اتان لاش لٽڪندا نظر ايندا هئا. جڏهن صبح جو اٿندو هوس تہ لاش ڏسي، ڏکي ويندو هوس. آخر ان مدرسي ۾ رهڻ ڇڏي ڏنم." (48)

هڪ ٻاهرين سياح جو بيان ٻڌائي ٿو، تہ سنڌ تي دهليءَ جي حڪمرانن طرفان وقت بوقت ڪيترا اندوهناڪ ظلم ٿيا آهن. اهو سلسلو پوءِ بہ هلندو رهيو. مظهر شاهجهاني جو بيان ان جو شاهد آهي.

ان کان پوءِ ابن بطوطہ، سنڌ جي ساموندي بندر "لاهري" جو ذڪر ڪيو آهي. "لاهري" بابت لکي ٿو:

" هي خوبصورت شهر سمنڊ جي ڪناري تي واقع آهي. ان جي ويجهو سنڌو درياءَ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. هي وڏو بندرگاهہ آهي. هتي يمن ۽ فارس جا واپاري وڏي تعداد ۾ آهن، انهيءَ ڪري هي شهر ڏاڍو شاهوڪار آهي، ۽ ان جو محصول بہ تمام گهڻو آهي. قاضي علاؤ الملڪ فصيح الدين خراسانيءَ (ان وقت دهلي حڪومت طرفان لاهري بندر جو حاڪم) مون کي ٻڌايو، تہ هن بندر جو محصول ست لک دينار آهي. علاؤ الملڪ کي ان جو ويهون حصو ملندو آهي." (49)

لاهري، ديبل کان پوءِ سنڌ جي ساموندي بندر طور نروار ٿيو، ۽ جلد ئي وڏو اوج حاصل ڪيائين. مغلن جي زماني ۾ بہ هي سنڌ جو خوبصورت، وڏو ۽ شاهوڪار بندر هو. ابوالفضل، "آئين اڪبري" ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي. مغل دور جي ٻين تاريخن ۾ بہ هن بندر جو احوال آيو آهي. هن بندر جي پرسان ابن بطوطہ تمام قديم زماني جا آثار ڏٺا. انهن جو ذڪر هن طرح ڪيو اٿس:

"هڪ ڏينهن امير علاؤالملڪ سان گڏ سير ڪندي شهر کان ستن ڪوهن جي مفاصلي تي هڪ ميدان تي پهتس، جنهن کي "تارنا" چون ٿا. (جنرل ڪننگهام جي تحقيق موجب هي ڪنبر "ديبل" بندر جا هئا، جيڪو لاهري بندر کان پنجن ميلن جي مفاصلي تي هو. جيڪڏهن ابن بطوطہ جي چوڻ موجب مذڪوره شهر هڪ هزار سال اڳ ويران ٿيو، تہ پوءِ اهي آثار ديبل بندر جا نہ هئا.) اتي ماڻهن ۽ جانورن جون پٽر جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مورتيون، سڃيون توڙي ڳڙل ٽڪل پيون هيون. انهن کان سواءِ اناج جهڙوڪ: ڪڻڪ، چڻا ۽ مهري دال جا ڪَڻا پٽاريل پيا هئا. شهر پناهه ۽ گهرن جي پٽين جو سامان به موجود هو. کنڊرن ۾ پٿر مان گهڙيل هڪ گهر هو، جنهن جي وچ تي هڪ چبوترو هو، جيڪو هڪ ٿي پٿر مان ٺهيل هو. ان تي هڪ ماٺهوءَ جو بت هو، جنهن جو مٿو ڪجهه وڏو هو، منهن هڪ پاسي ڦريل ۽ ٻئي هٿ چيلهه جي پويان ٻڌل هئس. انهيءَ هنڌ بدبودار پاڻي ٻيڙل هو. اتي ڪيترين ئي پٽين تي سنڌي زبان/ رسم الخط ۾ ڪي اکر لکيل هئا. امير الملڪ ٻڌايو، ته هن ملڪ جي مؤرخن جو خيال آهي، ته هي تباهه ٿيل شهر آهي، ۽ چبوتري تي جيڪو بت هو، اهو بادشاهه جو هو. اهو ئي سبب آهي، جو اڄ به ان گهر کي "راجا جو محل" چوندا آهن؛ ۽ پٽين تي لکيل اکرن مان معلوم ٿئي ٿو، ته اها بربادي تقريبا هڪ هزار سال اڳ ٿي گذري هوندي." (50)

لاهري بندر کان پوءِ ابن بطوطه "بکر" آيو. بکر بابت لکيو اٿس:

"هي ڏاڍو خوبصورت شهر آهي. سنڌو درياءَ جي هڪ شاخ هن جي وچان لنگهي ٿي. شاخ جي وچ ۾ هڪ خوبصورت درگاهه آهي، جتي هر مسافر کي کاڌو ملي ٿو. اها ڪشلو خان تعمير ڪرائي هئي. هتي منهنجي ملاقات امام عبدالله حنفي ۽ شهر جي قاضي ابو حنيفه شمس الدين شيرازيءَ سان ٿي. شمس الدين جي عمر ان جي چوڻ موجب هڪ سؤ ويهه سال هئي." (51)

بکر کان پوءِ ابن بطوطه "اچ" پهتو.

26. قلشقندي (جنم: 756هـ - 1355ع)

شهاب الدين ابوالعباس احمد بن علي بن احمد بن عبدالله بن ابي عنده، 756هـ (1355ع) ۾ مصر جي ڳوٺ "قلشقند" منجهه جائو. سنه 791هـ ۾ مصر جي ديوان انشا جو آفيسر مقرر ٿيو. کيترائي ڪتاب لکيائين. سندس ڪتاب "صبح الاعشي" جي پنجين جلد ۾ سنڌ ۽ هند جي تاريخ، جاگرافي، تهذيب ۽ تمدن جو ڪجهه قدر احوال ملي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

27. ابوالفدا (جنم: 1273ع. وفات: 1331ع)

اسماعيل الافضل علي بن المظفر محمود بن تقي الدين عمر ال ايوب مان هو. سنہ 1273ع ۾ دمشق ۾ پيدا ٿيو. 1310ع ۾ مصر جي مملوڪ سلطان محمد بن قلائون کيس حمات جو گورنر مقرر ڪيو. ۽ن سالن کان پوءِ کيس اتي جو ئي والي بنايو. سنہ 1331ع ۾ وفات ڪيائين. سندس تصنيف "تقديم البلدان" جاگرافي جو ڪتاب آهي، جنهن ۾ سنڌ جو ذڪر ٻہ ملي ٿو.

ٻيا مؤرخ ۽ جاگرافيدان

انهن کان سواءِ ٻين ٻہ ڪيترن ئي عالمن عربي زبان ۾ تاريخ ۽ جاگرافيءَ بابت ڪتاب لکيا آهن، جن ۾ سنڌ جو ٿورو گهڻو احوال ملي ٿو، جهڙوڪ:

28. قدامہ بن جعفر (وفات 900ع)

29. صوفي دمشقي (وفات 1326ع)

ڪتاب "عجائب البروالبحر"

30. زڪريا قزويني (وفات 1283ع)

ڪتاب "آثار البلاد"

31. نوبري

مصر جو رهاڪو هو (وفات 1331ع)، ڪتاب: "نهايت الارب في فنون الادب".

32. شهاب الدين عمري

(وفات 1346ع)، ڪتاب: "مسالڪ الابصار و ممالڪ الابصار."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ جو احوال

عرب سياحن، مؤرخن، جاگرافيدانن ۽ ليکڪن جي ڪتابن ۾

مٿي ذڪر ڪيل عرب مؤرخن، سياحن، جگرافيدانن ۽ ليکڪن جي ڪتابن ۾ سنڌ جي تاريخ، جاگرافي، تهذيب ۽ تمدن، ٻولي ۽ رسم الخط وغيره بابت ڪيتروئي احوال آيو آهي. ايڏي وڏي مواد جو احاطو مشڪل آهي، البت نموني طور ڪن عبارتن جا حصا ڏجن ٿا.

جاگرافي

(1) "جاگرافيءَ وارن دنيا کي ستن حصن ۾ ورهايو آهي. پهريون حصو هندستان آهي، جنهن جي سرحد اوپر ۾ سمنڊ جي ويجهو ۽ چين جي علاقي کان اولهه ۾ ديبل تائين آهي، جيڪو عراق جي ويجهو ايراني نار تائين ۽ حجاز ۽ هندستان جي سرزمين سان متصل آهي." (52)

(2) "هندستان جو سڀ کان ننڍو راجا به عربن جي بادشاهه جي برابر وسيع سلطنت جو مالڪ هوندو آهي." (53)

(3) "حضرت عبدالله بن عمرو رضه بن عاص جو بيان آهي، ته سنڌ ۽ هند جي وچ تي هڪ ڪنار نالي جڳهه آهي، جتي ٽامي جي هڪ ٽٽيي تي ٽامي جو هڪ بت بنيل آهي، جڏهن محرم جو مهينو ايندو آهي، ته اهو پنهنجون بانهون ڦهلائي ۽ وات کولي چڏيندو آهي. انهيءَ ڪري ايترو پاڻي وهڻ لڳندو آهي، جو انهن جي آبادي ۽ ديورن جي لاءِ ايندڙ سال تائين ڪافي ٿيندو آهي." (54)

(4) مدئنيءَ جو بيان آهي، ته عراق جي علمداري "هست" (55) کان شروع ٿئي ٿي ۽ چين ۽ سنڌ ۽ هند تائين هلي وڃي ٿي. اهڙيءَ طرح ري، خراسان، ويلم، جيلان، جبال ۽ اصبهان وغيره به عراق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي تابع آهن. جيڪو شخص عراق جو والي ٿيندو آهي، اهوئي بصري، ڪوفي، اهواز، فارس، ڪرمان، هند، سنڌ، سجستان، طبرستان، ۽ جرجان جو به والي هوندو آهي. عراق ڊيگهه ۾ عانتہ کان بصري تائين ڦهليل آهي.(56) بصري جي سرحد هواز ۽ هواز جي فارس ۽ فارس جي ڪرمان، ڪرمان جي ڪابل ۽ ڪابل جي زرنج ۽ زرنج جي هندستان جي قريب آهي." (57)

(5) بن خرداز به لکي ٿو: "زمين جي ڇٽن قسمن مان هڪ "اتونيا" آهي، جنهن ۾ شام، يمن، سنڌ، هند، چين ۽ اسقونيا وغيره ملڪ آباد آهن." (58)

(6) بشاري مقدسي، سنڌ کي ڇهن حصن ۾ ورهايو آهي:

1. مڪران (موجوده بلوچستان ۽ مڪران)
2. طوران (قلات)
3. سنڌ
4. ويهند (گندارا وارو علاقو)
5. قنوج
6. ملتان. (69)

هن مان معلوم ٿيندو، تہ قديم زماني ۾ سنڌ جي حڪومت جون حدون پري پري تائين ڦهليل هيون.

(7) بشاري مقدسي، سنڌ جي آبهوا بابت لکي ٿو:

"سنڌ عام طور گرم ملڪ آهي؛ پر هتي معتدل آبهوا وارا هنڌ به آهن جهڙوڪ: ويهند ۽ منصوره. هتي گرم ۽ سرد آبهوا وارا ميوا به ٿيندا آهن. ملڪ جو ڏاڪڻو حصو سمنڊ سان مليل آهي." (60)

عرب ملڪن کان سنڌ جو مفاصلو

ابن خردازبہ جي زماني ۾، واپارين جا جيڪي قافلا خراسان کان مڪران ۽ سنڌ وغيره وينداهئا، انهن مان انهن جي مسافريءَ جي پهرين منزل "فهرج" هوندي هئي. انهيءَ نالي وارا ان زماني ۾ ٽي شهر هئا، پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هي شهر صوبي "ڪرمان" ۾ هو، جيڪو اتان جي بن شهرن "بم" ۽ "نرما سير" جي اوپر ۽ باديه ايران جي ڪناري تي هو. "سير جان" کان اوپر طرف مڪران وڃڻ وارو رستو، "بم" ۽ "نرما سير" کان ٿيندو، فهرج پهچندو هئو. (61) ابن خرداز به فهرج کان مفاصلو هن طرح ٿو ٻڌائي: "فهرج کان مڪران (62) جي علاقي طاهران (63) جو مفاصلو 30 ميل، پوءِ باسور نجان خورن جو 42 ميل، پوءِ ڳوٺ يحيٰ بن عمرو جو 30 ميل، پوءِ هزاره جو 30 ميل، پوءِ مدرڪا 30 ميل، پوءِ بوساره جو 27 ميل، درڪ باموبه جو 27 ميل، پوءِ تجين جو 30 ميل، پوءِ تجين کان بلوچيون جي شاهراه جو 30 ميل، پوءِ لوڻ جي پهاڙ جو 18 ميل، پوءِ نخل جو 27 ميل، پوءِ قلمان جو 18 ميل، پوءِ سراءِ خلف جو 12 ميل، پوءِ قنزپور 9 ميل؛ پوءِ حليس جو، جيڪو قندا بيل 63 جي رستي تي هڪ رڻ پٽ آهي 60 ميل؛ پوءِ سراءِ داران جو 30 ميل، پوءِ جيثه جو 30 ميل، پوءِ قصدار جو 30 ميل، قصدار کان جور جو 120 ميل، پوءِ اسروشان جو 120 ميل، پوءِ شهر سليمان بن سميع جو 84 ميل، شهر سليمان، خراسان کان سنڌ ۽ هندستان وڃڻ وارن جو بندرگاهه آهي. شهر سليمان کان منصوره جو مفاصلو 240 ميل آهي. اهڙيءَ طرح جڏ مڪران جي ابتدائي سرحد کان منصوره جو مفاصلو 1074 ميل آهي؛ ۽ هر رستو زط (جٽن) جي ملڪ کان لنگهي ٿو. جت قوم جا ماڻهو ئي انهيءَ رستي ۾ امن امان جا محافظ آهن.

سجستان جي شهر رانج کان ملتان بن مهين جو پنڌ آهي، ۽ ملتان کي خرچ بيت الذهب (سونهري سرحد) چون ٿا؛ جاڪاڻ ته محمد بن قاسم هتي هڪ گهر ۾ ۴۰ بهارا سون لڏو هو. هڪ بهارو 333 مڻ (64) جو ٿيندو هو. انهيءَ سون جي ذخيري جو وزن 2397600 مثقالن جي برابر هو. (65)

جاحظ لکيو آهي: "مڪران جي پهرين علاقي کان سنڌ جي شهر منصوره جو مفاصلو 358 فرسنگ؛ ۽ سجستان جي شهر "زرنج" کان ملتان بن مهين جي پنڌ تي آهي. (66)

ابن رسته لکيو آهي: "هندي سمنڊ ۽ ايراني سمنڊ مان هر هڪ جي حد، سمنڊ جي ماهرن مقرر ڪئي آهي. انهن جو بيان آهي، ته ايراني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمنڊ جي حد اوير ۾ "دجلہ عورا (67) کان ٿئي ٿي، ۽ مڪران جي "تيز" (68) وٽ ختم ٿئي ٿي. اتان ئي سنڌ جي سرحد شروع ٿئي ٿي." (69)

سنڌو درياء

سنڌو ندي بابت ابن رستہ لکيو آهي: "سنڌو درياء "شقنان" جي پهاڙن مان نڪري سمنڊ ۾ پوندو آهي. منصوره جو درياء اهوئي آهي." (70)

ابن خردازبہ ڄاڻايو آهي: "سنڌو درياء جو مخرج "شقنان" جو هڪ پهاڙ آهي ۽ هي جيحون درياء جي هڪ شاخ آهي. هندستان جا ڪي علاقا هن ڏانهن منسوب آهن. هي منصوره وٽان لنگهي ٿو ۽ پنهنجي پرتي ڪنڊ هندستاني درياڻن سميت سمنڊ ۾ وڃي پوي ٿو." (71)

سنڌوندي۽ ڪيلاس (ڪيلاش) پربت مان نڪري، سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي آهي. شايد "شقنان" ڪيلاس جي بگڙيل صورت آهي. سنڌوندي بابت مسعودي لکيو آهي: "سنڌو درياء، سنڌ جي مٿين حصن مان قنوج، ڪشمير، قندار ۽ طافن جي چشمن مان نڪري ٿو."

ابن رستہ وڌيڪ لکيو آهي: "ملتان اهو شهر آهي، جتان سنڌو درياء جدا ٿئي ٿو. هي درياء دجلہ وانگر آهي، ۽ ان کان وڏو آهي." (72)

سنڌ ۾ واپار

حسن بن عمرو جو بيان آهي، تہ هن منصوره ۾ ڪشمير (پنجاب) جي ماڻهن کي ڏٺو، جيڪي اتان مهراڻ درياء ۾ (ٻيڑين ۾ سوار ٿي) قسط (هندي) جون ڳڻڙيون کڻي منصوره اچن ٿا. ڪشمير ۽ منصوره جي وچ ۾ خشڪيءَ جو رستو 70 ڏينهن جو آهي. درياهہ سنڌ آبڪلياڻيءَ جي ڏينهن ۾ دجلہ ۽ فرات وانگر تيزيءَ سان وهندو آهي. انهيءَ مون کي چيو تہ، ڪشمير جا ماڻهو ڳڻڙين ۾ قسط هندي رکندا آهن ۽ هر ڳڻڙيءَ ۾ ست سؤ يا اٺ سؤ مڻ (73) قسط ايندي آهي. ڳڻڙيءَ تي چمڙو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چمڙي تي روغن ڪار (ٽارڪول) لڳائيندا آهن، جنهنڪري ان ۾ پاڻي وغيره وڃي نه سگهندو آهي. ان ڪانپوءِ ڳٽڙين کي هڪ ٻئي سان چگيءَ طرح ٻڌي ڇڏيندا آهن. ان ڪانپوءِ ان تي ويهي، سنڌو درياهه ۾ تري 40 ڏينهن ۾ منصوره جي بندرگاهه تي پهچندا آهن، ۽ قسط ۾ پاڻيءَ جو قطرو به نه ويندو آهي. (74)

ابن خرداذبه، ڪتاب "المسالڪ و الممالڪ" ۾، عربي، فارسي، رومي، فرنگي، اندلسي ۽ روسي زبانون ڳالهائيندڙ يهودي واپارين جي ذڪر ۾ لکيو آهي، ته "هو بحر قلزم کان بحر مشرق ۾ سوار ٿي حجاز ۽ جدي کان ٽيندا، پوءِ سنڌ، هند ۽ چين ويندا هئا. (75) اڳتي هلي لکيو اٿس: "دجلہ نديءَ ۾ جهازن تي سوار ٿي ابلہ (76) ويندا آهن ۽ ابلہ کان عمان، پوءِ سنڌ، هند ۽ چين روانا ٿي ويندا آهن. هي سڀ ملڪ هڪ ٻئي جي ويجهو ۽ مليل آهن." (77) اڳتي هلي لکيو اٿس: "ڪرمان (78) کان پوءِ سنڌ، پوءِ هند ۽ پوءِ چين پهچن ٿا." (79)

پيداوار

(1) "هيءُ ملڪ تجارت جو اهم مرڪز آهي. هتي سون، جڙي ٻوٽيون، دوائون، مصري، چانور گهڻي تعداد ۾ ٿين ٿا. عجائبات به تمام گهڻا آهن، شيون سستيون ۽ گهڻيون آهن. ڪتل ۽ چونهارا به گهڻي تعداد ۾ ٿين ٿا. عدل، انصاف ۽ سياسي شعور آهي. هتي اهڙيون شيون نٿن ٿيون، جيڪي ٻئي هنڌ ڪونه ٿيون نٿن. بازارين ۾ قسمين قسمين سامان وڪامي ٿو. واپاري وڏو نفعو ڪمائين ٿا. سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ (منصوره) اهم ۽ بلند مرتبہ شهر آهي. ان کانسواءِ ٻيا به عمدا شهر ۽ اهم مرڪز آهن. ماڻهو ايماندار، ديانتدار ۽ امن ۽ عافيت سان زندگي گذارينڊڙ آهن. ڏاڪٽو حصو سمنڊ سان ملي ٿو. هڪ درياءُ ان جي وچان لنگهي ٿو. ملڪ جي وڏي ايراضي ميداني آهي. پوک گهڻو ڪري برسات تي ٿئي ٿي." (80)

(2) "هندي سمنڊ چين جي سمنڊ جهڙو نه آهي، جاڪاڻ جو هندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمنڊ ۾ موتي ۽ عنبر ٿيندو آهي. ان جي پهاڙن ۾ جواهرن ۽ سون جون کاڻيون آهن. اتي جي چوپاين جي وات ۾ عاج هوندو آهي. ان جي زمين ۾ آبنوس، بقم، بيد، عود، کافور، جوزبوار (جاءِ قل)، لونگ، صندل ۽ ٻيون پاکيزه ۽ خوشبودار ٻوٽيون هوندیون آهن. پکين ۾ طوطي جهڙا خوش الحان ۽ مور جهڙا خوشنما پکي هوندا آهن. انهيءَ سر زمين ۾ زباد (هڪ جانور جو خوشبودار پگهر)، مشڪ وارو هرڻ ۽ اهڙي قسم جون ٻيون گهڻيون ئي شيون هوندیون آهن، جن جو شمار ڪري نٿو سگهجي." (81)

(3) "قديم زماني ۾ سنڌي دينار به برآمد ڪيا ويندا هئا ۽ هڪ دينار ٽن يا ان کان وڌيڪ دينارن ۾ وڪيو ويندو هو. (82) انهن وٽان مصر جو زمرد به مُنڊين ۾ جڙيل ايندو هو، جي دٻن ۾ بند ٿيل هوندیون هيون. بُسد" يعني مرجان ۽ جِجو (پٿر جو قسم) جنهن کي ڏنج چَوندا آهن، پڻ برآمد ٿيندا هئا، پر هينئر ماڻهن ان کي ترڪ ڪري ڇڏيو آهي. (83)

(4) "هتان (قمار، شايد راس ڪماري) شلاهط مان عنبر مليو؛ سندان مان ڪارا مرچ؛ شلاهط جي جنوب ۾ بڪم ۽ جاوا مان، جو قبلي جي طرف چين جي ويجهو قصور نالي شهر وٽ آهي، لونگ، صندل، کافور ۽ جائفل مليا. سنڌ جي پسگردائيءَ مان بيد ۽ بانس، لنڪبالوس مان نرم ۽ باريڪ پردا، خراسان جي طرف کان نيزا؛ عمان مان هيرا ۽ ياقوت لنڪا مان مليا. اهڙيءَ طرح گيندا، مور، طوطا، سنڌي ڪڪڑيون ۽ ٻين قسمن ۽ نمونن جا عطر ۽ خوشبوئون اچن ٿيون." (84)

(5) "ملڪ سنڌ ۽ هند کي الله تعليٰ اها خصوصيت بخشي آهي، جو اتي طرح طرح جون خوشبوئون ۽ جواهر، جهڙوڪ: ياقوت، الماس وغيره، قيمتي پٿر، گيندا، هاٿي، مور، عود، عنبر، لونگ، سنبل، خونجان(85) ۽ چيني ناريل، توتيو، هريڙ، بڪم، بيد، ساگ جي ڪاٺ، ڪارا مرچ ۽ ٻيون ڪيتريون عجيب و غريب شيون پيدا ٿين ٿيون." (86)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(6) "سنڌ جي پهاڙي زمين ۾ بيد ۽ بانس ٿئي ٿو ۽ هيٺاهين علائقي ۾ پوک ٿئي ٿي." (87)

(7) "هندستاني (سنڌ ۽ هند) راجا قداور هاٿي پالڻ جا ڏاڍا شوقين آهن. وڏيون وڏيون قيمتون ۽ ڪيترو سارو سون ڏئي هاٿي خريد ڪندا آهن. سڀ کان اوچي قد جو هاٿي نَوَ گز ٿيندو آهي. البت اغباب (88) جا هاٿي 10-11 هٿ ٿيندا آهن." (89)

عمارت سازي

مسعودي لکيو آهي: " (هند ۽ سنڌ ۾) زر ۽ جواهر سان مرصع محل تعمير ڪيا ويا، جن ۾ افلاڪ، بارهن برجن ۽ ستارن جون تصويرون بنايون وڃن ٿيون." (90)

سرسبزي

سنڌ جي سرسبزي بابت مسعودي لکيو آهي: "هتي ڪئين ڪيت آهن. وڻ ۽ آباديون هڪ ٻئي سان ڳٿيون پيئون آهن." (91)

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ جا شهر

عرب سياحن جي نظر ۾

منصوره

بشاري مقدسي جو بيان آهي: "سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ۽ مرڪزي شهر آهي. پکيڙ ۾ دمشق جيڏو آهي. عمارتون ڪاڻيءَ ۽ مٽيءَ جون ٺهيل آهن، پر جامع مسجد پٿر ۽ سرن جي ٺهيل آهي ۽ تمام وڏي عمارت آهي. عمان جي جامع مسجد وانگر ان جا ٿنيا ساڳ جا آهن. شهر جا چار دروازا آهن: ساموندي در، طوران در (92) سندان در ۽ ملتان در. سنڌو ندي‌ءَ جي هڪ شاخ شهر کي گهيرو ڪيون ٻيئي آهي. شهر جا رهاڪو سليقي وارا، مروت وارا، ذهين، هوشيار، سخي، اخلاق وارا، نرم دل ۽ اسلام جا پابند آهن. علم جو فيض عام آهي. واپار ۽ ڪاروبار نفعي وارو آهي. مختلف آب و هوا جا ميوا ملن ٿا. سيارو سخت نه ٿو ٿئي، پر مينهن ڏاڍو پوي ٿو. هي شهر ڪيترين عجيب غريب خصوصيتن جو مالڪ آهي. پليون مينهون آهن. عمدو ڪپڙو ۽ ڪمبائتي نوڪ جون جتيون ناهيون وڃن ٿيون. ماڻهو سنڌو درياءَ جو پاڻي پيئن ٿا. جامع مسجد وچ تي آهي. رسم ۽ رواج عراق سان ملن جلن ٿا، پر گرمي سخت ٿئي ٿي. مچر بہ ڏاڍا آهن." (93)

ديبل

بشاري مقدسي لکي ٿو: "ساموندي ڪناري تي واقع آهي. ان جي چوڌاري لڳ ڀڳ سؤ ڳوٺ آهن، جن جي آبادي گهڻو ڪري هندو آهي. سمنڊ جون لهرون شهر جي فصيل سان اچي ٽيون ٽڪرائجن. سمورا رهاڪو واپاري آهن. هت سنڌي ۽ عربي ڳالهائي وڃي ٿي. سنڌ جو بندرگاهہ آهي. حڪومت کي ان مان تمام گهڻي آمدني ٿئي ٿي. ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي لڳ مهراڻ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. شهر جا ماڻهو سليقي وارا ۽ خوش پوش آهن." (94)

تور، ماپ ۽ سڪا

بشاري مقدسي جي بيان موجب: سنڌ جو مڻ (رطل) مڪي جي مڻ جي برابر يعني ٻه سؤ ست درهم (اٽڪل ساڍا تيرهن آنا) هوندو هو. (95) ڪٽڪ مڻ واري ماپي کي "مطل" چيو ويندو هو، جنهن ۾ ماپندڙ ان اٽڪل سوا ڏهه سير ٿيندو هو. (96)

سنڌ جي درهم کي ابن حوقل "قنڌاريات" سڏيو آهي. (97) بشاري مقدسي ان کي قاهريات ڪوٺيو آهي. سندس بيان آهي ته هر قاهري درهم جي قيمت پنجن معياري (98) درهمن جي برابر آهي. قاهره ۾ درهمن کان سواءِ طاطرا (99) درهم ۾ رائج آهن. هڪ طاطرا درهم 1 سچو 2 ياگي 3 معياري درهمن جي برابر آهي. ملتان جا درهم فاطمي (مصري) درهمن جي طرز جا آهن. هتي غزني جا قهري درهم ۾ هلن ٿا؛ جيڪي يمن جي قروض (100) سان ملن ٿا. (101)

تلوارون

سنڌ جي تلوارن بابت جاحظ لکيو آهي: "انهن جون تلوارون نهايت عمديون هونديون آهن ۽ انهن کي تلوارن جي راند ۾ ڏاڍي مهارت حاصل آهي." (102)

بزرگ بن شهريار تلوارن جو ذڪر هن طرح ٿو ڪري:

"انهن جون تلوارون نهايت سڏيون ۽ بلڪل ڪڙيون هونديون آهن. هڪ دفعي بن ڏرين جي پاڻ ۾ جنگ ٿي، ۽ هڪ، ٻيءَ کي شڪست ڏني. انهيءَ وقت مفتوح جماعت کي چيو ويو، ته اسان انهيءَ شرط تي موٽي ويناسين، جڏهن اوهان وار ۽ تلوارون، اسانجي وارن ۽ تلوارن جي اڳيان سرنگون ڪندا، ان ڪانپوءِ مغلوب جماعت ائين ڪيو. انهيءَ جماعت ۾ اها رسم اڃان تائين هلي اچي ٿي." (103)

تلوارون ۾ هتي ٿي ٺهنديون هيون. مسعودي لکيو آهي: "ان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(سنڌ ۽ هند جي هڪ برهمڻ راجا) زماني ۾ ماڻهن کائين مان لوهه ڪڍيو. انهيءَ زماني ۾ تلوارون، خنجر ۽ لڙائيءَ جا ٻيا قسمين قسمين سامان ايجاد ڪيا." (104)

برهمڻ

ابو زيد حسن سيرافي لکيو آهي تہ: "هندستان (هند ۽ سنڌ) جي عالمن کي برهمڻ چون ٿا. (105) برهمڻن لاءِ چيو ويندو آهي، تہ هو حڪومت جو ڪاروبار سنياليندا هئا. عربن جي ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ برهمڻ جي نالي سان هڪ وڏو راجا بہ هو.

مسعودي لکيو آهي: "برهمڻ جي باري ۾ اختلاف آهي. ڪن ماڻهن جي آڏو هو آدم ۽ هندستان ۾ خدا جو اوتار، ۽ ڪن ماڻهن جي آڏو جيئن اسان بيان ڪيو آهي، هو هڪ بادشاهہ هو، ۽ هي قول مشهور آهي." (106)

يعقوبي لکيو آهي: "اهل علم جو بيان آهي، تہ پهريون هندستاني راجا، جنهن کي سڀ مڃين ٿا، برهمڻ هو." (107)

سيد سليمان ندوي انهيءَ بيان کي "هند ۽ سنڌ جي افساني نما تاريخ" سڏيو آهي. هو چوي ٿو، تہ "ٻين ذريعن مان ان جي تصديق نہ ٿي ٿئي تہ، هندستان جو پهريون راجا ڪو برهمڻ هو. ان کان سواءِ اهو بہ پڪيءَ طرح ثابت ٿي چڪو آهي، تہ برهمڻن جو منڊ کان ڪم هو: پڙهڻ پڙهائڻ، نہ ڪي حڪومت ڪرڻ. حڪومت ڪٽري ذات وارن جي هٿ ۾ هئي. (108) البت ڏند ڪٿائن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ سنڌ ۾ برهمڻن ۽ ڪترين جي وچ ۾ چڪاڻ هلي هئي، ۽ چچ کان گهٽو اڳ سنڌ تي ڪجهہ وقت برهمڻن حڪومت ڪئي هئي. ان کان پوءِ سنڌ ۾ گهٽو وقت برهمڻ ۽ ڪترين جي چڪاڻ رهي. پائنجي ٿو، تہ چچ جو حرفت هلائي حڪومت هٿ ڪرڻ بہ ان سلسلي جي ڪڙي هئي.

سڏانت

مسعودي جي بيان مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان برهمڻ راجا جي ڏينهن ۾ رعيت خوشحال هئي؛ هنر، فن ۽ عمارت سازي ۾ ترقي ٿي؛ ۽ نجوم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ حسابن جي علم ۾ به وڏو واڌارو آيو. حڪيمن ۽ فيلسوفن کي ڪنو ڪيائين، جن "سنڌ هنڌ" نالي ڪتاب تيار ڪيو، جنهن جي معنيٰ آهي: زمانن جو زمانو (109). وڌيڪ لکيو اٿس:

"انهيءَ ڪتاب (سنڌ هند) (110) جي روشنيءَ ۾ ڪي ٻيا ڪتاب مثال طور: "ارجهد"(111) ۽ "مجسطيٰ"(112) وغيره لکيا ويا. "ارجهد" جي روشنيءَ ۾ "ارڪند"(113) ۽ "مجسطيٰ" جي روشنيءَ ۾ بطليموس جو ڪتاب مرتب ڪيو ويو. پوءِ انهن جي مدد سان جنتريون بنايون ويون ۽ ماڻهن نوَ حرف (114) ايجاد ڪيا، جي هندي حساب جو احاطو ڪن ٿا. انهيءَ راجا سڀ کان پهريائين سج جي اوج (115) تي بحث ڪيو ۽ بيان ڪيو ته، هو هر برج ۾ 3 هزار سال رهي ٿو، ۽ پنهنجي فلڪ کي 36 هزارن سالن ۾ طئي ڪري ٿو."

باهبود

مسعودي جي بيان مان معلوم ٿئي ٿو، ته ان برهمڻ راجا کي قتل ڪيو ويو، ۽ ان جي تخت تي سندس پٽ باهبود کي ويهاريو ويو. وڌيڪ لکيو اٿس: "باهبود پنهنجي ٻيءُ جي نقش قدم تي هيو. ماڻهن جي حالتن تي پوري نظر رکندو هو، ۽ انهن سان سهڻو سلوڪ روا رکندو هو. هن به عاليشان عمارتون ٺهرايون؛ حڪيمن کي اڳتي وڌايائين ۽ انهن جا مرتبا ۽ درجا بلند ڪيائين. هن جي حڪومت جي مدت سؤ سال هئي. (116)

چوپڙ راند

هن (باهبود) جي زماني ۾ "چوپڙ"(117) راند ايجاد ڪئي وئي هيءَ راند روزگار حاصل ڪرڻ جو هڪ مثال آهي، جيڪو نه حڪمت ۽ تدبير سان هن دنيا ۾ حاصل ٿئي ٿو، ۽ نه صنعت ۽ حرفت سان. هي به بيان ڪيو ويندو آهي، ته سڀ کان پهريائين "ارد شير بن بابڪ" هيءَ راند ايجاد ڪئي. هن دنيا وارن کي، دنيا جي انقلاب ۽ نيرنگيءَ جو نقشو ڏيکاريو، ۽ مهينن جي تعداد مطابق ان جا بارهن برج ۽ مهيني جي ڏينهن جي تعداد مطابق ٽيهه مهرون بنايون ۽ به ٻڙا بنايا. (جن هيءَ راند)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تقدير ۽ انقلاب روزگار جو مثال آهي. جڏهن انسان اها کيڏي ٿو، ته قضا ۽ قدر جي اعانت سان ان جي ذريعي پنهنجي مراد حاصل ڪري ٿو؛ ۽ ماهرا هوشيار ماڻهو کي به اها شيءَ حاصل نه ٿئي ٿي، جا معمولي ماڻهو حاصل ڪري ٿو، بشرطيڪ قضا ۽ قدر انهيءَ معمولي ماڻهوءَ جو ساٿ ڏئي. (118)

زامان جي حڪومت

باهبود کان پوءِ "زامان" سلطنت جي تخت تي ويٺو ۽ اٽڪل 150 سال حڪومت ڪيائين. زامان جا مختلف واقعات آهن. فارس ۽ چين جي بادشاهن سان سندس لڙايون رهيون.

فور جي حڪومت

ان کان پوءِ فور (119) بادشاهه ٿيو. ان جي ۽ سڪندر جي وچ ۾ لڙائي لڳي، جنهن ۾ هو قتل ٿي ويو. ان جي سلطنت جو زمانو 40 سال رهيو.

وبشيلم جي حڪومت

ان کانپوءِ "وبشيلم" جي حڪومت آئي، انهيءَ "ڪليلہ دمنہ" (120) ڪتاب تيار ڪرايو، جنهن جو ابن مقفع عربي ۾ ترجمو ڪيو ۽ سهل بن هارون مامون لاءِ "ثعلہ و عضره" جي نالي سان ان جي جواب ۾ هڪ ڪتاب لکيو، جنهن ۾ ڪليلہ دمنہ جو ۽ ان جي مثالن جو مقابلو ڪيو ويو. هي ڪتاب حسن ترتيب ۾ ڪليلہ دمنہ کان بهتر آهي. هن جي حڪومت 110 سال رهي. ان باري ۾ بيان مختلف آهن.

بلهيت جي حڪومت

ان کان پوءِ "بلهيت" بادشاهه ٿيو، جنهن جي زماني ۾ شطرنج ايجاد ٿي. نرد کيڏڻ وارن جي نظريي جي مخالفت ڪئي ويئي، ڪوشش ۽ تدبير ڪرڻ وارن جي ڪاميابي ۽ جاهلن جي نامرادي ڏيکاري ويئي. ان جو هڪ خاص حساب بنايو ويو ۽ ان تي هڪ ڪتاب لکيو ويو، جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"جنڪا جا طريقا" جي نالي سان مشهور ٿيو. هن پنهنجي حڪيمن ۽ فيلسوفن سان انهيءَ راند ۾ حصو ورتو، ۽ ان کي ناطق ۽ غير ناطق حيوانن جي شڪلين تي بنايو. انهن جا درجا قائم ڪيا. بادشاهه جو مثال منتظم رئيس جي آهي. اهڙيءَ طرح ٻين خانن جا به مثال آهن. انهيءَ ڪري هن اجسام عليوه يعني ستن سيارن، ٻارهن برجن ۽ اجسام سماويه جا مثال ڏنا آهن، ۽ ان جو هر خانو جدا جدا ستارن جي لاءِ آهي؛ ۽ انهيءَ نقشي کي مملڪت لاءِ ضابطو ٺهرايو اٿس. شطرنج جي راند ۾ هندستانين وٽ وڏا وڏا راز آهن، جن کي هو حساب جي تصنيف جي ڪم ۾ آڻيندا آهن. بلهيت جي حڪومت 80 سال ۽ ڪن نسخن جي اعتبار سان 130 سال رهي.

ڪورش جي حڪومت

ان کان پوءِ ڪورش راجا ٿيو ۽ هن زماني جي مصلحت مطابق پنهنجي زماني جي ماڻهن لاءِ تحمل ۽ برداشت جي مناسبت سان مذهب ۾ ترميم ۽ اصلاح ڪئي؛ ۽ پنهنجي وڏن جي مذهب کي ترڪ ڪيائين.

سنڌباد حڪيم

انهيءَ جي زماني ۾ سنڌباد حڪيم گذريو آهي، جنهن جي ڪتاب ۾ ستن وزيرن، هڪ اُستاد، هڪ چوڪري ۽ هڪ راڻيءَ جو قصو آهي. ان ڪتاب جو ترجمو ٿي چڪو آهي.

انهيءَ راجا جي ڪتبخاني ۾ بيمارين ۽ علاج جي سجاڻپ لاءِ هڪ ڪتاب تيار ڪيو ويو، جنهن ۾ جڙي ٻوٽين جون تصويرون بنايون ويون. ان جي حڪومت 120 سالن تائين رهي. ان جي موت کان پوءِ هندن ۾ ان جي راين جي باري ۾ اختلاف ٿي پيو ۽ اهي مختلف جماعتن ۽ گروهن ۾ ورهائجي ويا، ۽ هر علاقي جو حاڪم پنهنجي جاءِ تي خود مختيار ٿي ويو. سنڌ، قنوج ۽ ڪشمير تي جدا جدا خود مختيار رجاڻون ٿي ويا، ۽ مهانگر تي به هڪ راجا "بهلرا" قابض ٿي ويو. هي پهريون راجا هو جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو نالو بهلرا پيو. ان کان پوءِ جيڪو به ان علاقي جو راجا ٿيندو هو، ان جو اهو ئي لقب هوندو هو. اسان جي زماني يعني 322ھ تائين اهو ئي دستور آهي."

برهمڻ جي حڪومت جو خاتمو

اڙيءَ طرح برهمڻن جي حڪومت ختم ٿي. مسعوديءَ جو چوڻ آهي، تہ: "انهن جي حڪومت 366 سال رهي." پنهنجي وقت جو ذڪر ڪندي لکي ٿو، "اسان جي زماني ۾ انهن جو اولاد "براهمته" جي نالي سان مشهور آهي ۽ هندو انهن کي عزت ۽ توقير جي نظر سان ڏسندا آهن. هي پنهنجي طبقي جا اعليٰ ۽ اشراف ماڻهو آهن. هي جانورن جو گوشت نہ کائيندا آهن. هن قوم جي مردن ۽ عورتن جي ڳچين ۾ تلوار جي حمائل وانگر ڪي رنگ جا ڏاڳا پيل هوندا آهن، جنهن جي ڪري هو هندن جي بيءَ قوم کان ممتاز سمجهيا ويندا آهن."

برهمڻن جي زماني ۾ علم ۽ حڪمت جي ترقي

اڳي جيڪي بيان اچي چڪا آهن، انهن مان معلوم ٿيندو تہ برهمڻن جي زماني ۾ سياڻن حڪمين ۽ مفڪرن جو "بيت الذهب" ۾ اجتماع ٿيو. هنن چيو، تہ اسان کي گڏجي غور ڪرڻ گهرجي تہ، هن دنيا جي حقيقت ۽ ان جو راز ڇا آهي؟ اسان ڪٿان آيا آهيون ۽ ڪيڏانهن وڃڻو آهي. اسان کي عدم مان وجود ۾ آڻڻ جي ڪا حڪمت ۽ مصلحت به آهي يا نہ. ڇا اسان جي جسمن کي بنائڻ ۽ پيدا ڪرڻ واري جو اسان جي پيدائش ۾ ڪو مفاد وابسته آهي . ڇا اسان کي هن دنيا مان معدوم ڪرڻ سان هو پنهنجي ڪنهن نقصان کي دور ڪرڻ گهري ٿو؟ ڇا اسان وانگر هن جون به ڪي ضرورتون آهن، ۽ هو به اسان جيان نقصان کي دور ڪرڻ گهري ٿو؛ ۽ هو به اسان وانگر نقصان سهي ٿو؛ يا انهن سيني شين کان هو بلڪل مستغني ۽ پاڪ آهي. پوءِ آخر هو چو اسان کي وجود بخشڻ کان پوءِ ماري ڇڏي ٿو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پهرين حڪيم ۽ فلسفيءَ ان جو اهو جواب ڏنو، ”ڇا اوهان اهڙو شخص ٻڌائي سگهو ٿا، جنهن موجود ۽ غير موجود سيني شين جو صحيح صحيح ادراڪ ڪيو هجي، ۽ اهو مقصد ۾ ڪامياب ٿي مطمئن ٻه ٿي ويو هجي.“

ٻئي جواب ڏنو: ”جيڪڏهن ڪنهن جي عقل ۽ فهم ۾ باري تعاليٰ جي حڪمت اچي وڃي، تہ ان مان ان جي حڪمت ۾ نقص ۽ فتور لازمي طرح اچي ويندو. حقيقت اها آهي، تہ غرض ۽ غايت جو اندازو نٿو ڪري سگهجي. اسان جي تقصير ۽ ڪوتاهي صحيح ادارڪ ۾ مانع آهي.“

ٽئين حڪيم چيو: ”انهن شين جي علم کان پهريان، جي اسان کان پري آهن، اسان لاءِ پنهنجي نفسن جي حقيقت کان آگاهي ضروري آهي، ڇاڪاڻ جو هو اسان سيني کان وڌيڪ ويجهو آهي. اسان ٻئي هڪ بي لاءِ وڌيڪ مستحق آهيون.“

چوٿين حڪيم چيو: ”۽ اها ڪيتري قدر غلط ڳالهه ٿيندي، جو ڪو ماڻهو اهڙيءَ جڳهه تي پهچي وڃي، جتان ان کي پنهنجي نفس جي معرفت جي ضرورت پيش اچي.“

پنجين حڪيم چيو: ”انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو، تہ عالمن ۽ حڪمت جي ماهرن سان رستو ۽ تعلق قائم ڪرڻ ضروري آهي.“

ڇهين حڪيم چيو: ”جنهن ماڻهوءَ کي نفس جي سعادت محبوب آهي، ان کي ان طرف کان غافل رهڻ نہ گهرجي. خاص طرح انهيءَ ڪري جو هن دنيا ۾ هميشه رهڻ محال آهي ۽ هتان ڪوچ ڪرڻ يقيني آهي.“

ستين فلسفيءَ جو جواب: ”توهان جيڪي چئي رهيا آهيو، اهو منهنجي سمجهه کان ٻاهر آهي. البت ايترو ڄاڻان ٿو تہ، دنيا ۾ مجبور بنائي آندو ويو آهيان، حيران ۽ پريشان زندگي گذاري رهيو آهيان ۽ زبردستيءَ انهيءَ حالت ۾ دنيا مان ڪڍيو ويندس، جو ان کي ڇڏڻ مون کي انتهائي ناگوار لڳندو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڳيان ۽ پويان هندستاني انهن ستن ئي حڪيمن ۽ پنڌتن جي راين ۽ افڪارن جي باري ۾ مختلف الخيال ٿي ويا آهن، پر انهن سيني انهن جي پيرويءَ ۽ انهن جي طريقي کي اختيار ڪرڻ گهربو. انهيءَ ڪري انهن جي مذهب ۽ راين جي باري ۾ مختلف جماعتون پيدا ٿي ويئون، جن جو تعداد 70 آهي."

ستن حڪيمن جي مٿين بيانن مان معلوم ٿئي ٿو، ته اها هڪ قسم جي مجلس مذاڪره هئي. ان مان اهو به ظاهر آهي، ته هند ۽ سنڌ جا حڪيم نهايت قابل ۽ فلسفي هئا.

سڪندر جڏهن هندستان مان ٿي يونان ويو، تڏهن هتان ڪيترا حڪيم ۽ فلسفي به وٺي ويو . مسعوديءَ، سڪندر جو حملو هندستان جي راجا "فور" سان ڏيکاريو آهي، جنهن جو صحيح نالو "پورس" هو. ان کان سواءِ "فور" کي برهمڻن راجائن مان جاڻايو اٿس؛ تنهنڪري سڪندر جيڪي حڪيم هندستان مان وٺي ويو، اهي برهمڻن جي دور جا سمجهڻ گهرجن. ساڳي ئي عرب مصنف مسعوديءَ لکيو آهي ته، جڏهن سڪندر مري ويو، تڏهن ان جي لاش جي پرسان حڪيمن ۽ فيلسوفن جو وڏو گروهه گڏ ٿي ويو. سڀ کان وڏي سياڻي حڪيم چيو: "هر شخص کي هن موقعي تي اهڙي ڳالهه چوڻ گهرجي، جيڪا خاص ماڻهن لاءِ تعزيت، تسلي ۽ عام ماڻهن لاءِ پند ۽ موعظت جو باعث بنجي." اهو چئي هو اڳي ويٺو ۽ تابوت تي هٿ رکي چيائين: "قيدين کي قيد ڪرڻ وارو اڄ پاڻ قيد آهي." اڳتي هلي مسعوديءَ لکيو آهي: "ارڙهين حڪيم، جو هندستان جي مشهور حڪيمن مان هو، چيو ته "اي انسانو! اهو شخص، جنهن جي غيظ ۽ غضب جو نالو موت هو؛ ان کي اڄ پنهنجي موت تي چو نه ڪاوڙ آئي..." چوويهن حڪيم، جو هندستان جي زاهدن ۽ فلسفين مان هو تنهن چيو: "دنيا جو آخري نتيجو اهو آهي، انهيءَ ڪري ابتدا کان ئي دنيا کان علحدگي بهتر آهي."

هن مان وڌيڪ اهو به ثابت ٿئي ٿو، ته هندستان ۾ ان زماني ۾ وڏا قابل فيلسوف هئا. وڌيڪ اهو به معلوم ٿئي ٿو، ته دنيا جي فنائي انهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ذهن نشين هئي ۽ دنيا کان علحدگيءَ ۾ ئي هنن پنهنجي بهتري ٿي سمجهي.

زراج

يعقوبيءَ جو بيان آهي ته، برهمڻن کان پوءِ هندستان ۾ هڪ ڊگهي عرصي تائين سلطنت جو نظام درهم برهم ۽ متفرق حڪومتن ۾ اهڙي طرح ورهايل رهيو، جو هر جماعت هڪ جدا مملڪت ۽ سلطنت تي قابض رهي؛ تان جو جڏهن ٻيا بادشاهه متن حملو ڪرڻ لڳا، تڏهن کين خوف ٿيو ته (انهيءَ نفاق جي ڪري) منجهن ڪمزوري پيدا ٿي ويندي. سندن حڪمت ۽ بصيرت مشهور هئي، ۽ دانائيءَ ۽ تدبير ۾ هو ٻين حڪومتن جي مقابلي ۾ وڌيڪ فائق هئا. انهيءَ ڪري هڪ شخص کي بادشاهه بنائڻ ۾ متفق ٿي ويا، ۽ زارج کي پنهنجو راجا بنايائون. هو وڏي جاهه، عظمت ۽ وڏي مرتبي وارو بادشاهه هو، انهيءَ ڪري سندس حڪومت ۽ اقتدار تمام وڏي ويو، ۽ بابل ۽ ان کان به اڳتي بني اسرائيل جي بادشاهن ڏانهن وڌيو. هن سليمان بن داؤد جي وفات کان 20 سال پوءِ "بنو اسرائيل" تي حملو ڪيو. ان وقت انهن جو بادشاهه رجعم بن سليمان هو. بنو اسرائيل الله تعاليٰ جي درگاهه ۾ آه و زاري ڪئي، ته الله تعاليَ "زارج" ۽ ان جي لشکر تي موت طاري ڪري ڇڏيو ۽ هو پنهنجي وطن واپس موٽي آيو. (121)

جوڳي ۽ پڪشو

ابو زيد حسن سيرافي لکيو آهي: "هندستان ۾ ڪجهه ماڻهو بيابانن، جهنگلن ۽ پهاڙن جو سير ڪندا وتندا آهن، ۽ ماڻهن سان تمام گهٽ ملندا آهن. هي ڪڏهن ڪڏهن گاهه ۽ جهنگلي ميوو کائي ونندا آهن. عضوي تناسل ۾ لوهه جي هڪ زنجير انهيءَ ڪري وجهندا آهن، ته جيئن عورتن ڏانهن وڃي نه سگهن. انهن مان ڪي بلڪل اگهاڙا رهندا آهن. منجهانئن ڪي سڄ ڏانهن منهن ڪري بلڪل اگهاڙا ٻيٺا هوندا آهن. انهن جي جسم تي چيتي جي هڪ مختصر ڪل پيئي هوندي آهي. هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماڻهوءَ کي مون پاڻ ڏٺو، ته سج ڏانهن منهن ڪيو بلڪل اگهاڙو بيٺو هو. 16 سالن کان پوءِ وري موٽي آيس، ته ان کي انهيءَ ئي حالت ۾ ڏٺم. مون کي سخت عجب لڳو، ته سج جي تپت تي سندس اکيون ڇو نه ٽڪري ويون." (122)

ٻئي هنڌ ڇاڪاڻ اٿس: "هتي هڪ جماعت "بيڪر جين" (123) جي نالي سان مشهور آهي، جيڪا اگهاڙي رهندي آهي. انهن جا وار ايڏا وڏا هوندا آهن، جو جسم ۽ شرم گاهه کي ڍڪيو بيٺا هوندا آهن. ننهن وڏا ۽ نيزن وانگر تيز هوندا اٿن. البت کي پنهنجو پاڻ ٽٽي پوندا آهن. هي ماڻهو سير ۽ سياحت ڪندا آهن. انهن مان هر شخص جي ڳچيءَ ۾ مالها هوندي آهي، جنهن ۾ انساني کوپري (124) لٽڪندي رهندي آهي. جڏهن کين ڏاڍي بک لڳندي آهي، تڏهن ڪنهن هندستانيءَ جي در تي هليا ويندا آهن. هو ان کي بابرڪت سمجهي کيس هڪدم رڌل چانور آڻي ڏيندو آهي، جنهن کي هو کوپريءَ ۾ وجهي کائيندا آهن." (125)

بزرگ بن شهريار فقيرن ۽ جوڳين جا قسم ڇاڪاڻيندي لکي ٿو:

"انهن جا ڪجهه قسم هي آهن: هڪ قسم کي "بيڪور (126) چون ٿا، جي اصل ۾ لنڪا جا رهاڪو آهن. هي مسلمانن سان ڏاڍي محبت ڪن ٿا ۽ انهن سان ڏاڍو ميلاپ رکن ٿا. هي گرميءَ جي مند ۾ بلڪل اگهاڙي بدن ۽ اگهاڙين پيرين رهن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن ڪو ساڏو، فقط ڇڻ آڳرين جي لنگوٽي هڪ ڏوريءَ ۾ لڳائي، چيلهه ۾ ٻڌي ڇڏي ٿو. سياري ۾ هي ماڻهو گاهه جا تڏا ويڙهيندا آهن؛ ۽ کي مختلف رنگن جي ننڍين ننڍين (127) ٽُڪرين مان سبيل هڪ لنگي ٻڌندا آهن. جسم تي مردن جي سڙيل هڏن جي رک، ملیندا آهن. مٿي جا وار لهرائيندا آهن ۽ ڏاڙيءَ ۽ مڇن جا وار پٽيندا آهن. پر بغل ۽ زير ناف جا وار نه ڪوڙيندا آهن. ڪيترا ماڻهو ننهن ڪٽائيندا آهن (يعني ڪيترا نه به ڪٽائيندا هوندا)؛ ۽ هرهڪ جي ڳچيءَ ۾ مئل انسان جي هڪ کوپري هوندي آهي، جنهن ۾ عبرت ۽ خاڪساريءَ طور کائيندا آهن." (128)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عقيدا ۽ فرقا

سنڌ ۽ هند ۾ ڪيترائي ڌرم ۽ فرقا هئا. ابن خرداذبہ لکيو آهي:

"هندستان ۾ 42 قسمن جا مذهب آهن. ڪي خدا ۽ رسول ٻنهي کي مڃين ٿا، ڪي خدا کي ٻہ مڃين ٿا، پر رسولن کان انڪار ڪن ٿا. ڪي وري نہ خدا جا قائل آهن ۽ نہ رسولن جا. انهن جو خيال آهي، تہ جهاڙ، ڦوڪ ۽ منترن جي ذريعي مرادون حاصل ڪري سگهجن ٿيون. بيماريءَ ۾ جهاڙ ڦوڪ سان علاج ڪرائيندا آهن ۽ ان جو پاڻي ٻہ پيارييندا آهن. اوهام ۽ تخيلات تي سندن عقيدو آهي ۽ هو سمجهن ٿا تہ ان مان ڪين نفعو ۽ نقصان پهچي ٿو. هو اهڙيون اهڙيون خيالي شيون ظاهر ڪن ٿا، جن کي عقل ڏسي حيران ٿي وڃي ٿو. هو برسات ۽ ٽڏ جي روڪي ڇڏڻ جا مدعي آهن." (129)

جيتوڻيڪ جدا جدا ڌرم ۽ فرقا هئا، پر سيئي بتن کي پوڄيندا هئا ۽ جوڳ جا قائل هئا. البتہ بتن جون شڪليون جدا جدا هونديون هيون. ٻڌ ڌرم جو باني گوتم ٻڌ بت پرستيءَ جو مخالف هو، پر ان جي مرڻ کان پوءِ ٻڌ ڌرم وارن ان جا بت ٺاهي، پنهنجي مندرن ۾ رکيا. جتي جتي ٻڌ ڌرم پهتو، اتي جي ٻڌ جي مندرن ۾ ٻڌ جا بت رکيا ويا. اهوئي سبب آهي، جو اڄ دنيا ۾ گهڻي ۾ گهڻا بت گوتم ٻڌ جا ملن ٿا.

جيئن تہ چين ۾ ٻڌ ڌرم سنڌ ۽ هند مان پهتو، انهيءَ ڪري چيني ماڻهو ڌرمي تعليم پرائڻ لاءِ سنڌ ۽ هند جا سفر ڪندا هئا. هو هتان ٻڌ جا بت ۽ رک ٻہ ڪڻي ويندا هئا. انهيءَ حقيقت جي بنياد تي ابو زيد حسن سيرافي لکيو آهي:

"چين وارن وٽ علم ڪونهي. انهن جي دين جو اصل بنياد ٻہ هندستان تي ئي آهي. هو سمجهندا آهن تہ هندستان وارن ئي سندن لاءِ بت بنايا ۽ اهي ئي حقيقت ۾ دين وارا آهن. ٻنهي ملڪن جا ماڻهو تناسخ (جوڳ) جا قائل ۽ جزئيات دين ۾ هڪ ٻئي کان مختلف آهن. طبيب ۽ فلسفي هندستان ۾ گهڻا آهن." (130)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ابو زيد حسن سيرافي ٻئي هنڌ لکيو آهي: "چين جي بادشاهه، عرب جي قبيلي قريش جي هڪ ماڻهوءَ کي پنهنجي دربار ۾ دنيا جي وڏن وڏن ۽ ذکر لائق شهنشاهن متعلق گفتگو ڪندي چيو ته، 'چوٿين نمبر ۾ ترڪن کان پوءِ هاٿين وارو يعني هندستاني بادشاهه آهي ۽ اسان ان کي حڪمت ۽ دانائيءَ جو راجا سمجهندا آهيون؛ چاڪاڻ جو سنڌ ۽ هند جي سرزمين حڪمت ۽ دانش جو مرڪز ۽ منبع آهي'." (131)

"سڀ هندستاني ۽ چيني راجا تناسخ جا قائل آهن ۽ اهو انهن جو دين آهي." (132)

طب، نجوم ۽ حساب

سنڌ جا عالم ۽ پنڊت انهن علمن ۾ پڙ هئا. ان بابت ڪيترن ئي عالمن ۽ سياحن جا بيان ملن ٿا. جاحظ لکيو آهي:

"هندستان جي رهاڪن کي اسان نجوم (جوتش) ۽ حساب ۾ تمام اڳتي ڏٺو آهي." (133) ٻئي هنڌ لکي ٿو: "نجوم جي حساب جا اصلي موجد اهي ئي آهن. (134)

ٽين صديَ جي ٻئي سياح ۽ تاجر ابو زيد سيرافيءَ لکيو آهي: "چين وارا علم نجوم مان ضرور واقف آهن، پر هندستان ۾ هي علم وڌيڪ آهي." (135)

ٽين صديءَ جي آخر جي ٻئي جاگرافيدان ابن فقيهه همدانيءَ لکيو آهي: "هندستان ۾ طبيبن، پنڊتن (فلسفين) ۽ نجومين جي گهٽائي آهي. (136)

ٻئي هنڌ لکيو اٿس: "هندستانين کي سحر ۽ شعبده ۾ بہ درڪ آهي." (137)

فال جو رواج بہ هندستان ۾ هو. بزرگ بن شهريار لکي ٿو: "مون کي اهڙي شخص بيان ڪيو، جنهن هندستان ۾ ڪيترن ماڻهن کي شگون ۽ فال وجهندي ڏٺو هو." (138)

ابو زيد حسن سيرافي لکي ٿو: "هندستان جي عابدن ۽ عالمن کي برهمڻ سڏيندا آهن. هتي جا شاعر درباري هوندا آهن. نجومي، فلاسفر، ڪاهن، فالن وجهڻ وارا، شعبده باز، جادوگر، طلسمات ۽ تخيلات ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اظهار ڪمال ۽ طرح طرح جون ايجادون ڏيکاريو وارا عام طرح هندستان ۾ هر جڳهه ۽ قنوج ۾ خاص طرح آهن، جيڪو گجرات صوبي جو هڪ مشهور ۽ وڏو شهر آهي." (139)

هندستانين جي هيئت بابت يعقوبي (ص 59) جو بيان هن طرح آهي:

"هلِ هند جو بيان آهي ته الله تعاليٰ ستارن کي حمل (140) جي پهرين دقيقي مان پيدا ڪيو آهي ۽ اهوئي دنيا جو پهريون ڏينهن آهي. پوءِ ستارن کي ان هنڌ تان اک چنپ کان به گهٽ وقت ۾ هلايو ۽ هر ستاري لاءِ هڪ متعين ۽ معلوم رفتار مقرر ڪيائين. ايتريقدر جو هو سڀ سنڌ هند جي چند ڏينهن کي پورو ڪري، انهيءَ مقام تي پهچي وڃن ٿا، جنهن ۾ پيدا ڪيا ويا هئا ۽ پنهنجي پهرينءَ هيئت مطابق ٿي وڃن ٿا. ان کان پوءِ الله تعاليٰ جو چاهي ٿو، اهو فيصلو ڪرائي ٿو."

طب ۽ علاج بابت جاحظ جو بيان آهي: "طب ۾ به انهن (سنڌين) جو درجو اعليٰ آهي. انهن جي طب جا خاص اسرار آهن ۽ سنگين بيمارين جون انهن وٽ خاص دوائون آهن." (141)

"زهر جي اثر ۽ درد ۾ انهن جي جهاڙ ڦوڪ مان فائدو ٿيندو آهي." (142)

"انهن جي منترن سان زهر جو اثر ختم ٿي ويندو آهي." (143)

ابو زيد حسن سيرافي لکيو آهي: "نجومين، فلاسافرن ۽ ڪاهنن وغيره کان شگون ونڻ؛ جادوگر، شعبده باز، طلسمات ۽ تخيلات ۾ اظهار ڪمال ۽ طرح طرح جون ايجادون ڏيکاريو وارا عام طرح هندستان ۾ هر هنڌ ۽ قنوج ۾ خاص طرح سان ٿين ٿا، جو صوبي گجرات جو مشهور ۽ وڏو شهر آهي." (144)

ادب ۽ شاعري

هن ڏس ۾ به عرب عالمن ۽ سياحن جا بيان ملن ٿا. جاحظ لکيو آهي: "انهن جي شاعريءَ ۽ تقريرن جو ڪافي ذخيرو آهي. انهن وٽ طبي، فلسفي ۽ ادب جا فن آهن. انهن وٽان ئي ڪتاب "ڪليله دمنه" (145) حاصل ڪيو ويو هو." (146)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يعقوبيءَ لکيو آهي: "هندستان جو هڪ راجا وبشيلر هو، جنهن جي زماني ۾ ڪتاب "ڪليلہ دمنہ" لکيو ويو. ان جو مصنف هڪ دانشمند پنڊت بيدپا هو. هن ان ۾ اهڙيون تمثيلون بيان ڪيون آهن، جنهن مان عقلمند ماڻهو عبرت ۽ نصيحت، فهم ۽ فراست، تهذيب ۽ شائستگي حاصل ڪري سگهن ٿا." (147)

شاعرن بابت ابو زيد سيرافي جو بيان آهي: "هتان (هند ۽ سنڌ) جا شاعر درباري ٿيندا آهن." (148)

صورتخطيءَ بابت جاحظ جو بيان آهي: "انهن جو هڪ خاص خط آهي، جيڪو لغت جي سيني حرفن ۾ جامع آهي. ان کانسواءِ (ٻيا ٻہ) مختلف قسمن جا خط آهن." (149)

شاعريءَ کان سواءِ بلاغت جي فن کان ٻہ سنڌ جا عالم باخبر هئا. ان سلسلي ۾ هڪ عرب عالم عمر بن بحر بن محبوب، ابو عثمان جاحظ ڄاڻايو آهي:

"معمر ابوالاشعث جو بيان آهي، تہ ."بهلہ (ٻلو)" کي جڏهن يحيٰ بن خالد برمڪيءَ ٻين ويدن ۽ پنڊتن: منڪ (ماڻڪ)، بازيگر، قلبر قل ۽ سند باذ سان گڏ بغداد گهرايو هو، تڏهن مون کانئس پڇيو، تہ هندستان (سنڌ) وارن جي آڏو بلاغت جو ڇا مفهوم آهي؟ "ٻلي" جواب ڏنو تہ، انهيءَ موضوع تي لکيل هڪ رسالو مون وٽ موجود آهي... اهو رسالو ڪٽي مان مترجمن سان مليس. ان ۾ لکيل هو تہ، بلاغت جو پهريون شرط اهو آهي، تہ ان جا سمورا اوزار ۽ وسيلا موجود هجن. ان جو تفصيل هيءَ آهي: خطيب ۽ مقرر جي دل مضبوط ۽ قوي هجي؛ ان جي عضون ۽ جوارح ۾ سڪون هجي؛ اکيون ٻوٽجندڙ نہ هجنس؛ سندس لفظ چيده ۽ چونڊيل هجن، قوم جي سردار سان عوامي انداز جي ۽ بادشاهن جي اڳيان بازاري طرز جي گفتگو نہ ڪري؛ ان ۾ اها خوبي هجي جو هر قسم جي ماڻهن سان انهن جي حال موافق گفتگو ڪري سگهندڙ هجي؛ ۽ لفظن ۽ معنيٰ ۾ تمام گهٽيءَ دقت آفريني، نڪتہ سنجي ۽ تراش خراش کان ڪم نہ وٺندو هجي؛ ۽ اهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خصوصيتون سواءِ ڪنهن حڪيم، داناءَ (پنڊت) ۽ باخبر فلسفي جي صحبت سوا پيدا ٿي نہ ٿيون سگهن." (150)

موسيقي

هن فن ۾ به سنڌ ۽ هند جي ماڻهن کي ڪمال حاصل هو. جاحظ جو بيان آهي:

"انهن (سنڌين) جي موسيقي دلڪش آهي. انهن جو هڪ ساز آهي، جنهن جو نالو "ڪنڪل"● آهي. جو ڪدوءَ تي هڪ تار رکي تاٽي وڄائيندا آهن؛ جيڪو اڪيلو ستار جي تارن ۽ جهانجهن جو ڪم ڏيندو آهي. انهن وٽ مختلف قسمن جا ناچ رائج آهن." (151)

سنڌين جون خصوصيتون

سنڌ جي رهاڪن بابت جاحظ لکيو آهي: "انهن ۾ جيڪي خوبيون ۽ خصوصيتون آهن، اهي چينين ۾ ڪونهن. هنن ۾ اصابت راءِ ۽ بهادري به آهي. خلال ڪرڻ، ڏندڻ هڻڻ، اوڪٽو ويهڻ (ڪانپ ڪڍي ويهڻ)، خضاب لڳائڻ وغيره انهن جون وٽندڙ عادتون آهن. هو خوبصورتي، نمڪيني، خوش قامتي ۽ خوشخوئي وغيره سان به آراسته آهن. انهن خوبين ۾ انهن جي عورتن کي به مثال طور پيش ڪيو ويندو آهي.... ماڻهن جو بيان آهي، ته حبشين جي خوبي آهي، حسن خلق ۽ خوش گلوئي، پر اهي شيون اوهان کي سنڌ جي ٻانهين ۽ عورتن ۾ به ملنديون." (152)

"سيرافي" لکيو آهي: "سنڌ ۽ هند جا ماڻهو روزانو نيرن کان اڳ پهريائين سنان ڪندا آهن؛ پوءِ کائيندا آهن... هو ڏندڻ هڻندا آهن. ڪوبه شخص ڏندڻ ۽ غسل کان سواءِ کاڌو نہ کائيندو آهي." (153)

ابن فقيهه لکيو آهي: "هتي هڪ گروهه اهڙو به آهي، جي گڏجي کائڻ کي عيب سمجهندا آهن ۽ هر هڪ جدا جدا کائيندو آهي. انهن ماڻهن جو هڪ گروهه، جو سؤ ماڻهن تي مشتمل هو، جڏهن "سيراف" آيو، ۽ هڪ وڏي تاجر سندن دعوت ڪئي، تڏهن هر شخص لاءِ جدا

● هن ساز مان مراد سنڌي "يڪ-تارو" آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جدا ٽالهي مهيا ڪرڻي پيئي، جيئن هو اڪيلا ڪائي سگهن.

اتان جي اميرن لاءِ روزانو دستر خوان ۽ ناريل جي ڪل جي ٽالهيءَ جهڙو ٽانو ناهيو ويندو آهي. (154) جڏهن ڪاڏو ايندو آهي، تہ انهي ٽانوَ ۾ ڪائيندا آهن. ڪاڏي کان فارغ ٿي، اهو دسترخوان ۽ ڪل واري ٽالهي ۽ بچيل ڪاڏو پاڻيءَ ۾ اڇلائي ڇڏيندا آهن، ۽ پئي ڏينهن وري نئين ٽالهي بنائي ويندي آهي."

"هندستان جا ماڻهو ڏندڻ ۽ غسل کانسواءِ ڪاڏو نہ ڪائيندا آهن. (155) پر چين جي ماڻهن ۾ اهو قاعدو نہ آهي." (156)

"هندستان (سنڌ) جي سرزمين معتدل، پاڻي منو ۽ آبهوا خوشگوار آهي. فصل بين ملڪن ۽ شهرن جي مقابلي ۾ (حوادث زماني کان) ڪيترائي دفعا وڌيڪ محفوظ رهندو آهي." (157)

بزرگ بن شهريار لکيو آهي: "مون سان ناخدائن جي سردار ۽ بحري معاملن جي واقف ۽ آزمودگار عبدالله محمد بن باشاد سيرافيءَ بيان ڪيو تہ هندستان جي شهر قنوج ۾ ڪي ماڻهو سوپاري ٻنهي چپن سان دٻائي پيچندا آهن." (158)

بشاري مقدسي لکيو آهي: "هن ملڪ ۾ وڏن وارن رکڻ جو رواج آهي. ماڻهو ڪڙتا پئين ٿا، ڪن ٽوپائين ٿا، جيئن هندن ۾ رواج آهي. واپارين ۽ عالمن کان سواءِ سڀ ماڻهو گهٽو ڪري گوڏ پائين ٿا." (159)

پئي هنڌ لکي ٿو: "ماڻهو صالح ۽ سڌي رستي تي آهن. سندن عقيدا درست آهن؛ ۽ سندن مذهبي ڪردار وٽندڙ آهي. دين ۾ ڪٽرپڻي ۽ مبالغي کان محفوظ آهن. هت مذهبي، سياسي ۽ بي قسم جا جهڳڑا ۽ فتنا بہ ڪونهن." (160)

سنڌين جي پوشاڪ ۽ زيور

1. "هندستان وارا بہ لونگيون استعمال ڪندا آهن ۽ مرد ۽ عورتون سڀ سونَ ۽ جواهرن جا ڪنگڻ ۽ زيور پائيندا آهن." (161)
2. "هندستان جو راجا پنهنجي ڪنن ۾ اهڙا سون جا والا پائيندو آهي، جي قيمتي جواهرن ۽ موتين سان جڙيل هوندا آهن؛ ۽ ڳچيءَ ۾ تمام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قيمتي مالها پائيندا آهن، جنهن ۾ عمدا موتي ۽ ڳاڙها ڦڪا جواهر هوندا آهن. اهي ئي موتي جواهر سندن دولت ۽ خزانو آهي. اهي زيور فوج جا سپهه سالار ۽ آفيسر به پائيندا آهن."(162)

هن مان معلوم ٿيندو، ته هندستان جا راجائون زيور پائيندا هئا. ابن فقيهه همدانيءَ لکيو آهي، ته هندستان جا سڀ راجائون زيور پائيندا هئا. (163) عورتن جي زيورن لاءِ ابوفقيهه لکيو آهي ته، عورتون ڪن ۾ واليون ۽ هٿن ۾ سونا ڪنگڻ پائين ٿيون. (164)

سنڌي صراف ۽ منشي

جاحظ لکيو آهي: هندستانين لاءِ فخر جو باعث اهو آهي، ته صراف ۽ پيسن وارو ڏنڊو ڪرڻ وارا پنهنجون ٽبلهون ۽ خزانا فقط سنڌين ۽ ان جي اولاد جي ئي حوالي ڪندا آهن. انهيءَ ڪري هو سنڌين کي سڀ کان وڌيڪ صرافه جي ڪمن ۾ ماهر، قابل اطمينان ۽ ايماندار سمجهن ٿا. روم ۽ خراسان وارن کي ڪوبه پنهنجي خزاني جون ڪنجيون نه ڏيندو آهي. ماڻهو برڪت لاءِ به سنڌين کي خزانچي بنائيندا آهن، چاڪاڻ جو بصري ۽ "برپارات" جي بند وارن جڏهن ڏٺو ته فرج ابو روح سنڌيءَ پنهنجي آقا لاءِ وڏي دولت ۽ ملڪيت پيدا ڪئي، تڏهن هر شخص سنڌي خريد ڪرڻ جي خواهش ڪرڻ لڳو."(165)

سنڌي بورچي

جاحظ ٻئي هنڌ لکيو آهي: "هتان جي ماڻهن جي اها وصف آهي، ته سنڌي غلامن کان وڌيڪ رڌڻ پچائڻ وارا بهتر نه ملندا. انهن کي فطري طور کائڻ پچائڻ جو ذوق هوندو آهي."(166)

کارو کاري

معلوم ٿئي ٿو، ته کارو کاريءَ کي مارڻ جي رسم به سنڌ ۾ قديم زماني کان موجود آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سليمان تاجر لکيو آهي: "هند ۽ چين وارا جڏهن شادي وهاڻ ڪندا آهن، تڏهن پهريائين سلام دعا شروع ڪندا آهن، پوءِ سوڪڙيون پاڪڙيون موڪليندا آهن؛ ۽ پوءِ طبل ۽ جهانجهه وڄائي شاديءَ جو اعلان ڪندا آهن. جيتري قدر به ٽي سگهندو اٽن، ڏيءُ کي مال ۽ دولت ڏيندا آهن. جڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن عورت کي وٺي اچي ۽ بدڪاري ڪري، ته بدڪاري ڪرڻ واري عورت ۽ مرد ٻئي قتل ڪرڻ، سڄي ملڪ ۾ ضروري سمجهيو ويندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ زبردستيءَ عورت سان زنا ڪئي، ته اڪيلو مرد قتل ڪيو ويندو؛ پر جيڪڏهن عورت جي رضامنديءَ سان بدڪاري ڪيائين، ته مرد ۽ عورت ٻئي قتل ڪيا ويندا آهن." (167)

فوج

هند ۽ سنڌ جي راجا جي فوج بابت عربي ڪتابن ۾ حوالا ملن ٿا. آيو آهي: "هندستاني راجا جي فوجن جو تعداد وڌيڪ آهي؛ پر اهي پگهاردار نه آهن. بلڪ ضرورت وقت جڏهن راجا انهن کي جنگ لاءِ گهرائيندو آهي، تڏهن ايندا آهن ۽ پنهنجو خرچ ڪندا آهن. بادشاهه تي ان جي ذميداري نه هوندي آهي." (168)

هندستاني فوج بابت مٿيون بيان سليمان تاجر جو آهي. ابن فقيهه همداني، جو ٽين صديءَ هجريءَ جي آخر جو جاگرافيدان آهي، سو به ائين ئي لکي ٿو. لکيو اٿس: "بادشاهه فوج کي پگهار نه ڏيندو آهي. پر لڙائيءَ لاءِ جڏهن به گهرائيندو آهي، ته ماڻهو پاڻ هليا ايندا آهن".

ڏوهه ثابت ڪرڻ ۽ سزا

سليمان تاجر جو بيان آهي: "هندستان ۾ جڏهن ڪو شخص، ٻي شخص تي اها دعويٰ ڪندو آهي، جنهن ۾ ملزم جي سزا قتل لائق هجي، ته الزام لڳائڻ واري کي چيو ويندو آهي، ته ڇا تون ڏوهاريءَ کان باهه ڪڑائيندين. جيڪڏهن هو هاڪار ڪندو آهي، ته هڪ لوهه ٽڪر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باهه ۾ وڏو ويندو آهي؛ جڏهن اهو باهه ۾ تپي سُرخ ٿي ويندو آهي، تڏهن ملزم جو هٿ کولي، ان جي تريءَ تي هڪ خاص وڻ جا ست پن (170) رکي، انهن تي اهو تَتل لوهه رکيو ويندو آهي. ملزم اهو کٽي اڳتي پوئتي هلندو آهي ۽ پوءِ لوهه کي اڇلي ڇڏيندو آهي. ان کان پوءِ چمڙي جو هڪ ٿيلهو آندو ويندو آهي، پوءِ بادشاهي مهر سان ان کي بند ڪيو ويندو آهي. ٽن ڏينهن کان پوءِ ڪيس ساريون ڏيئي، چيو ويندو آهي ته هن مان چانور ڪڍ. جيڪڏهن ان ڪم جي ڪري، سندس هٿ تي ڪو اثر نه ٿيو ته هو ڪامياب ۽ سچو سمجهيو ويندو آهي ۽ ان کي قتل ڪرڻ جي بدران، مدعيءَ تي هڪ مڻ سون ڏنڊ رکيو ويندو آهي، جيڪو بادشاهه ونندو آهي. ڪڏهن ان جي بدران لوهه يا ٽامي جي ٽائوَ ۾ پاڻي ايڏو ٽهڪايو ويندو آهي، جو ڪوبه شخص ان جي پرسان وڃڻ جي جرائت ڪري نه سگهندو آهي، پوءِ ان ۾ لوهه جي هڪ مُنڊي وجهي ملزم کي چيو ويندو آهي ته ان کي ڪڍ. مون پاڻ اهڙن ماڻهن کي ڏٺو آهي، جن (انهيءَ گرم پاڻيءَ ۾ منڊي ڪڍڻ لاءِ) پنهنجو هٿ وڏو ۽ صحيح ۽ سالم نڪري آيو. پوءِ مدعيءَ تي مڻ سون ڏنڊ رکيو ويو. (171)

هن قسم جي ڏوهه باس وارو طريقو اڄ تائين سنڌ جي ٻيلن ۾ موجود آهي. هڪ معتبر ماڻهوءَ ٻڌايو ته "مون پاڻ ڏٺو ته هڪ ٻيل کي چوريءَ جو قسم کڻائڻ لاءِ سندس هٿ تي ست پن رکي، انهن جي مٿان بنا ڳڻ جي تتل کهاڙو رکيو ويو، ان کان پوءِ هو ڪجهه قدم اڳتي پوئتي ويو ۽ پوءِ کهاڙو اڇلايائين. سندس هٿ کي ڪجهه ڪونه ٿيو ۽ ڪيس سچو ٺهرايو ويو.

سلیمان تاجر وڌيڪ لکيو آهي: "هند، سنڌ ۽ چين ۾ گهٽ يا وڌ هر قسم جي چوريءَ جي سزا قتل آهي. ان جو طريقو هي آهي: جڏهن چور هڪ پيسو يا ان کان وڌيڪ چوري ڪندو آهي ته هڪ ڊگهي ڪاٺيءَ جي چهنب نوڪدار ڪئي ويندي آهي ۽ ان تي چور کي ويهاريو ويندو آهي. اها ڪاٺي هيٺان داخل ٿي، نڙيءَ کان نڪري ايندا آهي." (172)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پانئجي ٿو ته انهيءَ تاريخي حقيقت سبب سنڌي چوٽي "...ڪائي ٿي" وجود ۾ آئي. سزا ۽ ڏنڊ بابت ساڳي ئي سياح لکيو آهي:

"جڏهن ڪنهن کي قيد ڪندا آهن يا ڏنڊ وجهندا آهن ته ستن ڏينهن تائين ان کي کاڏو پيتو نه ڏيندا آهن ۽ اهي ست ئي ڏينهن ان سان گڏ رهندا آهن." (173)

ڏوهه ۽ سزا بابت بزرگ بن شهريار لکيو آهي: "هندستانين وٽ چوري تمام وڏو ڏوهه آهي. جيڪڏهن ڪو ادنيٰ درجي جو يا نادار چوري ڪندو آهي ته راجا ان کي قتل ڪرائي ڇڏيندو آهي. جيڪڏهن مالدار چوري ڪندو آهي ته راجا سندس مال ضبط ڪندو آهي يا ان تي وڏو ڏنڊ رکندو آهي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪو شخص چوري کيل مال واقعيت کان پوءِ خريد ڪندو آهي ته ان تي به ڳورو ڏنڊ رکيو ويندو آهي. چوريءَ جي سزا انهن وٽ قتل آهي. جيڪڏهن ڪو مسلمان اتي انهيءَ ڏوهه جو ارتڪاب ڪندو آهي ته ان جو معاملو مسلمانن جي هنر مند(174) وٽ پيش ڪيو ويندو آهي، جيئن اسلامي قانون موجب اُن تي ڪاروائي ڪئي وڃي. هنر مند جي اهائي حيثيت هوندي آهي، جيڪا اسلامي ملڪن ۾ قاضيءَ جي آهي. هنرمند فقط مسلمان ئي ٿيندا آهن." (175)

ان مان معلوم ٿئي ٿو ته هندو راجائون مسلمان رهواسين لاءِ قاضي رکندا هئا، جيڪي اسلامي شريعت موجب فيصلا ڪندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حوالا

(1) مضمون "موئن جو دڙو کي زبانين": شايع ٿيل ماهنامہ "روح ادب" ۾ سندي مَهرين" شايع ٿيل "ماهہ نو" نومبر 1956ع.

(2) عرب و هند کي تعلقات، ص.6 ۽ 7.

(3) تمدن عرب، ص.589.

(4) تمدنِ عرب، ص.589.

(5) تمدن عرب، ص.590.

(6) عرب و هند کي تعلقات، ص.6 ۽ 7.

(7) مولانا سيد سليمان ندوي به هيءَ ڳالهہ پنهنجي کتاب "عرب و هند کي تعلقات" (ص.11) ۾ آندي آهي. لکيو اٿس تہ جيتوڻيڪ انهيءَ ڳالهہ تي مشڪل سان يقين اچي ٿو، پر جيئن تہ هڪ وڏي پنڊت ان کي ميجيو آهي، تنهن ڪري مون کي به انڪار جي جرات ڪانهي.

(8) الاخبار الطوال: ابو حنيفہ دينوري (اردو ترجمو)، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور.

(9) ڪتاب الهند: البيروني، ص.102.

(10) تعليقات معصومي، ص.270.

(11) بلاذري، ص.245.

(12) مروج الذهب، جلد: 1، ص.378.

(13) احسن التقاسيم، ص.481.

(14) عرب و هند کي تعلقات.

(15) بحوالہ عرب و هند کي تعلقات، ص.331.

(16) احسن التقاسيم، ص.481.

(17) ابن حوقل، ص.232 ۽ احسن التقاسيم، ص.800.

(18) بحوالہ عرب و هند کي تعلقات، ص.348.

(19) ساڳيو، ص.4.

(20) ڏسو ڪتاب المعارف ابن قتيبه ۽ ابن خلڪان تذڪره علي بن حسين زين العابدين رضہ.

(21) ڪتاب الفهرست، ص.345.

(22) ڏسو عرب و هند کي تعلقات، ص.114 ڪان 123.

(23) ساڳيو، ص.394.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(24) جاحظ جو قول آهي ته: "بصري ۾ اهڙو ڪوبه نه آهي، جنهن وٽ خزاني جي چارج لاءِ سنڌي ملازم نه هجي." (ولهم للسنديني طبيعة في الصرف - لاتري بالبصره صرفيا الا صاحبٌ كيسه سندي).

(25) عرب و هند ڪي تعلقات، ص.11.

(26) عام راءِ، نومبر 1950ع، ص.8.

(27) الادب المفرد، امام بخاري، باب بيع الخادم، ص 35، مصر.

(28) عام راءِ، ماهه نومبر 1950ع، ص 8.

(29) احسن التقاسيم في معرفة الاقاليم، بشاري مقدسي، ص.484 - 482 (ليڊن).

(30) ڪتاب الورع، ص.101، مطبع سادات مصر، بحواله عرب و هند ڪي تعلقات.

(31) ڪتاب اطرفاءِ، ابو اطيب الوشاءِ، بحواله عام راءِ، نومبر 1950ع، ص.8.

(32) سفر نامي ۾ ڄاڻايل آهي ته، سنڌ، هند ۾ جڏهن چور هڪ پيسو يا ان کان مٿي چوري ڪندو هو، ته ڪيس سزا اها ڏني ويندي هئي، جو هڪ نوڪدار ڪتل ڪائيءَ تي ان کي ويهاريو ويندو هو. اها ڪائي ان ماٿهوءَ کي هيٺان داخل ٿي، نڙيءَ کان نڪرندي ايندي هئي. (ص.54) اهو رواج پائنجي ٿو ته: سنڌ ۾ موجود هو ۽ انهيءَ رواج تان سنڌي زبان ۾ هيءَ چوٽي جڙي آهي: "ڪائي ٿي".

(33) تاريخ معصومي سنڌي ترجمو، ص.170.

(34) تاريخ ريگستان: رائچند هريجن، ص.243.

(35) ان وقت جو مڙ موجوده مڙ کان تمام گهٽ ٿيندو هو.

(36) ابوريحان البيروني: ڪتاب الهند، اردو ترجمو، جلد اول، 1941ع، ص.273.

(37) ساڳيو، ص.348.

(38) ساڳيو، ص.272-172.

(39) غزة الزيجات: بجيانند: عربي ترجمو: ابو ريحان البيروني، مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي سال 1973ع، انگريزي ۾ مهاڳ، ص.41.

(40) بحواله مقالو: منصوره جون علمي ۽ اقتصادي حالتون: از ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي- پريت پبليڪيشن جو ٽيون ڪتاب، مارچ 1983ع، ص.14.

(41) هشت بهشت، اردو ترجمو، لاهور، ص.51.

(42) ساڳيو، ص.192.

(43) سفر نامه ابن بطوطه، اردو ترجمه، نفيس اڪيڊمي ڪراچي، 1961ع، ص.481.

(44) ساڳيو، ص.485.

(45) ساڳيوَ، ص.485.

(46) ساڳيوَ، ص.486.

(47) سفر نامه ابن بطوطه اردو ترجمه. نفيس اڪيڊمي ڪراچي، 1961ع ص.486ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(48) ساڳيو.
(49) ساڳيو.
(50) ساڳيو ص.490.
(51) ساڳيو.
(52) تاريخ يعقوبي، جلد: 1، ص.93، طبع، ليڊن 1883ع.
(53) كتاب البيان، ص.161.
(54) ساڳيو، ص.162.
(55) فرات نديءَ جي ڪناري تي بغداد جي پسگردائيءَ ۾ انبار جي مٿان هڪ پَرِ رونق ۽ شاداب ۽ مردم خيز شهر هو. ان جي ڏکڻائي ڦاڪ 69 درجا آهي. ڪن جو چوڻ آهي، ته اَنَ تي اِنَ نالي پوڻ جو سبب هي آهي ته ان جو باني هيت بن سغدي هو. (معجم البلدان، جلد: 8، ص.486-487).
(56) هي عراق ۽ رفته جي وچ ۾ هڪ ٻيٽ هو. (معجم البلدان).
(57) كتاب البيان، ص.162.
(58) المسالك و الممالك، ص.155.
(59) ڏسو "اسلامي دنيا دسوين صدي عيسوي مين: خورشيد احمد فاروق، ندوة المصنفين دهلي، 1962ع، ص.260 ۽ 261.
(60) ساڳيو، ص.261.
(61) ڏسو جغرافيه خلافت مشرقي، ص.496 ۽ 493، 481.
(62) هي هڪ وسيع ملڪ آهي. اڳين زماني ۾ سنڌ جي ماتحت هو، انهيءَ ڪري عرب سياحن ان کي سنڌ ۾ لکيو آهي. ابن رسته به لکيو آهي، ته سنڌ جي سرحد "تيز" (مڪران جي گاديءَ جو هنڌ) کان شروع ٿئي ٿي. (ڏسو الاعلاق النفسيه، ص.87) اصطخري وغيره ان جا حالات تفصيل سان لکيا آهن.
(63) ندوي صاحب، تاريخ سنڌ (ص.198) ۾ لکيو آهي، ته مڪران جي سرحد طاهران کان شروع ٿئي ٿي. "طوس" جو شهر ، جو خراسان جو مشهور ۽ مردم خيز شهر آهي، طاهران ۽ نوقان سان گڏ ٺهيو هو. ان جي ماتحت هڪ هزار کان وڌيڪ ڳوٺ هئا. ٽين خليفي حضرت عثمان رضه جي ڏينهن ۾ مسلمانن اهو شهر فتح ڪيو. چوٽينءَ صديءَ ۾ خراسان جي ربع نيشاپور ۾ ٻي درجي جو شهر هو. ٽين صديءَ هجريءَ ۾ طوس جي ٻن حصن ۾ نوقان وڏو هو، ۽ چوٽينءَ صديءَ ۾ طاهران ان کان به وڏي ويو هو. طاهران جو قلعو مشهور هو. ان جي عمارت عظيم الشان هئي ۽ تمام پري کان ڏسڻ ۾ ايندي هئي. اتي جي بازارين ۾ واپار جو تمام گهٽو مال هوندو هو. جامع مسجد تمام خوبصورت هئي. سنه 617هـ (1220ع) ۾ انهيءَ سڄي علائقي کي طوس جي ٻنهي شهرن نوقان ۽ طاهران سوڌو، مغلن خوب لٽيو ۽ تباهه ڪيو. (ڏسو معجم البلدان، جلد: 6، ص.170 جغرافيه خلافت مشرق، ص.593 کان 595).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(64) ان زماني جو مڙ اسان جي مڙ کان تمام نندو هوندو هو.
(65) المسالک و الممالک ، ص.55-56.
(66) کتاب البيان، ص.162.
(67) دجلہ درياءَ جي بصري کان لنگھڻ واري حصي کي سڏيندا هئا (ڏسو معجم البلدان، جلد: 4، ص.39).
(68) تيز، مڪران جي گاديءَ جو هنڌ هو. ان زماني ۾ مڪران سنڌ جي ماتحت هو.
(70) الاعلاق النفسيہ، ص.89.
(71) المسالک و الممالک، ص.173-174.
(72) الاعلاق النفسيہ، ص.136.
(73) مڙ اڳين زماني ۾ هڪ نندو وزن هو.
(74) عجائب الهند، ص.123.
(75) ساڳيو، ص.153.
(76) عربن جي عراق تي قبضي کان اڳ ايرانين جي زماني ۾ هندستان يا سنڌ لاءِ ايراني نار جو سپ کان وڏو ۽ مشهور بندرگاهہ هو: جو بصري جي ويجهو هو. ابلہ ان مان هندستان جي تجارتي آمد رفت ايڏي گهڻي ٿيندي هئي، جو عرب ان کي سنڌ جو ئي ٽڪرو سڏيندا هئا. چين ۽ سنڌ کان اچڻ وار جهاز هتي ئي ترسندا ۽ هتان ئي روانا ٿيندا هئا. (عرب و هند کي تعلقات، ص.50).
(77) المسالک والممالک، ص.153-154.
(78) مشهور ۽ آباد صوبو، جنهن ۾ کيترائي شهر ۽ ڳوٺ هئا. هي فارس ۽ مڪران، سجستان ۽ خراسان جي وچ ۾ واقع آهي. عرب سياح سنڌ ۽ هند جي آمدرفت جي سلسلي ۾ مڪران وغيره وانگر هن جو بہ نالو ونڻ ٿا. (ص.241).
(79) المسالک والممالک، ص.155.
(80) بشاري مقدسي: احسن التقاسيم، ص.478.
(81) الکتاب الثاني ....، ص.137-138.
(82) يعني سنڌي سکي جو ملهہ ٻين کان وڌيڪ هو.
(83) الکتاب الثاني ....، ص.147.
(84) کتاب البيان، ص.162.
(85) هي فارسي لفظ آهي ۽ پان جي پاڙ کي چوندا آهن. يعني پان بہ هندستان جي خاص پيداوار آهي.
(86) کتاب البيان، ص.251.
(87) المسالک والممالک، ص.71.
(88) ان مان مراد آهي، سلون جو جهنگل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(89) المسالک والممالک، ص.66-67.
(90) مروج الذهب، جلد: 1، ص.151.
(91) مروج الذهب، ص.378.
(92) موجوده رياست گجرات جو قديم تجارتي بندرگاهه.
(93) احسن التقاسيم، ص.479.
(94) ساڳيو.
(95) اسلامي دنيا دسوين صدي عيسوي مين، ص.27.
(96) ساڳيو.
(97) المسالک والممالک، ص.288.
(98) معياري درهم 7 ياڳي 10 مثقال. هڪ مثقال برابر: لڳ ڀڳ چار ماسا.
(99) هي غالباً قنوج جي گريجارا- پر تيهارا راجائن جو سکو هو. ابن رسته لکي ٿو ته، "هن ملک ۾ عرب پنهنجو سامان سون ۽ طاطري درهمن عوض وکڻن ٿا. انهن درهمن تي قنوج جي سلطان جي تصوير آهي ۽ هر درهم هڪ مثقال (اٽڪل ساڍا چار ماسا) جيترو آهي.
(100) "قرض" جو جمع. يمين جو هڪ سکو، جيکو هن پيسن جي برابر هو.
(101) اسلامي دنيا دسوين صدي عيسوي مين، ص.271.
(102) فخرالسودان، ص.80.
(103) عجائب الهند، ص.148-149.
(104) مروج الذهب، جلد: 1، ص.151.
(105) الکتاب الثاني، ص.127.
(106) مروج الذهب، جلد: 1، ص.157.
(107) تاريخ ابن واضع، جلد: 2، ص.105.
(108) عرب و هند کي تعلقات، ص.127.
(109) مروج الذهب، جلد: 1، ص. 105-151.
(110) يعقوبي (جلد: 2، ص.1105 ۾ ڄاڻايو آهي، ته " اهو کتاب انهيءَ برهمڻ راجا جي ڏينهن ۾ تيار ٿيو". ان کتاب جو سڄو نالو "برهمسپت سڌانت" آهي. يحيٰ بن خالد برمکيءَ سنڌ مان گهرائي، اهو کتاب عربيءَ ۾ ترجمو کرايو. اهو ترجمو 154هـ (770ع) ۾ ٿيو (طبقات الاسم: قاضي صاعد اندلسي، ص.149) جنهن سنڌي پنڌت جي ذريعي سڌانت جو عربي ۾ ترجمو ٿيو، ان جا بغداد ۾ شاگرد ٿيا. ابراهيم فزاري ۽ يعقوب بن طارق، انهن ٻنهي سڌانت جو پنهنجي پنهنجي نموني ترجمو ۽ تشريح ڪئي.
(111) يعقوبي ۽ ائين ڄاڻايو آهي، پر "ارجهبر" ڄاڻايو اٿس (جلد: 2، ص.92). ان جو صحيح نالو "آريه ڀٽ" آهي. (عرب و هند کي تعلقات، ص.137).
(112) هي يوناني حڪيم بطليموس جو کتاب آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(113) اصل نالو "كنڊا كنڊيك" آهي (عرب و هند كي تعلقات، ص.137).

(114) يعقوبي (جلد: 3، ص.93) ۾ ائين ئي لكيو آهي، پر انگن جي وڌيڪ وضاحت ۾ ڪئي اٿس.

(115) علم هيئت جي اصطلاح ۾ سڀ كان مٿاهين نقطي ۽ بلندي جو نالو آهي. هي اصل، ۾ لفظ "اوج" آهي، جنهن مان سنڌي لفظ "اوچو" جڙيو آهي. ڪن جي راءِ آهي، ته هي لفظ اصل ۾ پارسي "اوڪ" يا "اوگ" آهي. (مفاتيح العلوم: خوارزمي، ص.22) پر پارسيءَ ۾ ۽ سنڌي مان ويو ٿي پائڻجي.

(116) مروج الذهب، جلد: 1، ص.157.

(117) يعقوبي (ص.100) وري لكي ٿو ته، راجا هشران جي ڏينهن ۾ چوپڙ راند ايجاد ٿي. لكيو اٿس:

هند ۽ سنڌ تي لاڳيتو موت ۽ هلاكت جي ڪيفيت طاري ٿيندي رهي، پر جڏهن هشران جي حكومت جو زمانو آيو تڏهن، هن اهڙن ماڻهن كي گهرايو، جيكي سندن وڏن جي دين كي زنده ركي سگهن. اهو ٻڌي وٽس "ڦلان" نالي هڪ شخص آيو، جو وڏو هوشيار ۽ قابل هو. هن چيو ته "انسان حيوان جو ئي جزو آهي: حيوان "نامي" جو جزو آهي ۽ "نامي" چئن عنصرن: باهه، مٽي، هوا ۽ پاڻيءَ جو مركب آهي ۽ ان جا ٽي قسم آهن: 1. نباتات جنهن ۾ "آلاڻ" جي صلاحيت آهي: 2. ٻيو قسم سمنڊ جي سڀ ۽ ان جهڙيون شيون آهن، جن ۾ آلاڻ ۽ حس ٻئي آهن: 3. ٽيون قسم اهي وحشي جانور آهن، جن ۾ آلاڻ، حس ۽ حركت ٽنهي قسمن جون صلاحيتون هونديون آهن ۽ اهي حيوان ايتري قدر حقير ۽ گهٽ درجي جا آهن، جو الله تعالي انهن جي تدبير ۽ انتظام كان بالاتر آهي، انهن جي تدبير ۽ انتظام فلك جي ذمي آهي. بادشاهه چيو: تو جيكي ڪجهه چيو ان جو نمونو ڏيكار ۽ ان جو دليل به ڏي." انهيءَ تي "نزد" (چوپڙ) ايجاد ڪئي ۽ ٻڌايائين ته ماڻهن جو اُن تي اتفاق آهي ته زماني جو دور انهن تي هڪ سال يعني 12 مهينا يعني 12 برج آهن. جئين ته هر مهينو ٽيهن ڏينهن جو ٿيندو آهي، انهيءَ كري هر برج جا 30 درجا آهن. جيئن ته ڏينهن ست ٿيندا آهن، انهيءَ كري ست ستارا "سياره" سڏيا آهن. پوءِ هن ان جو مثال ڏنو جو مثال ڏيندي هڪ صحن (جو نقشو) بنايائين ۽ ان ۾ 24 خانا رات ڏينهن جي ڪلاكن جي لحاظ كان بنايائين ۽ اهي خانا 12 خانن جي هر كنڊ ۾ بنايل هئا، جي سال جي 12 مهينن ۽ برجن جي مثال ۾ بنايا ويا هئا. 30 ڏينهن ۽ ان جي برجن جي مثالن ۾ 30 ستارا بنايا ويا ۽ ڏينهن جي لحاظ كان به ٻڙا بنايا ويا. هر ٻڙي كي ڇهه پاسا هئا، انهيءَ كري جو هي ئي اهڙو مكمل عدد آهي، جنهن جو اڌ، ٽيون حصو ۽ ڇهون حصو ٿي سگهي ٿو. هر ٻڙي ۾ جڏهن هو مٽي كان هيٺ ايندو هو ته ست

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نقطا نظر ايندا هئا. جهن جي هيٺان هڪ پنجن جي هيٺان ۾ ۽ ڇهن جي هيٺان ڏي. هي ستن سيارن ۽ ڏينهن جو مثال هو. ستن سيارن مان چند، زحل، مشتري، مريخ، عطارد ۽ زهره مراد آهي. پوءِ ان کي آزمائش لاءِ هن ماڻهن جي آڏو رکيائين ۽ هر هڪ شخص کي هڪ هڪ ڀڙو ڏنائين ۽ چيائين ته جنهن شخص کي مون مٿين ستن نقطن وارو ڀڙو ڏنو آهي. اهو پنهنجي ساڻيءَ کان شروعات جي لحاظ کان وڏيڪ آهي،انهيءَ کري ٻئي انگ گڏ ڪري ويا. هي ڇڙ مثال بيان کيائين ۽ ٻنهي انگن مان جيڪي ڪجهه ظاهر ٿيو ڏي، ان جي چوڏاري ستارا گردش ڪندا هئا. هي انهيءَ نصيب ۽ قسمت جو مثال هو، جنهن کي فلڪ جي حرڪت کان عاجز ڪندي آهي ۽ هي انهيءَ بدقسمتيءَ ۽ محروميءَ جو به مثال هو، جنهن کي فلڪ جي گردش جي لحاظ کان هوشيار ۽ صاحبِ تدبير ماڻهو به دوچار ٿيندو آهي. جڏهن هي ڳالهيون بادشاهه جي آڏو آيون ته هن اُنَ کي قبول ڪيو ۽ ملڪ ۾ ان جو رواج پڌجي ويو ۽ سڀني هندستانين جا معاملات ستن سيارن جي تدبير ۽ انتظام مطابق ٿيڻ لڳا".

(118) مروج الذهب، ص.158.

(119) يونانين جي بيان موجب ان راجا جو نالو پورس هو ۽ سندس ماتحت موجوده جهلم، گجرات ۽ شاهپور جا ضلعا هئا. هي واقعو اٽڪل ٽي سؤ سال ق.م. جو چيو وڃي ٿو. "فور"کي شڪست ڏيڻ جو واقعو يعقوبيءَ (ص.97) ايجا به تفصيل سان بيان ڪيو آهي.

(120) يعقوبيءَ (ص.98) لکيو آهي ته ان جو مصنف بيد (وِيد) يا پنڊت هو. علامه سيد سليمان ندويءَ (عرب و هند کي تعلقات، ص.328) ان کي وبشيلم ۽ گجرات جو راجا ثابت ڪيو آهي. يعقوبيءَ، وبشيلم کي هندستان جو راجا ته ڄاڻايو آهي، پر پورس کان پوءِ وبشيلم کي نه، پر "ڪَهِينَ" کي سڄي هندستان جو راجا ڄاڻائي ٿو. لکي ٿو، "هندستان جو رجا ڪَهِينَ نالي هو. هي وڏو ذهين حڪيم ۽ اديب هو. سڪندر فور کان پوءِ اُن کي سڄي هندستان جو بادشاهه بنايو . ڪَهِينَ غور ۽ فڪر کان ڪم وٺندو هو. سڀ کان پهريائين هن ئي توهم کي ظاهر ڪيو ۽ ٻڌايو ته طبيعت ۾ جنهن شيءِ بابت وهم هجي، ته اها نفع بخش ٿيندي، ته اها نفع بخش ثابت ٿئي ٿي ۽ جيڪڏهن نقصانڪار هجڻ جو خيال ٿي وڃي، ته اها نقصانڪار ٿئي ٿي. ڪهين، "بيش" (هڪ قسم جو ٻوٽو ٿيندو هو) ڪائيندو هو، جو قاتل زهر هو، پر ڪيس اهو وهم هو ته ان جي دل تي برف جا ٽڪرا آهن جن کي اهي ٻوٽا ايستائين نقصان پهچائي نه سگهندا جيستائين سندس رطوبت سڙي نه وڃي. هو نهايت ذهين ۽ ذڪي هو. سندس حافظو تمام تيز هو.

يعقوبيءَ به بلهيت جي ڏينهن ۾ شطرنج جي ايجاد ڏيڪاري آهي، پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

احوال تفصيل سان ڏنو اٿس. لکي ٿو: "جڏهن بلهيت جو راج ٿيو تہ ان وقت اهوئي مذهب (چوپڑ وارو) سڄي سلطنت تي ڇانيل هو. هو وڏي سوچ ۽ ويچار عقل ۽ دانش وارو ماڻهو هو. انهيءَ ڪري هن ملڪ جي دين کي سخت ناپسند ڪيو ۽ ماڻهن کان پڇيائين تہ ڪو اهڙو ماڻهو آهي جو برهمڻن جي دين تي هلندو هجي. ان جي چوڻ تي ڪيس هڪ صاحب فراست ۽ ديندار ماڻهوءَ جو ڏس ڏنو ويو. بلهيت ڪيس گهرايو. هو جڏهن آيو تہ هن جي وڏي عزت ڪئي وئي ۽ ان جو درجو وڌايو ويو. ساڻس مذهب جو ذڪر ڪيو ويو. جيڪو سندس مملڪت ۾ڦهلجي چڪو هو. هن چيو: اي بادشاهہ! مان هڪ دليل قائم ڪيان ٿو، جنهن مان هوشيار جي فضيلت ۽ مجبور جي ڪوتاهيءَ جو مقام واضح ٿي ويندو. ان کي ہن ماڻهن جي وچ ۾ هڪ تصوير پيش ڪريان ٿو ....." . اهڙي طرح هن شترنج ايجاد ڪئي. جنهن کي فارسيءَ ۾ "هشت رنج" چيو وڃي ٿو. هشت جي معني اٺ ۽ رنج جي معني ڪنارو آهي. ان جا 8 x 8 = 64 خانا ۽ 32 مهرون بنايائين، جي ہن رنگن ۾ ورهايل هيون. هر رنگ جون سورهن مهرون هيون. پوءِ انهن سورهن مهرن کي ڇهن شڪلين ۾ ورهايائين. هڪ شڪل بادشاهہ جي، هڪ وزير جي، هڪ ہن هاٿين جي، هڪ ہن رٿن جي، هڪ ہن گهوڙن جي ۽ هڪ ہن پيادن جي، ان مان ڇوٽ جو حساب نڪري ٿو، جو بهترين حسابن مان آهي. ڇاڪاڻ جو جيڪڏهن 64 کي ہن حصن ۾ ورهائجي، تہ ان جو اڌ 32 ٿيندو، جو سڀني مهرن جو تعداد آهي: ۽ 32 جو اڌ ڪبو تہ 16 ٿيندو، جو هر هڪ مهر جو تعداد آهي، 16 جو اڌ ڪبو، تہ 8 ٿيندو، جو پيدلن جو تعداد آهي. اٺن جو اڌ ڪبو تہ 4 ٿيندو، جو ہنهي انگن جي رخن (رٿن) ۽ گهوڙن جو تعداد آهي ۽ چئن جو اڌ ڪبو تہ ہ ٿيندو؛ اهڙيءَ طرح سڄو تعداد جوڙن ۾ ورهائجي ويندو. ان ورهاست کان پوءِ فقط هڪ عدد باقي رهجي ويندو، جو سپ کي اڪيءَ ۾ ورهائي ٿو، ۽ هو پاڻ نہ ڪو عدد آهي ۽ نہ شمار ۾ اچي ٿو، نہ زوج آهي نہ نرد آهي، بلڪ فرد جو پهريون عدد ٿي آهي." هن مان معلوم ٿيندو تہ ايران وارن هن راند کي "هشت رنج" کوڙيو. پر حقيقت ۾ اهو ڊاڪٽر آرنلڊ (سواءِ السبيل في معرفه المولد والد خيل) جي لکڻي موجب ان جو اصل هندستاني نالو چترنگ آهي، يعني چئن عنصرن وارو. برٽينڪا انسائيڪليوپيڊيا (جلد: 6، ص.100) موجب: هن راند جو ذڪر رامائڻ وغيره ۾ ٻہ آهي. ايران کان سواءِ رومين، مصرين، بابلين ۽ ہين قديم قومن ٻہ ان جي ملڪيت جي دعويٰ ڪئي آهي، پر تحقيق وارن هندستان جي حق ۾ ئي فيصلو ڏنو آهي؛ ڇاڪاڻ جو شطرنج ۾ اڄ ٻہ ٻہ نشانيون اهڙيو آهن، جي سواءِ هندستان جي ٻي هنڌ نہ ملنديون، يعني رخ (رٿ) ۽ هاٿي. عربن پنهنجي تلفظ موجب اهڙو نالو ڏنو، جو اڄ سڄيءَ دنيا ۾ اهوئي نالو مشهور آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(121) تاريخ يعقوبي، جلد: 1، ص.96.
(122) سلسلة التواريخ، ص.81.
(123) ان مان مراد يڪشو يعني ٻڌ جا فقير آهي.
(124) انهن کي ڪوپريءَ جو ڏو هوندو هو، جيئن هينئر فقيرن کي ڪستو هوندو آهي.
(125) الڪتاب الثاني، ص.127-128.
(126) هن مان مراد به ٻڌ يڪشو آهي. ابو زيد حسن ۽ طاهر مقدسيءَ انهن کي بيڪر جين ۽ بيڪر نٽين سڏيو آهي.
(127) اڄ تائين مسلمان فقير به چٽين جي گودڙي يا ڪو ٻيو ٽپڙ ناهيندا آهن.
(128) عجائب الهند.
(129) المسالڪ والممالڪ، ابن خرداذبه، ص.71-72.
(130) سلسلة لتواريخ، ص.56-57.
(131) الڪتاب الثاني من سلسلة التواريخ، از ابو زيد حسن سيرافي، ص.79.
(132) ساڳيو، ص.115.
(133) فخرالسودان علي البيضان، از جاحظ، ص.80.
(134) ساڳيو، ص.81.
(135) سلسلة التواريخ، ص.57.
(136) ڪتاب البيان، ص.161.
(137) ساڳيو.
(138) عجائب الهند، ص.123.
(139) الڪتاب الثاني، ابو زيد حسن سيرافي، ص.128.
(140) پهرين آسماني برج جو نالو آهي.
(141) فخرالسودان علي البيضان، ص.80.
(142) ساڳيو، ص.81.
(143) فخرارلسودان علي البيضان، ص.80.
(144)-ڪتاب الثاني: ابو زيد حسن سيرافي، ص.127.
(145) هي مشهور ڪتاب هڪ پنڊت، راجا وبشيلر لاءِ سنسڪرت ۾ لکيو هو. ان جو پهريائين فارسيءَ ۽ پوءِ عربيءَ ۾ ترجمو ٿيو. اصل ۾ ان ڪتاب جو نالو "پنج تنتر" آهي، جنهن ۾ آکاڻين ذريعي حڪمت ۽ هدايت جون ڳالهيون سيکاريون ويون آهن.
(146) فخرالسودان، ص.81.
(147) تاريخ يعقوبي، جلد: 1، ص.98.
(148) ڪتاب الثاني ابو زيد حسن سيرافي، ص.127.
(149) فخرالسودان، ص.80.

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(150) كتاب البيان والتبيين از عمر بن بحر بن محبوب، ابو عثمان جاحظ، طبع مصر، ص.40.
(151) فخر السودان، ص.80.
(152) ساڳيو، ص.81.
(153) سلسلة التواريخ، ص.56.
(154) هينئر ان کي پاتل چيو ويندو آهي ۽ قارون جي پٽ مان ناهيو ويندو آهي.
(155) الكتاب الثاني، ص.146، 247.
(156) الكتاب البيان، ابن فقيه همداني، ص.161.
(157) الكتاب البيان، ص.324.
(158) عجائب الهند، بزرگ بن شهريار، ص.123.
(159) احسن التقاسيم، ص.482.
(160) ساڳيو، ص.481.
(161) سلسلة التواريخ، ص.59.
(162) الكتاب الثاني، ص.145-146.
(163) كتاب البيان، ص.161.
(164) ساڳيو.
(165) رسالہ فخر السودان، ص.80-81.
(166) ساڳيو.
(167) سلسلة التوريخ، از سليمان تاجر، ص.53.
(168) سلسلة التواريخ، ص.58.
(169) كتاب البيان، ص.161.
(170) ان مان پان جا پن مراد آهي.
(171) سلسلة التواريخ، از سليمان تاجر، مرتب رينو، 1845ع، ص.49.
(172) سلسلة التواريخ، ص.54.
(173) ساڳيو، ص.56.
(174) عربن "هنرمن" لفظ لکيو آهي، جيڪو اصل ۾ پارسي لفظ "هنرمند" جي بگڙيل صورت آهي.
(175) عجائب الهند.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب چوٿون

ترڪ ۽ افغاني سياح

ترڪ سياح

ڏهين صدي هجريءَ ۾ هڪ ترڪ سياح جو نالو ملي ٿو، جنهن پنهنجي سفرنامي ۾ سنڌ جو احوال ڏنو آهي. ترڪ ٻيڙي جو امير البحر سيدي علي رئيس، ڏهين صدي هجري جي ٽين چوٿائيءَ جي شروع ۾ سنڌ ۽ هند پهتو. هو مسقط، گوادر ۽ سورت کان ٽيندو احمد آباد پهتو. اتان خشڪي رستي پنج ڏينهن پنڌ ڪري پٽنہ (پٽڻ) پهتو، جتان وري راڌڻپور آيو. اتان اُنَنِ جي ذريعي سنڌ ڏانهن رخ ڪري پهرين ربيع الاول 962هـ (1555ع) تي "پارڪر" پهتو. سنڌ ۽ هند ۾ ڪجهہ وقت گذاري افغانستان، خراسان، فارس ۽ آزربائيجان کان ٽيندو سنہ 964هـ- (1557ع) ۾ بغداد پهتو. اتان قسطنطنيہ آيو، باقي حياتي وڏي مرتبي يعني سلطاني ملازمت ۾ گذاري، سن 980هـ (1574ع) ۾ وفات ڪيائين. هن هيٺيان ڪتاب لکيا:

(1) **محيط:** هندي سمنڊ ۽ عمان نار جي احوال ۽ موسم جي اڳڪٿي بابت آهي. هي ڪتاب ان وقت لکيائين، جڏهن هو ساموندي سفر جو تجربو ڪري، سنہ 961هـ (1554ع) ۾ گجرات جي شهر احمد آباد ۾ مقيم هو. هن ڪتاب جو متن جرمن ترجمي سان ڇپجي چڪو آهي. (1)

(2) **مرات الڪائنات:** هي ڪتاب فلڪيات بابت آهي، ۽ ايترو نہ ڇپيو آهي.

(3) **شعر:** هن ترڪي ۽ چغتائي ٻولين ۾ شعر بہ چيو آهي.

(4) **مرات الممالڪ:** هن ۾ سيد علي رئيس پنهنجي ڇٽن سالن جي سفر (961هـ کان 964هـ تائين) جو احوال ڏنو آهي. هي ڪتاب 964هـ ۾ لکي، سلطان سليمان کي پيش ڪيائين، جنهن کيس وڏو انعام ڏنو. هن ۾ سنڌ جو احوال بہ آندو اٿس. لکي ٿو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"اسان تقريباً ڏهه ڏينهن پارڪر کان رڻ پٽ ۾ پنڌ ڪري (21-ربيع الاول) وانگهه ● ۾ پهتاسون، جيڪو سنڌ جو سرحدي شهر آهي. هتان اسان اٺ پاڙي کيا ۽ پنج ڏينهن پنڌ ڪري جوڻ ۽ فتح باغ ۾ آياسون." (2)

ڊاڪٽر داؤد پوٽي، تعليقات معصومي (ص 294) ۾ ڪزنس (ص 123) جي حوالي سان لکيو آهي ته رڻ ڪڇ ۾ تڏهن پاڻيءَ هو، تڏهن ٻيڙيون هلنديون هيون ۽ ان وقت وڱهه ڪوٽ بندر هيو.

سنڌ جون سياسي حالتون بيان ڪندي لکيو اٿس: "انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي تخت گاهه تي شاهه حسن مرزا متمڪن هو. هن چاليهه ورهيه راج ڪيو، ۽ گذريل پنجن سالن کان فالج جي مرض ۾ مبتلا هو؛ جنهن ڪري گهوڙي سواريءَ کان لاچار ٿي، سنڌو درياه ۾ ٻيڙي رستي اڇ-وڇ ٿي ڪيائين.

انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي دارلخلافه ٺٽي جو ڪماندار عيسيٰ ترخان، شاهه حسن مرزا جي چند لائق اميرن کي قتل ڪرائي، خزاني تي قبضو ڪري ويٺو هو، جيڪو نصرت آباد جي قلعي ۾ گڏ ٿيل هو. هن نقدي پنهنجي ماڻهن ۾ ورهائي ۽ پاڻ کي همايون بادشاهه جو لقب ڏيئي، جمعي جي خطبي ۾ پنهنجو نالو شامل ڪري نغارو وڄرايائين.

انهيءَ تي شاهه حسن مرزا، سلطان محمود نالي پنهنجي ٽڇ-شريڪ پاءُ کي بري فوج جو ڪماندار ڪري، پاڻ چار سؤ جهازن جو ٻيڙو وٺي، مير عيسيٰ بيگ جي سرڪوبيءَ لاءِ هليو." (3)

ان کان پوءِ لڙائيءَ جو ذڪر ڪيو اٿس ته، لڙائي هڪ مهينو هلي، جنهن ۾ ڪيترائي ماڻهو مري ويا. آخر ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ صلح ٿيو. مرزا عيسيٰ، شاهه حسن مرزا جي گهر واريءَ حاجي بيگم کي، شاهه حسن ڏانهن ڏياري موڪليو.(4) تاريخ معصومي موجب هوءَ صفر 962هه جي آخري تاريخ تي شاهه حسن وٽ پهتي.

پهرين جمادي الاول تي شاهه حسن درياء رستي ۽ سلطان محمود خشڪي رستي بکر ڏانهن روانا ٿيا. گهر واريءَ جي پهچڻ کان ڏهه ڏينهن پوءِ مرزا حسن وفات ڪئي.

سيدي عليءَ لکيو آهي، ته ماڻهن ۾ چوپچو هلي، ته جوٽس کيس زهر ڏئي مارايو آهي. (5)

● هيءَ "وڱهه ڪوٽ" جي بگڙيل صورت معلوم ٿئي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيدي عليءَ وڏيڪ اهو به لکيو آهي ته، شاهه سندس آڏرياءُ ڪيو، ۽ سندس ٽولي کي غيبي لشڪر ڪري سڏيو. ان کان سواءِ ڪيس لاهوري (لاهري) بندر يعني ديول سنڌ جي صوبيداري جي آڇ به ڪيائين، جيڪا هن قبول نه ڪئي. (6)

سيدي علي اهو به ڄاڻايو آهي ته، هن سنڌ جي مشائخن مان شيخ عبدالوهاب سان ملاقات ڪئي، ۽ شيخ جمالي ۽ شيخ ميرڪ جي مقبرن جي زيارت ڪئي. (7)

سيدي علي، ٺٽي کان نصرپور ويو، جنهن کي سندس اچڻ کان اڳ راجپوتن لُٽي ڇڏيو هو. (8) ان بعد هو درياءَ ۾ اوپارو هلي سيوهڻ پهتو. اتان پاڻ ۽ دبلـ (درپيلو) کان ٽيندو، بکر جي قلعي وٽ پهتو. اُتي سلطان محمود ۽ مرزا شاهه حسن جي وزير ملاباريءَ سان مليو.(9) هو درياءِ سفر جو مشاهدو هن طرح لکي ٿو:

"اسان کي درياءَ ۾ مانگر مڇ منهن پيو ۽ ڪناري سان ڪيئي ببر شينهن به ڏٺاسون. واٽ تي سميجن ۽ ماڇين قبيلن سان مقابلو ڪرڻو پيو، جن جي حد مان لنگهي رهيا هئاسون." (10)

سميجن ۽ ماڇين جو مقابلو ڏارين شان لاڳيتو هلندو رهيو. مغل حڪومت طرفان مقرر ڪيل حاڪمن کي به هن سڪ سان سمهڻ نه ڏنو. انهن واقعن جو احوال تفصيل سان تاريخ مظهر شاهجهاني ۾ ملي ٿو.

سيدي علي جي بيان مان اهو به معلوم ٿئي ٿو، ته انهن ڏينهن ۾ سنڌو درياءَ ۾ مانگر مڇ هئا، ۽ گهاٽن ٻيلن ۾ ببر شينهن رهندا هئا.

سيدي علي بکر مان هلي، مئو ۽ اُچَ کان ٽيندو ملتان پهتو. اتان لاهور هليو ويو.

يارهين صدي هجري ۾ سنڌ: هن صديءَ ۾ ٻن مکيه ماڻهن جا نالا ملن ٿا. جن سنڌ گهمي، ۽ پنهنجن ڪتابن ۾ سنڌ جو احوال آندو. اهي آهن: فرانسي نڪولاس منوچي، ۽ محمود بن امير ولي بلخي. نڪولس منوچي جو احوال باب پنجين ۾ ايندو، هتي محمود بن امير ولي بلخي جو احوال ڏجي ٿو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محمود بن امير ولي بلخي

هو بلخ ۾ سنہ 1004ھ (1595ع) ۾ ڄائو ۽ بخارا ۾ تعليم حاصل ڪيائين. هو سن 1034ھ (1624ع) ۾ بلخ کان روانو ٿيو. ۽ 1 محرم سنہ 1035ھ (1625ع) تي لاهور پهتو. ان کان پوءِ هو جلال آباد. آگري، حيدآباد دکن، ڏکڻ هندوستان، سيلون، سوماترا ٻيٽ ۽ اوڙيسا جي گادي‌ءَ وارو شهر ڪٽڪ گهمندو آگري آيو. هو ذوالحج 1039ھ (1631ع) ۾ آگرو ڇڏي، وري سفر تي نڪتو. ساڻس گڏ مرزا حسيني بہ سفر ڪري رهيو هو، جيڪو بکر جو نئون فوجدار ٿي اچي رهيو هو. فتح پور، اجمير ۽ جيسلمير کان ٿيندا، هو شعبان 1040ھ (1631ع) ۾ بکر پهتا. يعني هو موجوده تعلقي پنو عاقل مان لنگهي جيسلمير ويندڙ قديم سڙڪ ذريعي بکر پهتا. ان کان پوءِ هو سبي گنجابي کان ٿيندو، واپس وطن ويو، ۽ شعبان 1040ھ (1631ع) ۾ بلخ پهتو. اتي ويهي هن پنهنجي سفر جي روئداد ۽ مشاهدا ڪتاب ۾ قلمبند ڪيا. جنهن جو نالو هن "بحر الاسرار في مناقب الاخبار" رکيو. هي سفر نامو ستن جلدن تي مشتمل هو، ۽ فارسي زبان ۾ آهي. جنهن مان فقط پهرين جلد جو اڌ ۽ ڇهين جلد جو اڌ وڃي بچيا آهن. انهن حصن کي ڊاڪٽر رياض اسلام جامع انگريزي مقدمي سان ايڊٽ ڪري، سال 1980ع ۾ ڇپايو آهي. هن سفرنامي ۾ سنڌ جي حالتن ۽ شهرن جو ذڪر بہ آيو آهي.

لکي ٿو: اسان جيسلمير ۾ 14 ڏينهن رهياسون کان پوءِ 15هين ڏينهن وري رات جو روانا ٿياسون. ستين ڏينهن الور (اروڙ) پهتاسون. ان کانپوءِ اڳتي لکي ٿو:

"قافلو ستين ڏينهن الور پهتو، جيڪو "بکر" جي ماتحت آهي. هڪ ڏينهن اُتي رهي، ٻئي ڏينهن سنڌو درياءَ ٽپي، سکر اچي رهياسون." (11)

هن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ انهن ڏينهن ۾ اروڙ جو شهر تہ موجود هو، پر ان جي مرڪزي حيثيت ۽ سياسي اهميت ختم ٿي چڪي هئي، ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بکر علاقي جو مکيہ شهر هو. سکر جي ميون ۽ ماٹهن جي رهڻي ڪهڻي بابت لکي ٿو:

"هن ملڪ ۾ انب، کارڪون، گدرا، هنداٹا، انگور ۽ ڏاڙهون تمام سٹي قسم جا ٿين ٿا. هتي جا ماٹهو ڏاڍا مهمان نواز آهن، ۽ خاص طرح سان روزي ۽ نماز جا پابند آهن." (12)

بکر بابت لکي ٿو: "بکر کي هڪ مضبوط قلعو آهي، جنهن جون ديواريون ڏاڍيون پختيون آهن. اندرين فصيل ۽ باهرين ديوار جي وچ ۾ سهٹيون عمارتون ۽ باغ آهن. هن جي چوڌاري سنڌو درياءُ وهي ٿو." (13)

پراڻي زماني ۾ سنڌ ۾ ماٹهن کي واري جو تپ ٿيندو هو. جيڪڏهن هڪ ڏينهن بخار ٿي چڏي ويندو هو، ۽ پي ڏينهن ٻيهر ٿيندو هو، تہ ان کي "ٻيئڑ تپ" چوندا هئا. جيڪڏهن ٻہ ڏينهن چڏي وري ٽئين ڏينهن ٿيندو هو، تہ ان کي "ٽيئڑ تپ" چوندا هئا. محمود بلخيءَ کي بہ بکر ۾ "ڪو ٽيئڑ تپ" ٿي ٻيو، جنهن کي هن "تپ ربع" سڏيو آهي. لکي ٿو:

"واري جو تپ (تپ ربع) ٿي ٻيو، جيڪو هن علاقي ۾ عام آهي. علاج صحيح نہ ٿيو، جنهن کري جلندر ٿي ٻيو. حاذق حڪيم ۽ طبيب مولانا صلاح الدين سيوهاٹيءَ جي مهرباني ٿي، جنهن هريڑ جي پاٹيءَ سان علاج ڪيو ۽ چهن ڏينهن ۾ چگو ٻلو ٿي ويس." (14)

بکر بابت وڌيڪ لکيو اٿس: "هي سنڌوندي‌ءَ جي وچ تي هڪ ٻيٹ جي صورت ۾ آهي. قديم زماني ۾ هن کي منصوره سڏيو ويندو هو. هن کي مضبوط قلعو آهي، ۽ منجهس ڪيترا مدرسا ۽ مسجدون آهن، جن جون عمارتون سرن ۽ پٿرن مان جڙيل ۽ ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريل آهن. هن علاقي جي ماتحت ڪيترا پرڳٹا آهن. پسگردائيءَ ۾ روهڑي ۽ سکر نالي شهر آهن، جيڪي درياء جي ٻن ڪپن تي واقع آهن. سکر ساڄي ۽ روهڑي کاٻي پاسي آهي.

هن شهر ڪيترائي عالم ۽ لائق ماٹهو پيدا ڪيا آهن. هتي جا ماٹهو شريف حيادار ۽ قناعت پسند آهن." (15)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو بکر کان پوءِ سبي ۽ گنجاپور به ويو هو. لکي ٿو: سبي ۽ گنجاپور (بلوچستان) سنڌ جي تابع آهن (16) ڏٺي جو احوال به آندو اٿس.

لکي ٿو: "هي سنڌ جي شهرن مان هڪ آهي. اهو پهرين ولايت ۾ آهي، پر کي ان کي ٻيءَ ولايت ۾ ليکين ٿا. هي کيچ ۽ مکران جي پرسان آهي؛ انهيءَ کري ايران کي هندستان سان ملائي ٿو. شروع ۾ هن کي "بيبل"، پوءِ "ديبل"● ۽ بعد ۾ گرم آبهوا جي کري "ڏٺو" سڏيو ويو. هي هندي سمنڊ جي ڪناري جي مشهور بندرن مان هڪ آهي. گرم ملڪن ۾ پيدا ٿيندڙ ميوو هن شهر ۾ جهجهي تعداد ۾ ملي ٿو. هن جي پرسان مهراڻ وهي ٿو، جيڪو هندي سمنڊ ۾ ڇوڙ کري ٿو. کپڙو، ايران ۽ هندستان ۾ ٺهندڙ شيون، هٿ عام ملن ٿيون. هتي جي پسگردائيءَ ۾ ڏاڙيل ڏاڍا گهٽا آهن. فارس، عراق ۽ عربستان جي بندرن ڏانهن ويندڙ واپاري، وڏي تعداد ۾ هتان لنگهن ٿا. اڪثر آبادي حنفي مذهب سان تعلق رکندڙ آهي، جيڪي زاهد، ۽ روزي نماز جا پابند آهن.

شروع ۾ عرض کري چڪو آهيان، ته سياحن پنهنجي طبيعت موجب سنڌين جون کي اوڻايون به لکيون آهن. اوڻايون ته انسانن ۾ ٿين ٿيون، پر ڪن سياحن سنڌ ۾ رهندڙ ڏارين کان ڳالهيون ٻڌي، ايوجهه سنڌين تي الزام به مڙهيا آهن، جيڪي سراسر غلط بيانيءَ تي ٻڌل آهن. هو سنڌ جي ماڻهن جو خوبيون به بيان ڪندي کين حيادار سڏي ٿو، اتي ئي وري هو لکي ٿو، ته حجاب ۾ گهٽ آهن. سنڌي اڄ به حضور شرم ۽ حيادار آهن. ان زماني جي سنڌي ماڻهن بابت بي حجاب هجڻ جو تصور به کري نه ٿو سگهجي.

سنڌي عورتن بابت لکي ٿو: "هتان جون عورتون پاڻ کي صاف نه ٿيون رکن ۽ ائين پنهنجي ملڪ ۾ ماڻهن لاءِ ڏکار جو باعث ٻڌيل آهن."

● هيءَ ڳالهه به صحيح نه آهي ته، "ديبل" کي "بيبل" سڏيو ويندو هو. ٿي سگهي ٿو، ته هن کي ڪنهن "ديبل" جو نالو "ديول" ٻڌايو هجي، ۽ تحرير ۾ "ديول" کي "بيبل" بنايو ويو هجي. اها ڳالهه به قطعاً صحيح نه آهي ته، "ديبل" جو نالو بدلجي بعد ۾ "ڏٺو" ٿيو. "ديبل"، موجوده ڏٺي کان الڳ ٻئي هنڌ واقع هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌي عورتون پنهنجي مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي پورهيو ڪندیون رهيون آهن. عورتون جيڪڏهن پوڪي- راهي ۾ ڪم ڪندیون رهندیون، يا مختلف ڏنڏن، جهڙوڪ: ڪنيارڪو، ڪورڪو، موچڪو وغيره ڪمن ۾ مردن جو هٿ وندائيندیون رهندیون، تہ اهي هار سينگار ڪيئن ڪندیون؟ هنن کي هار سينگار جي نہ ضرورت هوندي آهي، ۽ نہ واندڪائي. بلخيءَ جو بيان سنڌ ۾ رهندڙ ڏارين حڪمرانن يا اميرن جي بيان جي ترجماني ڪري ٿو، جيڪي هميشه سنڌ جي ماڻهن کي ڏڪار جي نظر سان ڏسندا رهيا، ۽ سنڌين جون خوبيون به ڪين اوڻايون نظر پئي آيون آهن.

بلخي، سنڌي عورتن تي بي بنياد الزام ڏيندي لکي ٿو: "جيڪڏهن ڪو ڪين (سنڌي عورتن کي) ٻاهر هلڻ جي آڇ ٿو ڪري، تہ اهي پنهنجن مٽن، مائٽن، مڙسن ۽ ٻارن کي به ڇڏڻ لاءِ تيار ٿيو وڃن، پر جيئن اهي منهن- مهانڊي جون موچارون نہ آهن، انهيءَ ڪري ڪن ٿورن بد دماغ واپارين کان سواءِ ٻيو ڪوبہ انهن کي ٻاهر وڃي وڃڻ لاءِ تيار ڪونہ ٿو ٿئي. جيڪي ڪين وڃي وڃن ٿا، سي به ڪين ٻاهر وڃي وڪڻي ٿا ڇڏين."

بلخيءَ جو هي بيان سراسر بهتان آهي، ۽ هن سواءِ ڪنهن تحقيق جي لکيو آهي. هي ڳالهيون ڪيس انهن ماڻهن ٻڌايون آهن، جن ٻاهران اچي پنهنجي سازشن ذريعي سنڌ تي حڪومت ڪئي، ۽ سنڌين کي بي گناهہ مختلف تڪليفون به ڏنيون ۽ انهن کي بدنام به ڪيو. ٿي سگهي ٿو، تہ ڪن حرام خور ۽ نمڪ حرام واپارين پنهنجي حرڪتن، حرفتن ۽ سازشن ذريعي ڪن عورتن کي ڪٽي وڃي ٻاهر وڪيو هجي.

سکر شهر جي ٻاهران، موجوده لوهي پل جي لڳ، مٽين پاسي کان "جند پير" جي نالي سان هندن جو ڏرمي آستان آهي. اُتي هو زالين مردين دريءَ ۾ وهنجندا به آهن. اها هنن جي ڏرمي رسم آهي، جيڪا اڄ تائين هلي اچي. عورتون جڏهن به وهنجندیون هیون، تہ ڪپڙن سوڏو وهنجندیون هیون. البت مرد لڳين اگهاڙا انگوڇو ٻڌي وهنجندا هئا؛ پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مرد ۽ عورتون هڪ ئي هنڌ هڪ ٻئي کان ٿورو پرتي ٿي وهنجندا هئا. ان منظر کي بلخي هن طرح بيان ڪري ٿو.

"هن ملڪ جي هيءَ عجيب و غريب رسم آهي ته، عورتون ۽ مرد بنا شرم ۽ حياءَ جي درياءَ جي ڪناري تي سنان ڪندا آهن."

ڪيڏي نہ غلط بياني آهي! مسلمان عورتون ته درياءَ تي وڃي وهنجنديون ئي نہ هيون. هندو عورتن لاءِ به اها ڳالهہ صحيح نہ آهي. هو درياءَ تي وهنجنديون ضرور هيون، پر اگهاڙيون ٿي نہ. هنن کي به انگوڇو بدل هوندو هو ۽ جسم تي ڪونہ ڪو ڪپڙو ضرور هوندو هين. خاص ڳالهہ اها به آهي، ته ماڻهن ۾ حياءُ هو. اوڏانهن ڪو مرد ماڻهو ويندو ئي ڪونہ هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حوالا

(1) پيرحسام الدين راشدي: ڏهين صدي هجري جي سنڌ (سيدي علي رئيس جي سفرنامي جو سنڌي ترجمو). سہ ماهي مهراڻ، سال 1971ع. ص. 1 کان 3.
(2) ساڳيو، ص.6
(3) ساڳيو، ص.6
(4) ساڳيو، ص.7
(5) ساڳيو، ص.7
(6) ساڳيو.
(7) ساڳيو.
(8) ساڳيو.
(9) ساڳيو، ص.9
(10) ساڳيو.
(11) محمود بن امير ولي بلخي: بحر الاسرار: مرتب: ڊاڪٽر رياض الاسلام، انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل ائنڈ ويسٽ ايشين اسٽڈيز، ڪراچي يونيورسٽي 1980ع، ص.95
(12) ساڳيو.
(13) ساڳيو، ص.96.
(14) ساڳيو، ص.97.
(15) ساڳيو، ص.96-97.
(16) ساڳيو، ص.97.
(17) نڪولاس منوچي: استوري ڊوموگر، اردو ترجمو ملڪ راج.

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب پنجون

مغربي سياح

سنڌ ۾ يورپين جي آمد

سڪندر مقدوني کان پوءِ يورپي قومن مان سڀ کان پهريائين پورچوگيز ساموندي ڏاڙيلن هندستان جو ساموندي رستو معلوم ڪري، مشرق جي بي پناهه دولت بيدرديءَ سان ڦرڻ لٽڻ شروع ڪئي. ان ڦرلٽ کي ڏسي، ڪيترائي مغربي سياح مغل دؤر ۾ سنڌ ۽ هند جو اقتصادي جائزو وٺڻ لاءِ هتي پهتا. انهن مان ڪي ڊاڪٽر، ڪي پادري، ڪي يورپ جي بادشاهن جا سفير ۽ ڪي توبچي هئا، جن کي مغل بادشاهن پنهنجي توبخاني ۾ پرتي ڪيو.

سنڌ ۾ پورچوگيز

سنڌ جي ارغون حڪمران مرزا شاهه حسن ارغون جي وفات کان پوءِ سنڌ جي حڪومت بن حصن ۾ ورهائجي وئي. اتر سنڌ تي سلطان محمود بکري قابض ٿي ويو، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ بکر هو. هينانهين سنڌ تي مرزا عيسيٰ ترخان جي حڪومت قائم ٿي، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ ٺٽو هو. انهن ٻنهي جي وچ ۾ ڪجهه وقت لڙائيون ٻرهليون. هڪ پيري جڏهن مرزا عيسيٰ سنه 973هه (1565-1566ع) ۾ بکر جي حاڪم محمود بکريءَ سان لڙائي ڪرڻ لاءِ بکر ڏانهن روانو ٿيو، تڏهن سندس غير حاضريءَ ۾ پورچوگيز ڏاڙيل، سنڌ جي لاهري بندر مان ٽيندا، ٺٽي پهتا. ٺٽي ۾ وڏي ڦرلٽ ڪيائون ۽ آخر ٺٽي کي باهه ڏنائون. خود مغربي مؤرخن جو چوڻ آهي ته، هنن ٺٽي جي ڦرلٽ مان ايترو ته مال ڦريو، جو ايڏو وڏو مال هنن ڪنهن ٻ ڦرلٽ مان هٿ نه ڪيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پورچوگيز سياحن مان "ڊيوريٽ باربوسا" پهريون سياح هو، جنهن "هرمز" بيٺ کان وٺي گجرات تائين سمنڊ جي مسافري ڪئي. هن سنڌ بابت به ڪجهه لکيو آهي؛ پر سندس بيان بلڪل غلط آهي، مثلاً، لکي ٿو:

"سنڌ تي عربن جي حڪومت آهي. هتي جا رهاڪو سُڪي مڇي گهوڙن کي کارائين ٿا. هتي جي هڪ ٻوٽي جو ڪانو ماڻهن جي جنگهن جهڙو ٿلهو ٿئي ٿو. سنڌو درياء فرات درياء مان نڪري، ايراني نار مان ٿيندو، ڪنيات جي نار ۾ ڇوڙ ڪري ٿو."(1)

سنڌ ۾ انگريزن جي آمد

سنه 1612ع ۾ انگريزن سورت ۾ پهرين تجارتي ڪوٺي قائم ڪئي. ان کان پوءِ انگريز سياح هندستان جي مختلف علاقن جو دورو ڪندا رهيا. انهن مان ڪجهه سنڌ ۾ به آيا. سنه 1612ع ۾ هڪ انگريز "ائنٿني ستارکي" جاسوسيءَ جي خيال کان ڏٺي پهتو؛ پر هو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ڪونه ٿيو؛ ڇاڪاڻ ته ڪيس هڪ پورچوگيز پادري لاهري بندر ۾ زهر ڏئي ماري ڇڏيو. ان کان پوءِ 1713ع ۾ هڪ انگريزي ٻيڙو سنڌو درياء جي ڏٺي نڪتل شاخ جي منهن کان پنج ميل پري لنگر انداز ٿيو. ان مهم جو سربراهه "ڪرسٽوفر ليو پورٽ" هو، ۽ ان جو مقصد سنڌ ۾ واپاري فائدي جو جائزو وٺڻ هو. سر رابرٽ شرلي ۽ سر ٿامس پاويل انهيءَ ٻيڙي ۾ هئا. انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ مغلن جي حڪومت هئي، ۽ ٺٽي ۾ مغلن جو گورنر رهندو هو. لاهري بندر ۾ ان جو نائب رهندو هو، جيڪو هندو هو؛ پر نالو مسلمانڪو هئس. هن انگريزن جو آدرياءُ ڪيو، ۽ انهن جي گهمڻ ڦرڻ لاءِ سهولت پيدا ڪئي. ملڪ ڏسي، جانچي، رابرٽ ۽ پاويل، رپورٽ تيار ڪري مٿي موڪلي.

سر رابرٽ پنهنجي رپورٽ ۾ چاٽايو: "سنڌ ۾ واپار وڏي فائدي وارو ٿيندو؛ ڇاڪاڻ ته مغل حڪومت ۾ سنڌ شاهوڪار ۾ شاهوڪار صوبو آهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نڪولس وٿنگٽن

ان بعد نڪولس وٿنگٽن سنہ 1613ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي طرفان نير جي خريداريءَ لاءِ احمد آباد کان سنڌ ۾ آيو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ نير تمام گهٽو ٿيندو هو، ۽ ڏيساور موڪليو ويندو هو. هو ميرپور بٺوري جي ويجهو هو، تہ رستي ۾ بلوچن کيس ڦريو. هو واپس ننگر پارکر پهتو، ۽ هڪ واقفڪار هندو واپاريءَ کان پيسا اڌارا ونی احمد آباد پهتو. سفر جي دوران، هن جيڪي ڪجهہ ڏٺو وائڙو، اهو قلمبند ڪيائين. ان ۾ سنڌ جي باري ۾ ڪجهہ مواد ملي ٿو.

ٿامس رو

سنہ 1615ع ۾ انگلنڊ جي بادشاهہ جيمس اول جو سفير "سر ٿامس رو" سنڌ ۾ آيو. 24 ڊسمبر 1615ع تي هن ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن کي جيڪا رپورٽ پيش ڪئي، ان ۾ لکي ٿو:

"مون کي يقيني طور معلوم آهي تہ، سنڌو درياءُ تجارت لاءِ تمام مفيد آهي؛ چاکاڻ جو لاهور کان سنڌ تائين آسانيءَ سان سفر ڪري سگهجي ٿو. سنڌ جي آبهوا صحت بخش آهي ۽ سنڌ جو نير ۽ ٻيون شيون انگلنڊ لاءِ ڪارآمد ثابت ٿيندیون." (2)

سنڌ ۾ انگريزن جي پهرين ڪوٺي

سنہ 1635ع ۾ انگريزن ننڍي ۾ پهرين تجارتي ڪوٺي قائم ڪئي. ان سلسلي ۾ جيڪي ماڻهو تجارتي وفد جي صورت ۾ سنڌ آيا، اهي هي هئا: وليم فريملين، جان سيلر ۽ رچرڊ موئلي. انهن پنهنجي ملازمن کي ڪپڙي خريد ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو. انهيءَ زماني ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ تمام اعليٰ درجي جو ڪپڙو گهڻي تعداد ۾ تيار ٿيندو هو، ۽ سنڌ کان ٻاهر ڪيترن ئي ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو هو.

سنہ 1647ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جا ٻہ نمائندا هينري گاري ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گلبرٽ هيئرسين نٽي پهتا. هن وڏي عياريءَ ۽ چالاڪيءَ سان سنڌ ۾ پنهنجي تجارت جو بنياد مضبوط ڪيو، ۽ سنڌ جي ڪپڙي اٽينڊن کي لٽڻ لڳا. هو ڪائنس تمام سستي اگهه تي ڪپڙو ونندا هئا، ۽ ڏيساور ۾ وڏي اگهه تي وڪڻندا هئا.

پورچوگيز پادري

سن 1641ع ۾ هڪ پورچوگيز پادري سنڌو درياءَ ذريعي لاهور کان نون ڏينهن ۾ بکر پهتو.

هو لکي ٿو: "بکر ۾ باغن جي ڪري ميوو تمام گهڻو آهي، ۽ ملڪ ڏاڍو سرسبز ۽ شاداب آهي. هر سال خراسان مان مال سان پريل قافلا هتي اچن ٿا." سندس سفرنامو بن جلدن ۾ 1643ع ۾ شايع ٿيو.

نڪولس منوچي

هي دارا جو وفادار ملازم، ۽ توپچي هو، ان سان گڏ حڪمت به ڪجهه قدر ڄاڻندو هو. اصل اطالوي هو ۽ وينس جو رهاڪو هو. هو جڏهن يورپ کان هندوستان آيو، تہ سنڌ جي ساموندي بندر تان لنگهيو. بعد ۾ جڏهن درا ۽ اورنگزيب جي لڙائيءَ دوران، دارا جا بار ٻچا ۽ وفادار ماڻهو بکر جي قلعي ۾ اچي رهيا، تہ هي به انهن سان گڏ بکر ۾ هو. هندستان ۾ گهڻو وقت رهڻ کان پوءِ هن پنهنجي سفر جو احوال ۽ مشاهدا ڪتاب جي صورت ۾ قلمبند ڪيا، جنهن کي هن "اُسٽوريا دوموگو" (3) نالو ڏنو، پيش لفظ ۾ هو لکي ٿو، تہ "مان جيڪي ڪجهه لکندس، ان ۾ مبالغي کي ڪوبہ دخل نہ هوندو، چاڪاڻ تہ ان کي مان گناه سمجهان ٿو". ٽي سگهي ٿو تہ هو غلط بياني نہ ڪندو هجي، پر سندس بيان ۾ سندس مذهبي عقيدن، طبعي رجحانن ۽ ذاتي پسند ناپسند، ذهني ڪيفيت ۽ پنهنجي ملڪ جي ثقافتي قدرن کي ضرور دخل آهي.

سندس ڪتاب ۾ مغل حڪومت جي سياسي ڳالهين، انتظامي امورن، مذهبي لاڙن، لڙاين ۽ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي جو احوال ملي ٿو. سندس ڪتاب ضخيم آهي، ۽ ٽن حصن تي مشتمل آهي، پيش لفظ ۾ پاڻ لکيو اٿس:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"مان سفرنامي کي ٽن حصن ۾ ورهايو. پهرين حصي ۾ وينس کان هلي دهليءَ تائين پهچڻ جا حالات درج آهن. ٻئي مقالي ۾ مغل بادشاهن جا حالات، اورنگزيب جي تخت نشينيءَ ان جي ڀائرن جي قتل جو مختصر احوال درج ڪيو ويندو، ٻئي حصي ۾ اورنگزيب جي فتحن، جنگين ۽ سندس ڪاميابيءَ جو ذڪر هوندو. ٽين حصي ۾ مغل بادشاهت جي سياست، هندستان جي راجائن ۽ مهاراجائن جي شان و شوڪت ۽ ملڪ جي محصول جو ڪجهه ذڪر هوندو. ڪن ٻين ڳالهين ۽ هندستان جي مذهب بابت آخر ۾ ڪجهه لکندس." (4)

ڪتاب جي پهرين حصي ۾ هن سنڌ جو احوال ٻه آندو آهي. هو 14 سالن جي عمر ۾ 1651ع ۾ ساموندي ٻيڙي تي چڙهي هندستان روانو ٿيو. 15 ڊسمبر تي بندر عباس کان روانو ٿي، 12 ڏينهن سفر ڪري، سنڌ جي ساموندي بندر تي پهتو، جنهن کي هو "سنڌي بندر" سڏي ٿو. سندس اشارو مشهور بندر "لاهري" ڏانهن آهي، جنهن جو ذڪر ابن بطوطه ۽ ٻين سياحن ٻه ڪيو آهي. هو سنڌو درياهه جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"هتي" سنڌي بندر" تي، اسان جي جهاز لنگر هنيو. اسان سڄي رات درياء جي اوپارين طرف هلي، هڪ هنڌ پهتاسون، جيڪو سمنڊ کان ٻارهن ڪلاڪن جي پنڌ تي واقع آهي.

هي تمام وڏو درياءُ آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌو درياڻن جي ميلاپ سان بنجي ٿو؛ جيڪي ملڪ جي اندروني حصي ۾ ان ۾ اچي ملن ٿا. هتي مون ڪيتريون ئي عربي ۽ فارسي ٻيڙيون ڏٺيون، جيڪي کارڪون، گهوڙا، جواهرات، موتي، خوشبوئيون، ڪوئنر "سنا" جا پن، حجرالیهود وغيره شيون مڪي (شريف) ۽ ٻين هنڌن تان آڻين ٿيون. ان جي بدران هتان ڪاري ۽ اڇي ڪنڊ، گيهه، زيتون جو تيل، ناريل جو تيل وغيره کڻي وڃن ٿيون. ان کان سواءِ هتي جا ماڻهو اڇي ململ ۽ ڇيٽ وغيره ٻه تيار ڪن ٿا. اهو مال ٻه هتان ٻاهر وڃي ٿو. شهر (سنڌي / لاهري بندر) ۾ تي ننڍا ڪارخانا (واپار جون ڪوٺيون) آهن. هڪ انگريز جو، ٻيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ولنديزين جو ۽ ٽيون پورچوگيزن جو. هڪ پيرين اگهاڙو ڪارمليت پادري ۽ هڪ ننديءَ جهوپڙيءَ ۾ رهي ٿو، پر اڄ ڪلهه (1698ع- 1699ع ۾ جڏهن هن ڪتاب ٿي لکيو) يورپين مان ڪوبه هتي ڪونه ٿو رهي. سنڌ جو دارالسلطنت ٺٽو آهي، جتي هن صوبي جو حاڪم رهي ٿو. اهو هن شهر کان ٻارهن فرسنگ اندر آهي."

هنن جو جهاز سنڌي لاهري بندر تان هلي 12 جنوري 1653ع تي اچي سورت بندر تي لنگر انداز ٿيو. اُتي هن کي ٻڌايو ويو، ته سنڌ جي گورنر شاهجهان بادشاهه کي خط لکيو، جنهن ۾ ڄاڻايائين:

"مان جهان پناهه کي ملڪ جي خوشحاليءَ تي مبارڪباد ڏيان ٿو؛ جنهن تي اوهان وڏي انصاف ۽ عقلمنديءَ سان حڪومت ڪري رهيا آهيو. اهڙو عدل ۽ انصاف نه ڪنهن ڏٺو، نه ٻڌو. ڪنهن به ملڪ ۾ اهڙو امن امان نه رهيو آهي، جهڙو هندستان جي سلطنت ۾ آهي. مان روزانو ملڪ ۾ پڙهو ڏيارينڊو آهيان، ته جيڪڏهن ڪنهن شخص کي ڪابه تڪليف هجي يا شڪايت هجي، ته اهو اچي شاهي حضور ۾ پيش ڪري سگهي ٿو، پر ڪيترن مهينن گذرڻ کان پوءِ به اهڙي شڪايت نه ايندي آهي."

ڪيڏي نه غلط بياني آهي. تاريخ مظهر شاهجهاني، مغل گورنرن ۽ انهن جي اميرن جي ظلم، ڏاڍ ۽ انسانيت سوز حرڪتن سان پري پيئي آهي. هي ڪتاب اها رپورٽ آهي، جيڪا هڪ ڏارئي، پر سنڌ ۾ آباد ٽيل فرد جي لکيل آهي، هن جو پيءُ ۽ پائر به مغلن جي حڪومت ۾ سنڌ جي مختلف پرڳڻن تي گورنر ٿي رهيا. هي پاڻ سيوهڻ ۾ رهندو هو، ۽ سنڌي به نه هو، پر هن سنڌ جي ماڻهن تي مغل گورنرن طرفان ٿيندڙ ظلم ڏٺا ۽ ٻڌا ته تڙپي اٿيو. هن انهن ظلمن جو داستان هڪ ڪتاب ۾ لکيو، جيڪو بادشاهه تائين پهچائڻ لاءِ روانو ٿيو، پر اميرن ۽ گورنرن جي سازشن سبب بادشاهه تائين پهچي نه سگهيو. اهو ڪتاب هاڻ ڇپجي منظر عام تي اچي چڪو آهي.

متئين خط مان معلوم ٿئي ٿو، ته مغل گورنر هيڏانهن هڻڻ ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪلور ڪندا هئا، ۽ هوڏانهن بادشاهه کي لکي موڪليندا هئا، ته ملڪ ريئان ڪيئان آهي، امن امان آهي، ۽ شينهن ٻکري گڏ ٿا چرن- ائين به ڪندا هئا، ته هو پنهنجي خطن ۾ اهڙيون هٿرادو ٺهيل ڳالهيون به لکندا هئا، جيڪي بادشاهه کي حيرت ۾ وجهن، ته جيئن خط ۾ خيريت پيدا ٿئي، ۽ بادشاهه کي خبر پئي ته سندن گورنر ملڪ جي حالتن کان با خبر رهن ٿا- هتي ذڪر ڪيل خط ۾ به اهڙي ئي حيرت ۾ وجهندڙ خبر آهي، جيڪا سڄي ملڪ ۾ مشهور ٿي ويئي. اهوئي سبب آهي جو منوچي به سورت ۾ ان خط جو چوٻول ٻڌو. اها جڙتو خبر هيءَ آهي:

"مگر داين مون کي ٻڌايو آهي، ته هڪ نون سالن جي چوڪريءَ کي هڪ ٻار ڄائو آهي".

اهو ظاهر ڪري ٿو، ته مغل گورنر سندين کي ڦريندا، لٽيندا ۽ ماريندا به هئا، ته انهن تي ڪوڙيون تهمتون به رکندا هئا. هيءَ خبر به سندين کي بدنام ڪرڻ جي هڪ ڪڙي آهي. افسوس اهو آهي، ته بادشاهه ۽ ان جا ماڻهو تعجب ۾ ته ضرور پيا، پر ان خبر کي سچو سمجهيائون. ائين به ڪونه سوچيائون ته ستن- ائن سالن جي چوڪريءَ کي پيٽ ٿيڻ ممڪن به آهي يا نه؟

خبر جو افسوسناڪ پهلو هي آهي، ته بادشاهه حڪم ڏنو، ته ان ٻار کي دربار ۾ موڪليو وڃي جتي هن جو نالو "اول دوست" رکيو ويو. جڏهن هو بالغ ٿيو، تڏهن بادشاهه ان کي شاهي محل ۾ چراغن جو ڪم سپرد ڪيو، يعني بادشاهه، جڏهن گورنر کي ٻار موڪلڻ لاءِ چيو، تڏهن هن ڪنهن جو ٻار کسي موڪلي ڏنو، ۽ اهو به لکي موڪليو، ته اهو ٻار هڪ چاکيءَ کي ڄائو هو.

منوچي، اهو احوال تفصيل سان لکيو آهي، جڏهن هو دارا جي ٻارڻ ٻچن ۽ وفادار سپاهين سان گڏ بکر جي قلعي ۾ رهيل هو. هن احوال جو تعلق جيئن ته سنڌ جي رهٽي ڪهٽي سان نه آهي، پر دارا ۽ اورنگزيب جي لڙاين سان آهي؛ تنهن ڪري هتي ڏيڻ طوالت جو باعث ٿيندو، البت ايترو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي، ته جڏهن دارا جو لشڪر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بکر جي قلعي ۾ قلعبند هو، تڏهن بکر ۾ شين جي آمد بند ٿي ويئي هئي، ۽ کاڌي جي شين جي اٿاڻ سبب اهي ڏاڍيون مهانگيون ٿي ويون هيون. منوچي لکي ٿو:

"قلعو (بکر جو قلعو) خالي ڪرڻ کان پ ڏينهن اڳ مون پ گابا چهين ستين روپئن خريد ڪيا هئا؛ هڪ آئونس مکڻ هڪ رپئي ۾ ۽ ڪڪڙ جو چوزو تيرهن روپئن ۾ خريد ڪيو هو."

منوچي، ڪتاب جي ٻئي حصي ۾ نٽي جي مغل گورنر عزت بيگ جي هڪ شرمناڪ حرڪت جو احوال پ ڏنو آهي. هن واقعو بيان ڪرڻ کان اڳ ۾ اهو پ ڄاڻايو آهي، ته هو عزت بيگ جي واقعن کان بخوبي واقف هو. ان جي متعلق لکي ٿو:

"هي نواب عورتن جو ڏاڍو شائق هو، ۽ جنهن کي چاهيندو هو، پنهنجي بي شمار دولت ۽ طاقت جي وسيلي حاصل ڪندو هو، پر ان تي پ قانع نه رهيو، ۽ هڪ ٻيرو نٽي جي هڪ رهاڪوءَ جي نياڻيءَ تي عاشق ٿي ٻيو."

ان کان پوءِ ڄاڻايو اٿس، ته هن ڏوتين جي ذريعي ان چوڪريءَ کي ريهي ريبي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. چوڪري نهايت نيڪ هئي. هن پنهنجي پيءُ سان ڳالهه ڪئي. آخر هڪ رٽ رٽي، نواب کي چوائي موڪليو ويو، ته هو چوڪريءَ جي گهر رات جو زنانو لباس پائي اچي. ان کان پوءِ چوڪريءَ جي والد ست سٽي، نواب کي ڪوٺيءَ ۾ ڪٽي بند ڪيو ۽ سندس خوب خبر ورتائين. ٻئي ڏينهن تي جڏهن درباري نواب جي گهر ٿي وڃڻ جي ڪري، تشويش ۾ هئا، تڏهن انهن کي وٺي اچي ڪوٺيءَ جو در کولي کين نواب جو درشن ڪرايائين. ماٺهن جڏهن هڪ ڏاڙهيءَ واري ماٺهوءَ کي زناني لباس ۾ ڏنو ته حيرت ۾ پئجي ويا- نواب شرمساري وچان منهن ويڙهي پالکيءَ ۾ چڙهي محل پهتو. ان کانپوءِ پوءِ هو بيماريءَ جو بهانو ڪري اندر ويهي رهيو ۽ باهر نه نڪتو. جڏهن اورنگزيب کي ان واقعي جي خبر پيئي، تڏهن هن کي لکي موڪليو، ته نواب کان عهدو ۽ مرتبو کسي، پيرين پيادو فوج جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حفاظت ۾ دهليءَ پهچايو وڃي،" پر تمام گهڻن دوستن جي سفارش تي ان ۾ اها تبديلي ڪئي ويئي ته ڪيس پيرين پيادي بدران گهوڙي تي چاڙهي لاهور آندو وڃي ۽ هن باقي زندگي گمنامي ۾ لاهور ۾ گذاري. منوچي لکي ٿو ته، "ائين ٿيو".

هي هڪ واقعو ثابت ڪري ٿو، ته مغل حڪومت جي زماني ۾ مغلن جا گورنر سنڌ جي ماڻهن سان ڪيڏا ظلم ڪندا هئا!

منوچيءَ بکر جي قلعي بابت لکيو آهي: "هي هڪ مضبوط قلعو آهي. ان جي وچ ۾ هڪ برج آهي. جنهن مان درياءَ جو نظارو ڏسڻ ۾ ٿو اچي."

ڪلهوڙا دور ۾ انگريز

انگريز واپارين جڏهن سنڌ جي ڪورين ۽ ڪپڙي جي واپارين کي بيدرديءَ سان لٽيو، ته احتجاج ٿيو، ۽ سن 1662ع ۾ سنڌ ۾ ڏڪر پيو. انهيءَ ڪري انگريزن کي سنڌ ۾ پنهنجي ڪوٺي بند ڪرڻي پئي. ڪجهه عرصي کان پوءِ انگريزن وري انهيءَ ڪوٺيءَ جي ضرورت محسوس ڪئي، ڇاڪاڻ ته سنڌ جي ڪپڙي جي يورپ ۾ ڏاڍي طلب هئي. آخر 22 سيپٽمبر 1758ع تي رابرٽ سميٿن جي ڪوشش سان، سنڌ جي حاڪم ميان غلام شاهه ڪلهوڙي کين ڪوٺي کولڻ جو پروانو ڏنو. ان کانپوءِ کين ٻيا پروانا به مليا، ۽ واپار ۾ کين گهڻيون ئي رعايتون حاصل ٿيون.

اليگزينڊر هئملٽن

سن 1699ع ۾ ڪلهوڙا دور ۾ اسڪاٽليند جو سياح ۽ واپاري ڪيپٽن اليگزينڊر هئملٽن سنڌ ۾ آيو. ان جو سفرنامو "نيو اڪائونٽ آف ايسٽ انڊيز" سن 1727ع ۾ ايڊنبرگ مان ٻن جلدن ۾ شايع ٿيو.

هو ٿٽي بابت لکي ٿو:

"ٿٽو شهر دينيات، لسانيات ، علم سياست جي تعليم ۽ تدريس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي سلسلي ۾ خاص شُهرت رکي ٿو. هتي چار سؤ ڪاليج آهن، جن ۾ شاگردن کي مٿين علمن جي تعليم ڏني وڃي ٿي."

ڪيپٽن ڪوڪ

سنہ 1748ع ۾ هڪ انگريز "ڪيپٽن ڪوڪ" ٺٽي ۾ آيو، ۽ هتي ئي فوت ٿيو. سندس قبر مڪليءَ تي آهي.

ناٿن ڪرو

ٽالپرن جي دور ۾ ٻہ انگريزن جون ڪوٺيون ٺٽي ۽ شاهہ بندر ۾ موجود هيون. انهن تجارتي تعلقاتن کي ٽالپر خاندان جي شروعاتي حڪمرانن ٻہ قائم رکيو. انهيءَ ڪري هڪ وڏو مڪار بمبئي سول سروس جو عملدار "ناٿن ڪرو" ايجنٽ طور سنڌ ۾ آيو. ڪيس واپار سان گڏ سياسي اختيار ٻہ مليل هئا. هن ڪراچيءَ ۾ هڪ عمارت تعمير ڪرائي، جيڪا ڪراچيءَ ۾ انگريزن جي پهرين عمارت هئي. "ناٿن ڪرو" ڪمپنيءَ کي هڪ خط ۾ سنڌ جي اهميت بابت لکي ٿو:

"سنڌ ۾ انگريزن جي موجودگيءَ جي ڪري، زمان شاهہ (افغانستان جو بادشاهہ) جو سمورو ڌيان سنڌ تي رهندو. سنڌ هڪ اسلامي ملڪ آهي، جنهن سان دوستي رکڻ جي ڪري اسان آسانيءَ سان قندار تي فوج ڪشي ڪري سگهنداسون. افغان بادشاهہ جي جيڪڏهن ٽالپرن سان جنگ ٿي، تہ اسان هر حال ۾ فائديمند رهنداسون، ۽ سنڌ ۾ قيام ڪرڻ جي ڪري، اسان وچ ايشيا جا حالات معلوم ڪري سگهنداسون."

انگريز واپارين جا اهي تعلقات جيئن تہ افغانستان جي بادشاهہ جي مفاد جي خلاف هئا، انهيءَ ڪري هن ٽالپرن کي لکيو، تہ انگريزن کي سنڌ مان ڪڍيو وڃي. "ناٿن ڪرو" کي سنڌ ۾ آئي هڪ سال ٻہ نہ ٿيو هو، جو سنڌ جي حاڪم ميرفتح علي خان کيس 15 ڏينهن جي اندر نڪري وڃڻ جو حڪم ڏنو. هو 29 آڪٽوبر 1800ع تي ٺٽي مان نڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بمبئيءَ هليو ويو. هن بمبئي پهچي ڪمپني سرڪار کي جيڪا رپورٽ پيش ڪئي، ان مان انگريزن جي ناپاڪ ارادن جو اندازو ٿئي ٿو.

هو لکي ٿو: "انگريز جيڪڏهن سنڌ تي حملو ڪرڻ گهرن، تہ کين پهريائين ڪراچيءَ کان ڏهن ميلن جي مفاصلي تي "گسري"● نالي هنڌ تي پنهنجون فوجون لاهڻ گهرجن. انهيءَ هنڌ کان ڏکڻ اوپر طرف سمنڊ ۾ وڏا جهاز لنگرانداز ٿي سگهن ٿا. ڪناري تي فوجون لاٿيون وڃن، ۽ انهن جي حفاظت لاءِ توبخانو هجڻ گهرجي. ڪراچي سستو شهر آهي، ۽ هتي پالتو جانور، گيهہ ۽ گاهہ تمام گهٽو آهي. ڪراچيءَ کان ڏٽي تائين سڌو رستو وڃي ٿو، ۽ ان تان آسانيءَ سان توبخانو لنگهي سگهي ٿو. سنڌو درياءَ تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ حيدرآباد جو قلعو فقط ڇهن ميلن تي آهي. رستي ۾ فقط هيءَ تڪليف آهي، تہ بلوچي لشکر هر وقت موجود رهي ٿو. ڏٽي ۽ حيدرآباد جي وچ تي ""جهرڪ" نالي شهر آهي، جنهن ۾ پالتو جانور ۽ گيهہ تمام گهٽو ملي ٿو. ڪراچيءَ تي قبضو ڪرڻ هر حال ۾ بهتر رهندو."

ڪئپٽن ڊيوڊ سن

جڏهن مير غلام علي سنڌ جو حاڪم ٿيو، تہ هن پاڙيسري علائقن جي حالتن کي نظر ۾ رکي، انگريزن سان تعلقات قائم ڪرڻ ضروري سمجهيا. سنہ 1803ع ۾ هن پنهنجو هڪ نمائندو بمبئيءَ موڪليو، ۽ "ناٿن ڪرو" جي سنڌ مان نڪري وڃڻ تي گورنر سان همدرديءَ جو اظهار ڪيو. آخر سنہ 1808ع ۾ "ڪئپٽن ڊيوڊ سن" کي مير غلام علي جي دربار ۾ حيدرآباد موڪليو ويو، جنهن ٽالپرن سان معاهدو ڪيو. معاهدي جي شرطن تي غور ڪجي ٿو، تہ معلوم ٿئي ٿو، تہ انگريزن جو جيڪو دلي مقصد هو، اهو پورو ٿيو. اهڙيءَ طرح هي معاهدو پهريون ۽ بنيادي غلاميءَ جو طوق هو، جيڪو انگريزن طرفان سنڌ جي ڳچيءَ ۾ پيو.

● هي هنڌ اصل ۾ "گذري" آهي. جيڪو هاڻ ڪراچي شهر جو ئي حصو بنجي چڪو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هينري پاٽنجر

پيو انگريزي وفد سنہ 1809ع ۾ "نڪولس هئنڪي سمٿ" جي سرڪردگيءَ ۾ سنڌ ۾ آيو. ان وفد ۾ ڪجھ ڊاڪٽر، ڪجھ سول ۽ فوجي عملدار هئا. هي وفد 10 جون 1809ع ۾ ٺٽي پهتو. ان کان پوءِ حيدرآباد آيو، ۽ ٽالپر حڪمرانن کيس شرف باريابي بخشو. 22 آگسٽ 1809ع تي ان وفد ڪمپنيءَ جي طرفان ٽالپرن سان نئون معاهدو ڪيو. ان وفد جي ميمبرن ۾ هڪ تجربيڪار فوجي آفيسر "هينري پاٽنجر" (ولادت 1789ع، وفات 1856ع) به هو. جنهن پنهنجي سفر جو احوال هڪ ڪتاب ۾ لکيو آهي، جيڪو "Travels in Sindh and Balochustan" جي نالي سان مشهور آهي. ان جو سنڌي ترجمو محمد حنيف صديقي مرحوم ڪيو آهي ۽ سنڌي ادبي بورڊ ڇاپيو آهي. ان سفرنامي سان گڏ سنڌ جي تاريخ، ثقافت، جاگرافي، زبان ۽ ادب بابت به ڪجھ مواد ڏنو ويو آهي. جيئن ته هو سنڌ جي تاريخ جو ماهر ڪونہ هو، انهيءَ ڪري ڪيترن ئي جاين تي ڏند ڪٿائون ڏنيون اٿس، جن جو حقيقتن سان ڪو واسطو ڪونهي. ان کان سواءِ هن مذهب بابت به ناموزون الفاظ استعمال ڪيا آهن. انهن غلطين جي باوجود ان ۾ سنڌ جي ثقافت ۽ معاشرتي حالتن بابت ڇڪو مواد ملي ٿو. مثال طور هڪ جڳهہ لکي ٿو:

"ڇيو وڃي ٿو ته، جڏهن نادر شاهہ (1742ع) دهليءَ کان واپس ٿيو ته ٺٽي آيو. ان وقت ٺٽي ۾ لونگين ۽ گربين ناهڻ وارن ڪورين جا چاليهہ هزار آڏاٽا هئا. ان کان سواءِ صرافن، پيسي جي مٽا سٽا جو ڪاروبار ڪرڻ وارن، اناج جي واپارين ۽ بي ڪاروبار ڪرڻ وارن جي دوڪانن جو تعداد ست هزار تائين هو. انهن کان سواءِ هر هنر ۽ فن جا ٻيا ڪيترائي ڪاريگر رهندا هئا، جن جو تعداد ويهہ هزار ٻڌايو ويو."

ڊاڪٽر جيمس برنس

سنہ 1827ع ۾ مير علي مراد خان بيمار ٿي پيو. ديسي حڪيمن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

علاج ڪيو، پر فائدو نہ ٿيو. انهيءَ ڪري انگريز ريزيڊنٽ جي معرفت بمبئيءَ جي گورنر کي هڪ انگريز ڊاڪٽر موڪلڻ لاءِ لکيو ويو. انهيءَ ڪري 25 آڪٽوبر 1827ع تي ڪچ جي انگريز ريزيڊنٽ جو ڊاڪٽر حيدرآباد آيو، جنهن جو نالو "جيمس برنس" هو. هو ٽي مهينا شاهي مهمان ٿي رهيو. هن دربار جي هلت چلت ۽ رهٽي ڪهٽيءَ کي غور سان ڏٺو. 21 جنوري 1828ع تي قيمتي سوڪڙين سان شاهي ٻيڙي ۾ ڪچ روانو ٿيو. هن سنڌ جي سفر ۽ دربار بابت هڪ ڪتاب لکيو آهي، جو "A Narrative of a visit to the court of Sindh, A Sketch of the History of Kutch" جي نالي سان سنہ 1831ع ۾ انگلينڊ مان شايع ٿيو. ان جو سنڌي ترجمو محمد حنيف صديقي مرحوم ڪيو آهي، جيڪو سنہ 1964ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو آهي. ان ۾ برنس سنڌ جي دربار جي وڏي تعريف ڪئي آهي. ٽالپر حڪمرانن جي تعريف ڪندي لکي ٿو:

"سڄي خاندان کي جيڪڏهن هڪ نظر سان ڏٺو وڃي تہ، انهن جي اخلاق ۽ تهذيب جي تعريف ڪرڻي پوندي؛ ۽ هي تسليم ڪرڻو پوندو، تہ گهٽ ۾ گهٽ ظاهري طور تي هو جنهن ترقي ۽ عروج کي پهتا آهن، ان جي هو لائق آهن. ننڍي شهزادي ۾ تہ ايتري لياقت ۽ فضيلت هئي، جو مشڪل سان يورپي ۽ ديسي ماڻهن ۾ نظر ايندي."

چارلس مئسن

هي هڪ انگريز سياح هو، جيڪو سياحت جي خيال کان هندستان آيو هو. پهريائين ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ۾ ملازم ٿيو، پر پوءِ اها نوڪري ڇڏي سنڌ، هند ۽ افغانستان جو سير و سفر ڪيائين. هن جيڪي ڏٺو واڌو، اهو پنهنجي سفرنامي ۾ لکيو اٿس، جيڪو ڏاڍو دلچسپ آهي ۽ سنڌ جي سياسي، جغرافيائي ۽ ثقافتي حالتن تي روشني وجهي ٿو.

پهرين سفر ۾ هو قندار کان بولان لڪ لنگهي ڪوئٽا آيو ۽ اتان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شڪارپور کان سکر آيو. درياءُ ٽُپي روهڑيءَ کان ٽيندو خيرپور آيو، جتي مهينو رهيو. ان کان پوءِ لاهور هليو ويو.

ٻئي ڀيري لاهور کان ڪراچي پهتو. هن ڀيري لاهور کان سکر آيو، پوءِ لاڙڪاڻي کان ٽيندو حيدرآباد آيو. حيدرآباد کان ٺٽي ويو. ٺٽي کان ڪراچي پهتو. ڪراچيءَ کان بصره ويو، ۽ ايران جا مختلف شهر گهميو، جهڙوڪ: شيراز، اصفهان، تهران ۽ تبريز. آخر بغداد مان ٽي، بندر عباس مان ٻيڙيءَ تي چڙهي ڪراچيءَ آيو. ان کان پوءِ ڪراچيءَ کان سون مياڻي آيو، ۽ اتان قلات ۽ ڪوئٽا ويو. اتان موٽي وري ڪراچي آيو.

هو نيڪ انسان هو، ۽ سياحت کان سواءِ هن جي ٻي ڪاب دلچسپي نه هئي. انهيءَ ڪري سنڌين لاءِ سندس دل ۾ عزت ۽ محبت هئي. هو سنڌ جي ڳوناڻن بابت لکي ٿو:

"سنڌ جي ڳوناڻن مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو. هو جتي ڪٿي خوش نظر آيا، ۽ پُرسڪون زندگي گذاري رهيا هئا. هنن ۾ نه بيچيني ۽ پريشاني هئي، ۽ نه کين روزگار جي تنگي هئي. قدرت کين اهڙا وسيلا مهيا ڪري ڏنا آهن، جو هو ڪاب ڪمي محسوس نٿا ڪن. زمين زرخيز آهي، جنهن ڪري ٿوري محنت سان هو پنهنجو پيٽ قوت حاصل ڪن ٿا. هنن جون ضرورتون ٿوريون آهن، ۽ عزت ۽ مان سان رهن ٿا. ڏاڍا مهمان نواز آهن، ۽ آئي وئي کي ڀائي ڇڏين ٿا. هنن جا گهر مٽيءَ جا ٺهيل ۽ ڪکانوان آهن، ۽ سنڌ جي آبهوا لاءِ مناسب آهن. ڳوٺن ۾ مسجد جي بلڊنگ وڏيڪ بهتر نموني ٺهيل آهي. هو سادي زندگي گذارين ٿا. سچا ۽ پڪا مسلمان آهن. حڪومت جو نظام خراب آهي، ۽ سرڪاري ڪامورا وقت بوقت ماٺهن کي تنگ ڪن ٿا."

شڪارپور بابت لکي ٿو: "خوشحال ۽ شاهوڪار شهر آهي. ان ۾ وڏو واپار هلي ٿو، ۽ اتي جي واپارين جو سڄي مشرق جي مختلف شهرن سان واپاري تعلق آهي. البت سندس چوڻ آهي، ته جنهن وقت هو شڪارپور ۾ پهتو، ته شڪارپور جو ڪجهه اوج گهٽجي ويو هو ۽ ڪيترا وڏا سيٺيون لڏي ملتان ۽ امرتسر هليا ويا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آرٿر ڪونولي

هو هڪ نوجوان آئرش آفيسر هو. هو گهوڙن جي واپارين سان گڏجي، گهوڙن جي پٽيان واپاريءَ جي صورت ۾ ڊسمبر 1830ع ۾ سنڌ ۾ آيو. هو به ان ساڳي رستي سان شڪارپور آيو، جنهن رستي سان "چارلس مئسن" آيو هو. هن شڪارپور جي واپار ۽ خوشحاليءَ جي تعريف ڪئي آهي. هو چوي ٿو ته:

"شڪارپور جا سيٺيون سڀ هندو آهن ۽ انهن جو واپار ڪيترن ئي ملڪن سان هلي ٿو. هو ڏاڍا چالاڪ آهن، ۽ سنڌيءَ کان سواءِ پشتو، بلوچي، پارسي ۽ هندستاني ٻوليون روانيءَ سان ڳالهائي سگهن ٿا. ڪاروبار ۾ ڏاڍا پڪا آهن، ۽ ٻين جو رت چوسي دولتمند ٿيا آهن. شڪارپور جا رهاڪو خوش پوش ۽ مهذب آهن."

سنڌ جي زمين بابت لکي ٿو: "سنڌ جي زمين ڏاڍي زرخيز آهي، ۽ ان ۾ پاڻي جهجهو آهي. ٿورو ئي کوٽڻ سان پاڻي نڪري ٿو، ۽ کوهن جي ذريعي پوک ٿئي ٿي. هتي ڪيترا ئي قيمتي فصل ٿين ٿا، جهڙوڪ: ڪمند، وونئڻ، نيرُ، ڪڻڪ، جَوَ، جوئر، باجهري وغيره. البت حڪومت جو انتظام سٺو نه آهي. حڪمران فقط پنهنجي لاءِ جيئن ٿا، ۽ ماڻهن جي فلاح بهبود ۽ ملڪ جي ترقيءَ جو ڪين ڪوبه اونو ڪونهي. زرخيز زمين غيرآباد پئي آهي. درياءَ جي ٻنهي ڪپن جي قيمتي زمين کي شڪارگاهن جي صورت ۾ قائم رکيو ويو آهي، ته جيئن حڪمران شڪار ڪن."

اليگزينڈر برنس

انگريزن، وڏي عياريءَ سان دريائي تجارت جي تحقيقات جو بهانو بنائي، ٽالپرن کان سنڌو درياءَ جي جائزي ونڊ جي اجازت ورتي. انهيءَ سلسلي ۾ "اليگزينڈر برنس" جي سرڪردگيءَ ۾ هڪ وفد سنڌ ۾ آيو. ظاهري طرح ته اهو وفد سنڌ جي سر زمين ۽ دريائي واپار جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تحقيقات لاءِ روانو ڪيو ويو هو، پر حقيقت ۾ انگريزن جو اهو مقصد هو، تہ هي وفد ڪابل ۽ خراسان جي رستن جو فوجي نقطہ نگاھ کان جائزو وٺي. هي وفد سنڌو درياءَ جي ذريعي سنڌ کان پنجاب ويو، ۽ هن وفد پنجاب جي راجا رنجيت سنگھ سان ملاقات ڪئي. جڏهن وفد سنڌ مان لنگهي رهيو هو، تہ سنڌ جي هڪ سياڻي چيو: "افسوس، اڄُ فرنگين سنڌو درياءَ ڏنو، هاڻي سنڌ ٽالپرن جي هٿ مان ويئي!"

هينري پاٽنجر وري سنڌ ۾

ڊسمبر 1831ع ۾ هينري پاٽنجر هڪ وفد وٺي وري سنڌ ۾ آيو. 2 اپريل 1832ع تي هن مير مراد علي خان سان نئون معاهدو ڪيو. ٽالپرن سان انگريزن جو هي چوٿون معاهدو هو. هي وفد خيرپور تائين ويو. رستي ۾ ٽالپرن جي بازدارن وفد جي ميمبرن کي تنگ جو شڪار ڪرائي، کين خوش ڪيو. 11 مئي تي وفد موٽي لکپت پهتو.

ڪيپٽن ايسٽوڪ

سنہ 1839ع ۾ ڪچ جي انگريز ايجنٽ "هينري پاٽينجر" ڪيپٽن ايسٽوڪ کي سنڌ جي سفارت تي موڪليو. ايسٽوڪ، سنڌي، بلوچي ۽ پارسي زبانون بخوبيءَ ڄاڻندو هو، ۽ سنڌين ۽ ٽالپر حڪمرانن سان کيس دلي همدردي هئي. ان پنهنجو سفرنامو (نئين مصر جا پراڻا ورق) جي نالي سان لکيو، جيڪو 1844ع ۾ پهريون ڀيرو ڇپيو. ان جو سنڌي ترجمو سنڌي ادبي بورد شايع ڪيو آهي. ان ۾ سفرنامي سان گڏ سنڌ جي تاريخ، جاگرافي ۽ ثقافت جو احوال بہ ڏنو ويو آهي. هن سنڌ جي مشهور ميچي "پلي" جو ذڪر خصوصيت سان ڪيو آهي، ۽ سنڌو درياءَ مان جنهن مخصوص طريقي سان پَلا ڦاسايا ويندا هئا، ان جو ذڪر بہ ڪيو آهي. آخر ۾ لکي ٿو:

"تيلگو زبان ۾ ميربحر کي "پلي وارو" چيو ويندو آهي، جيڪو منهنجي خيال ۾ سنڌي لفظ "پلي وارو" سان تعلق ظاهر ڪري ٿو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تيلگو دراوڙي خاندان جي زبان آهي، جيڪا ڏاکڻي هندوستان ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. موجوده تحقيق ثابت ڪيو آهي تہ، قديم زماني ۾ سنڌي زبان جو دراوڙي زبان سان تمام گهرو تعلق رهيو آهي. ڪيپٽن ايسٽوڪ جي مٿين بيان مان انهيءَ ڳالهہ جي بہ نشاندهي ٿئي ٿي.

سٽوڪ سنڌي زبان جي گرامر ۽ لغت تي بہ بنيادي ڪم ڪيو آهي، ۽ سنڌي زبان جي لغت بہ مرتب ڪئي آهي. هن ڪتاب ۾ هن سنڌي لغت جي ترتيب جو ذڪر ڪيو آهي. لکي ٿو:

"مون کي سنڌي لغت مرتب ڪرڻ جو ڪم بہ سونپيو ويو هو، جنهن ۾ چئن هزارن کان پنجن هزارن تائين لفظ هئا ۽ هر لفظ تي ڪيترا ئي منٽي ويهي بحث ڪندا هئا. لغت مرتب ڪرڻ جي سلسلي ۾ مون کي سنڌي زبان جون خصوصيتون بہ سکڻيون پيون. مثلا هڪ سنڌي لفظ آهي: "پِري"، جنهن جي معنيٰ آهي: محبوب. جيڪڏهن ان تي زير نہ هوندي تہ "پري" بہ پڙهي سگهجي ٿو، جنهن جي معنيٰ آهي: "ڏور."

ان باريڪ فرق کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ايسٽوڪ، سنڌي زبان لاءِ ديوناگري رسم الخط جي حق ۾ هو. هن انهيءَ ڳالهہ تي گهڻو زور ڏنو، پر ڪامياب نہ ٿيو.

ڪيپٽن ليو پولڊ

سيپٽمبر 1842ع ۾ هڪ جرمن "ڪيپٽن ليو پولڊون اورلچ" بمبئيءَ کان ڪراچيءَ آيو. ڪراچيءَ کان حيدرآباد، سيوهڻ ۽ سکر کان ٿيندو پنجاب ويو. ان جو سفرنامون پهريائين جرمن زبان ۾ ڇپيو. ان کان پوءِ ان جو انگريزي زبان ۾ ترجمو "ايبولس لائڊ" ڪيو، ۽ "Travels in India including Sindh and Punjab" جي نالي سان ٻن جلدن ۾ ڇپيو. ان ۾ سنڌ جي حالتن بابت ڪجهہ مواد ملي ٿو. پلي پڪڙڻ جو مخصوص طريقو هن طرح بيان ڪيو اٿس:

"ميربحرن وٽ وڏو لوهو گهڙو هوندو آهي، جنهن کي ميربحر درياء تي ڇڏي، ان جي مٿان ليٽي پوندو آهي. اهڙي طرح هو پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيٽ سان گھڙي جو منهن بند ڪري، پانهن ۽ جنگهن سان ترڻ شروع ڪندو آهي. هن جي سڄي هٿ ۾ 15 فٽ ڊگهو لڪڙو هوندو آهي، جنهن ۾ ڇار ٻڌل هوندو آهي. هو ڇار ۽ لڪڙو درياءَ ۾ وجهندو آهي. جڏهن پلو ڇار ۾ ڦاسندو آهي، تہ ڇار جي رسيءَ کي ڇڪيندو آهي، جيڪا سندس هٿ ۾ هوندي آهي. اهڙيءَ طرح ڇار مٿي ايندو آهي، ۽ هو پَلو ڪڍي، ان کي سوئو هٽي گھڙي ۾ وجهندو آهي. ان نموني پَلا ڦاسائي، گھڙي ۾ وجهندو ويندو آهي. جيئن تہ پلو درياءَ ۾ اوپارو هلندو آهي، انهيءَ ڪري ميربحر پهريائين درياءَ جي ڪناري سان ڪجھ پنڌ هلي، گھڙو درياءَ ۾ لاهي، درياءَ جي وهڪري طرف ترڻ شروع ڪندو آهي."

ميجر وليم نيپئر

آخر انگريزن جي طرفان سر چارلس نيپئر وڏي عياري ۽ دغابازي سان سن 1843ع ۾ سنڌ غصب ڪئي. ان جي پاڻ اين. ايف. پي نيپئر "فتح سنڌ" جي نالي سان هڪ ڪتاب لکيو، جيڪو سن 1845ع ۾ لنڊن مان شايع ٿيو. ۽ ان جو سنڌي ترجمو، سنڌي ادبي بورڊ ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي. هن سنڌ جي ٽالپر حڪمرانن بابت لکيو آهي:

"بلوچ دشمن کي للڪاري، ڪليل ميدان ۾ ان جو مقابلو ڪندا آهن. صلح ۽ امن جي زماني ۾ جڏهن پنهنجي پوشاڪ پهري ۽ اسلح زيب تن ڪري نڪرندا آهن، تہ انهن جي ڊگهن وارن کي ڏسي، انسان خود بخود تسليم ڪري ٿو، تہ بلوچ ايشيا جي قومن ۾ غير معمولي تصوير آهن. هو قداور ۽ آهن، تہ دلير ۽ بهادر ۽."

ميجر آئوٽرام

سر چارلس نيپئر جو سياسي ڪمشنر هو. منڌ کان ئي هن جي ٽالپرن سان همدردي هئي، ۽ نيپئر کي جارحانہ ڪارروائيءَ کان روڪيندو هو. وليم نيپئر پنهنجي ڪتاب "فتح سنڌ" ۾ جتي پنهنجي پاڻ چارلس نيپئر جي حد کان وڌيڪ تعريف ڪئي آهي، اتي ميجر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آئوٽرام تي تنقيد ۽ ڪئي آهي. ان جي جواب ۾ ميجر آئو ٽرام "فتح سنڌ تي تبصرو" نالي ڪتاب لکيو، جنهن ۾ هن سموريون حقيقتون بيان ڪيون آهن ۽ چارلس نيپئر جي حرڪتن کي بي نقاب ڪيو آهي. ان جو جواب رچرڊ نيپئر ڏنو. ان کان پوءِ تہ عام بحث شروع ٿي ويو ۽ اخبار ۾ مضمون چپجڻ لڳا. جنرل جان جيڪب، آئوٽرام جي طرفداري ڪئي ۽ نيپئر جي حمايت اي. وي. سي. مانٽگومئريءِ. وليم نيپئر ۽ حيدرآباد جي ڪليڪٽر رٽٽبورن ڪئي. اهي مضمون انگريزي اخبار "ڪراچي ائڊورٽائيزر" ۾ شايع ٿيندا هئا، جيڪا حيدرآباد مان ليٿو تي شايع ٿيندي هئي. انهن مضمونن جي ڪري چارلس نيپئر جون ظالمانہ ۽ جارحانہ ڪاروايون بي نقاب ٿي ويون، ۽ ان جي شخصيت داغدار ٿي وئي؛ چاڪاڻ جو هوڏانهن ولايت جي اخبارن Examiner Times ۽ Edeinburgh Review هن موضوع تي بحث مباحثي ۾ حصو ورتو.

چارلس ڊلڪي

انگريزن جي سنڌ لاءِ جيڪا بدنيتي هئي، اها هڪ انگيز صحافي "چارلس ڊلڪي" جي بيان مان بہ ظاهر ٿئي ٿي. هن ان زماني ۾ انگريزي اخبار "گريٽ برٽن" ۾ لکيو هو:

"انگريز اعليٰ فوجي آفيسر جڏهن ڪاڏي جي ميز تي ويهن ٿا، تہ هيءَ گفتگو ڪن ٿا: فلاڻو نواب يا فلاڻو راجا مالدار آهي. خاص طور ٽالپرن بابت چون ٿا، تہ انهن وٽ سون ۽ چانديءَ ڪان سواءِ ڪيترائي هيرا جواهر آهن. انهن جو چوڻ آهي، تہ سنڌ جا بندر اتر هندستان ڏانهن مال پهچائڻ لاءِ ڪارگر آهن."

سنڌي زبان

انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ ڪان اڳ ۾ ئي يورپي عالمن سنڌي زبان ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي هئي. مٽي ڪيپٽن ايسٽوڪ جو بيان اڃي چڪو آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو، تہ هن سنڌي زبان جي ساخت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ لغت جو گهرو مطالعو ڪيو هو. سنڌي لغت بابت هيئين نالي سان سندس ڪتاب سن 1836ع ۾ ڪلڪتي مان شايع ٿيو:

"Vocabulary of Sindhi Language"

ان کان سواءِ مسٽر ليچ هيئين نالي سان هڪ ڪتاب بمبئيءَ مان شايع ڪيو. ان ۾ سنڌي لغت ۽ زبان جو ذڪر آيل آهي:

"Vocabularies of Seven languages, spoken west of Indus"

سنڌي گرامر تي به سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ ڪم شروع ٿيو. مسٽر پرنسپ انگريزي زبان ۾ سنڌي زبان جو گرامر مرتب ڪيو، جيڪو هيئين نالي سان بمبئي مان سن 1835ع ۾ ڇپيو:

"Grammer of Scindee language"

ان کان علاوه سنڌي زبان ۾ بائيبل جو ترجمو به سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪيو ويو. ڪلڪتي جي قريب سيرامپور جي پادرين سنڌي زبان سکي، سنڌي زبان ۾ انجيل مان "متي" (St: Mathews) جو ترجمو ديوناگري لپي ۾ سن 1825ع ۾ شايع ڪيو. بعد ۾ انهيءَ ترجمي کي ڪيپٽن جارج استئڪ نئون رنگ ڏنو، ۽ ديوناگري لپي ۾ سن 1850ع ۾ شايع ڪيو.

فتح سنڌ کان پوءِ انگريز عالمن ۽ محققن سنڌي زبان ۽ ادب جي تمام گهڻي خدمت ڪئي. انهن جي خدمتن جو تفصيل اڳتي پيش ڪيو ويندو.

سنڌي زبان جي رسم الخط

سن 1843ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي. جلد ئي هن سنڌ جي جداگانه حيثيت ختم ڪري، سنڌ کي بمبئي جي علاقي سان ملائي ڇڏيو. سنڌ جي تعليم کي ترقي ڏيڻ جي سلسلي ۾ سن 1845ع ۾ بمبئي جي بورڊ آف ايڊيوڪيشن، سنڌ ۾ ايڊيوڪيشنل ايجنسي قائم ڪرڻ جو سوال هٿ ۾ ڪنيو. ان وقت هيءَ تحريڪ به آئي ته سنڌي زبان کي، سنڌ صوبي جي سرڪاري زبان بنايو وڃي. سن 1851ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر هڪ حڪم نامو جاري ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملکي مثل ۱۸۵۷ء

پٽڻ نامو

ڪمشنر صاحب بهادر سنڌ جي دربار منجهان سڀني ماڻهن ڀيگن ۽
ماڻن رهنڌڙن لاءِ سنڌي جيڪي سنڌي ڏجي

تڪبيرا عرضداري عريضي پهچي نهاريو لهڻ لاءِ حضور دانهن تا موڪلين
تن منجهان ڪي فارسي ۽ ڪي سنڌي هم تا لکن اهاڪال نامو جاري آهي
تنهنڪري جيڪي عريضي واسطي ٽين نهاريو جي حضور ڪمشنر
صاحب بهادر سنڌ جي دربار منجهه عرض ڪئي هجي تن سنڌي واري ۽
عربي اکرن ۾ لکي موڪلي جيڪڏهن ڪنهه سبب کان فارسي عريضي
لکڻ ضرور هجي تان فارسي عريضي سان ترجمو سنڌي ۾ پڻ
ڪري موڪلي تڏڻ ۽ ايندڙي نمبر تاريخ ۲۹ مهينو آگسٽ سنه ۱۸۵۵ء

H M Preine
Commissioner in Sind.

انگريزن جي ايامڪاريءَ ۾، سنڌيءَ کي سرڪاري ٻولي قرار
ڏيڻ وارو حڪم نامو، جيڪو سر بارٽل فريئر، تڏهوڪي
ڪمشنر، سنڌ، سنه ۱۸۵۷ع ۾ جاري ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڀ سرڪاري آفيسر سنڌي زبان جو امتحان پاس ڪن. انهن ڳالهين جي ڪري ته جيئن سنڌي زبان کي تعليمي ۽ سرڪاري زبان بنائجي، سنڌي زبان جي هڪ مقرر صورتخطيءَ جي ضرورت ۽ اهميت کي محسوس ڪيو ويو.

سنڌي زبان جي رسم الخط تيار ڪرڻ لاءِ اسسٽنٽ ڪمشنر مسٽر ايلس جي صدارت ۾ هڪ ڪميٽي مقرر ڪئي وئي، جيڪا ٻن يورپي عالمن ۽ اٺن ڏيهي عالمن تي مشتمل هئي. انهن ٻن يورپي ماهرن مان هڪ ڪيپٽن جارج اسٽئڪ هو، جنهن جي راءِ هئي ته سنڌي زبان لاءِ ديوناگري لپي مقرر ڪئي وڃي. پر ٻئي ميمبر ڪيپٽن برٽن جو زور هو، ته عربي سنڌي رسم الخط اختيار ڪئي وڃي؛ جنهن ۾ اڳ ۾ ئي سنڌي زبان لکي وڃي ٿي، ۽ ان ۾ بيشمار ڪتاب موجود آهن، جيڪي سنڌ جي مدرسن ۽ مڪتبن ۾ پڙهايا وڃن ٿا.

آخر ڪمشنر ايلس وڏي غور ۽ فڪر کان پوءِ فيصلو ڪيو ته سنڌي زبان لاءِ عربي سنڌي صورتخطي اختيار ڪئي وڃي. اهڙي قسم جي رپورٽ هن ڪمشنر سر بارٽل فريئر کي موڪلي. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن به عربي-سنڌي رسم الخط جي فائدي ۾ فيصلو ڏنو. اهڙيءَ طرح 1853ع ۾ سنڌي زبان لاءِ عربي- سنڌي رسم الخط مقرر ڪئي وئي. ان کان پوءِ سرڪاري لکپڙهه به سنڌيءَ ۾ شروع ٿي، ۽ تعليم جو ذريعو به سنڌي زبان کي بنايو ويو.

سر ايلس بروز

هن جو اصل نالو بي-ايچ- ايلس هو، پر پوءِ سر "سر ايلس بروز" (Sir Ellis Broughs) جي نالي سان مشهور ٿيو. سنڌ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر هو. سنڌي صورتخطي ناهڻ لاءِ جيڪا ڪاميٽي مقرر ڪئي وئي هئي، ان جو ڪيس صدر مقرر ڪيو ويو هو. موجوده سنڌي رسم الخط جو سهرو سندس ئي سر آهي. هن جو ٻيو ڪارنامو اهو آهي، جو هن ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جو گرامر ڇپائي پڌرو ڪيو، ۽ ان جو پيش لفظ لکيو. جارج اسٽئڪ گرامر ڇپجڻ کان اڳ گذاري ويو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنہ 1885ع ۾ "ايسپ جون آکاڈيون" ترجمو ڪري سنڌيءَ ۾ ڇپايائين. ڪتاب ڪراچيءَ مان ليٿو تي ڇپيو. هن ڪتاب جي ترجمي ۾ قاضي غلام حسين سندس مدد ڪئي.

سر رچرڊ فرئنسز برٽن

سنہ 1821ع ۾ انگلنڊ ۾ ڄائو. انگريزن جڏهن سنڌ تي حملو ڪيو، تہ هو 81 نمبر ريجمينٽ ۾ ڪيپٽن جي عهدي تي فائز هو. سنہ 1843ع جي شروعات ۾ هو پنهنجي ريجمينٽ سان ڪراچيءَ آيو. سنڌ جي فتح کان پوءِ سنہ 1845ع ۾ هن سروي کاتي ۾ آفيسر جي حيثيت ۾ ڪم شروع ڪيو.

هو ڪيترين ئي زبانون ڄاڻندو هو، ۽ عجيب و غريب طبيعت جو مالڪ هو. سنہ 1853ع ۾ هن افغان حڪيم حاجي عبدالله جي فرضي نالي سان حرمين شريفين جي زيارت ڪئي. سنہ 1854ع ۾ آفريڪا جي ملڪ سومالي جي گاديءَ جي هنڌ "هراري" جي مهم تي روانو ٿيو. سنہ 1857ع ۾ هن مسٽر اسيڪ سان گڏجي مصر جي درياءَ نيل جي نکرڻ جي جڳهہ معلوم ڪئي. انهن خدمتن جي ڪري برٽش حڪومت جي طرفان ڪيس سر جو خطاب مليو. 12 آڪٽوبر 1890ع ۾ انگلنڊ ۾ فوت ٿيو. سندس تصنيفن مان هيٺيون سنڌ بابت آهن:

1. سنڌ يا ڏکويل ماڙي (1851ع)

Scind, or, the unhappy valley

2. سنڌ ۽ سنڌو ماڙ ۾ وسندڙ قومون (1851ع)

Scind, and the races that inhait in the valley of the Indus.

3. وادي سنڌ ۾ باز جو شڪار (1856ع)

Falconary in the valley of the Indus.

4. سنڌ جي ٻيهر زيارت (1887ع)

Scind, revisited

تازو سندس سوانح تي هڪ ڪتاب "پاٿرن فارويل" لکيو ويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. برٽن پنهنجي ڪتابن ۽ مقالن ۾ سنڌ جي تاريخ، علم ادب ۽ ثقافت متعلق وڏي معلومت ڏني آهي. جيئن ته هو ڦرٽي گهرٽي طبيعت وارو هو، ۽ جنسيات ڏانهن به گهٽو مائل هو؛ انهيءَ ڪري هو سنڌي ثقافت کي صحيح نموني ۾ پيش ڪري نه سگهيو آهي. ڪيترين جاين تي اهڙيون ڳالهيون لکيون اٿس، جيڪي سنڌي ثقافت جي روح جي منافي آهن. ان جي باوجود هن سنڌي علم ادب بابت ڪيتريون ڪارآمد ڳالهيون ڪيون آهن. "سنڌ ۽ سنڌو ماڻر ۾ وسندڙ قومون" ڪتاب ۾ سنڌي ادب بابت لکي ٿو:

"سنڌي ادب بابت ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو، ته جڏهن انگريزن هندستان ۾ قدم رکيو، تہ ان وقت ڪنهن به مقامي زبان ۾ ايترو علم ادب موجود نه هو، جيترو سنڌي زبان ۾ موجود هو."

ڪيپٽن جارج استئڪ

سنڌي صورتخطي ڪاميٽيءَ جو ٻيو انگريز ميمبر جارج استئڪ سنہ 1845ع ۾ سنڌ ۾ آيو، ۽ حيدرآباد جو ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿيو. سنڌي زبان سکيو، ۽ سنڌي صورتخطيءَ جي تياريءَ ۾ حصو ورتائين. ان کان سواءِ سنڌي زبان بابت هيٺيان ڪتاب لکيائين:

1. انگريز سنڌي لغت، بمبئي 1849ع.
2. انگريزي ۾ سنڌي گرامر، بمبئي 1849ع.
3. سنڌي انگريزي لغت، بمبئي 1855ع.

ٻئي لغتون هن حيدرآباد جي ٻن برهمڻن سچانند ۽ جيٺانند جي مدد سان تيار ڪيون. انهن ۾ سنڌي لفظ ديوناگري صورتخطي ۾ ڏنل آهن. ٻئي لغتون سنڌي لغت نويسيءَ ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکن ٿيون.

4. گاسپل آف سينٽ ميٿيوز جو سنڌي ترجمو.

هي سنڌي ترجمو ان وقت سنڌ جي مشن اسڪولن ۾ پڙهايو ويندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ميجر اين- جي- گولڊ سمڊ

هي صاحب سنڌ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ تعليم کاتي جو آفيسر انچارج رهيو. سنہ 1860ع ۾ سندس ڪوشش ۽ محنت سان هڪ مفصل ۽ مستند سنڌي گرامر شايع ٿيو. هي گرامر ميان محمد حيدرآبادي ۽ منشي پرياس آنندرام تيار ڪيو، ۽ ان جو پيش لفظ گولڊ سمڊ پاڻ لکيو.

ان کان سواءِ هن سسئي پنهون بابت سنڌي بيت گڏ ڪيا، ۽ ترتيب ڏئي سنہ 1863ع ۾ شايع ڪيا. ان بعد انهن بيتن جو انگريزي ۾ ترجمو ڪيائين، ۽ هڪ ڪتاب ۾ سنڌي بيتن سان گڏ انگريزي ترجمو ڏئي شايع ڪيائين.

ايٽرنگٽن

هن صاحب زراعت، جڙي ٻوٽين ۽ دوائن بابت سنڌي لفظ ۽ اصطلاح گڏ ڪيا، انهن کي ترتيب ڏئي، سنہ 1855ع ۾ جرمنيءَ جي شهر ليپزگ مان ڪتابي صورت ۾ هيٺئين نالي سان شايع ڪيائين:

"Vocabulary of Sindhi Agricultural Terms, Herbs & Drugs."

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ

12 مارچ سنہ 1828ع ۾ جرمنيءَ جي هڪ ڳوٺ "ايلز فيلڊ" ۾ ڄائو. ڪيس جپسي زبان سان تمام گهڻي دلچسپي هئي. جپسي هڪ خانہ بدوش قوم آهي، جيڪا يورپ جي سيني ملڪن ۾ موجود آهي. ان کان سواءِ هي خانہ بدوش قبيلا ايران، عراق ۽ ٻين مشرقي ملڪن ۾ ب موجود آهن. پارسيءَ ۾ کين "لوليان" يا "لوريان" چيو ويندو آهي. انهن جو اصل وطن سنڌ آهي، ۽ جپسي زبان جو سنڌي زبان سان تعلق نظر اچي ٿو. جپسي زبان سان گهري دلچسپيءَ، ٽرمپ کي برصغير جي مختلف زبانن جي مطالعي تي مجبور ڪيو. انهيءَ ڪشش ڪيس برطانيہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پهچايو، ۽ انديا آفيس لائبريري ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر جي جڳهه حاصل ڪيائين. انهيءَ عهدي تي ڪم ڪرڻ جي ڪري، ڪيس مشرقي زبانن جي گهري مطالعي جو موقعو مليو. سندس شوق ڏسي، چرچ مشن سوسائٽيءَ ڪيس مشرقي زبانن تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ موڪليو. پهريائين هو بمبئيءَ آيو، جتي هن پارسي زبان ۾ مهارت حاصل ڪئي. ان کان پوءِ ڪراچيءَ آيو، پر آبهوا نه وٺيس ۽ بيمار ٿي پيو. علاج لاءِ چرچ مشن سوسائٽيءَ ڪيس فلسطين موڪليو، جتي هن عربي زبان ۾ مهارت حاصل ڪئي. سنہ 1858ع ۾ وري ڪراچيءَ آيو. ڪراچيءَ کان سواءِ هو حيدرآباد ۾ به رهيو.

هن سنڌي زبان ۾ وڏي مهارت حاصل ڪئي، ۽ شاهه لطيف جي شعر کان تمام گهڻو متاثر ٿيو. ايتري قدر جو سنڌي عالمن جي مدد سان شاهه صاحب جو رسالو مرتب ڪيائين، ۽ سنہ 1866ع ۾ جرمنيءَ جي شهر ليپزگ ۾ ڇپائي شايع ڪيائين. شاهه صاحب جي رسالي جو هي پهريون ڇاپي نسخو آهي، جو ٽائپ ۾ ڇپيو. هن ۾ 1281 صفحا ۽ 26 سر آهن. رسالي جي صورتخطي ۽ موجوده صورتخطيءِ ۾ ٿورو فرق آهي.

انهيءَ عظيم ڪارنامي کان سواءِ ٽرمپ صاحب سنڌي زبان جي بي خدمت به ڪئي، ۽ هي ڪتاب لکيائين:

1. سنڌي زبان سکڻ لاءِ عربي ۽ ديوناگري صورتخطيءَ ۾ هيٺين نالي سان ڪتاب لکي سنہ 1758ع ۾ لنڊن مان ڇپائي شايع ڪيائين:

"Sindhi Reading Book in the Arabic and Sanskrit characters."

ان ڪتاب جي آخر ۾ "سورٺ راءِ ڏياچ" جي رومانوي داستان بابت قديم سنڌي شاعرن جا بيت گڏ ڪري ڇپايائين. ان کانسواءِ ان ۾ بائيبل جا ڏهه احڪام به ترجمو ڪري شامل ڪيائين.

2. انجيل جو ترجمو ڪيائين، جيڪو پهريائين ديوناگري رسم الخط ۾ سن 1871ع ۾ شايع ٿيو، ۽ پوءِ عربي سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڇپيو.

3. سنڌي زبان جو مڪمل ۽ مفصل گرامر انگريزيءَ ۾ لکيائين، جيڪو لنڊن ۽ ليپزگ مان 1872ع ۾ شايع ٿيو. ان جي پيش لفظ ۾ هن سنڌي صورتخطيءَ تي مفصل بحث به ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽرمپ وڏو عالم هو، ۽ پنهنجي مادري زبان جرمن کان سواءِ مشرق ۽ مغرب جون ڪيتريون ئي زبانون ڄڻندو هو. جهڙوڪ: انگريزي، فرانسيسي، لاطيني آفريڪا جي حبشي زبان، عربي، فارسي، سنڌي، سرائڪي، پنجابي، پشتو، سنسڪرت، بروهي ۽ پاڪستان جي علائقي ڪافرستان جي زبان. انهن زبانن بابت هن گهڻو ڪجهه لکيو. 5 اپريل 1885ع تي فوت ٿيو.

ريورنڈ جارج شرٽ

سنڌي لغت ۽ لسانيات بابت سندس هيٺيان ڪتاب شايع ٿيا.

1. اڪر ڏاتو: هن ڪتاب ۾ سنڌي لفظن جا سنسڪرت بنياد ڏنا ويا آهن. سنہ 1866ع ۾ شايع ٿيو.
2. انگريزي سنڌي ڊڪشنري ۽ سنڌي انگريزي ڊڪشنري (1879ع).

سرجان بيمس

سنہ 1837ع ۾ انگلنڈ ۾ تولد ٿيو. سنہ 1859ع ۾ هندستان ۾ آيو. ڪيس هندستان جي مختلف زبانن ۽ سنسڪرت جي بناوت ۽ لسانيات تي تحقيق جو شوق هو. انهيءَ ڪري هن هندستان جي ٻين زبانن سان گڏ سنڌي زبان به سکي. هو لکي ٿو ته، هن سنڌي زبان، ڪتابن خاص طرح ٽرمپ جي گرامر جي ذريعي سکي. وڏي جستجو ۽ تحقيق کان پوءِ هن هندستان جي مختلف زبانن جو هڪ تقابلي گرامر هيٺين نالي سان لکيو، جيڪو ٻن جلدن ۾ سنہ 1872ع ۾ لنڊن مان شايع ٿيو:

"A comparation Grammer of the Modern Aryan language of India".

هن ۾ سنڌي، پنجابي، هندي، گجراتي، اڙيه، مرهٽي ۽ بنگالي زبانن جي ٻڌ بنياد ۽ لسانيات تي بحث آهي. ان سان گڏ هندستان جي مذهب ۽ فلسفي تي به روشني وڌي وئي آهي. سندس تحقيق موجب سنڌي زبان سنسڪرت مان نڪتل آهي. هو پنهنجي هڪ ٻئي ڪتاب "هندستاني لسانيات جو خاڪو" (Outline of Indian Philology, London 1868) ۾ سنڌي ٻوليءَ جي جغرافيائي حدن بابت لکي ٿو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"سنڌي ٻولي، سنڌو نديءَ جي هيٺين حصي ۾، ملتان کان سمنڊ تائين ڳالهائي وڃي ٿي، ۽ الهندي ۾ بلوچيءَ سان وڃي ملي ٿي." (ص 18)

سنڌي ٻوليءَ جي لهجن بابت لکي ٿو:

"سنڌي وري هن طرح ورهايل آهي: (الف) سرائڪي، اپر سنڌ جي. (ب) وچولي، وچولي جي. (ج) لاڙي، لاڙ جي. (د) اُچي، ملتان جي، جيڪا پنجابي جي بدليل صورت آهي. (هـ) ڪچي، ڪچ جي، جيڪا گجراتيءَ جي بدليل صورت آهي."

حقيقت ۾ سرائڪي جدا زبان آهي، ۽ ملتاني ۽ سرائڪي هڪ زبان آهي. البته سرائڪي سنڌي زبان کي تمام ويجهي آهي، ۽ ٻنهي جو صوتياتي نظام ساڳيو آهي. اپر سنڌ يعني "سري" جي سنڌي لهجي کي "سريلي" چيو ويندو آهي. "ڪچي"، سنڌي زبان جو لهجو آهي، ۽ نه گجراتيءَ جي بدليل صورت. البته ڪچي لهجو، گجراتي زبان کان متاثر آهي. سنڌي زبان جي انهن لهجن کان سواءِ هي لهجا به آهن:

(1) لاسي، جيڪو بلوچستان جي لس بيلي ۾ ڳالهايو وڃي ٿو.

(2) ناڙيوال، جيڪو بلوچستان جي ڪچيءَ واري علاقي ۾ ڳالهايو وڃي ٿو.

سنڌس ٽيون ڪتاب آريائي ٻولين جي گرامر تي مشتمل آهي، جيڪو 1875ع ۾ شايع ٿيو. ان کانسواءِ هندستان جي فلسفي تي هڪ ڪتاب ۽ ڪيترائي مقالا لکيائين. سنڌس مقالا رايل ايشياٽڪ سوسائٽي جي جرنل ۾ شايع ٿيندا هئا.

سن 1902ع ۾ برطانيہ ۾ فوت ٿيو. سنڌي زبان بابت لکيو اٿس:

"هن زبان ۾ ڪيترائي جهنگلي گل موجود آهن، جن ۾ مون اهو فطري حسن ۽ دلڪشي ڏٺي ۽ محسوس ڪئي آهي، جيڪا هندستان جي مشرق طرف وارين زبانن ۾ قطعا ڏسڻ ۾ نه آئي."

سرجارج ابراهم گريئرسن

هندستاني زبانن جو تمام وڏو ماهر ۽ محقق ڊاڪٽر سرجارج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ابراهم گريئرسن فرانسيسي هو، ۽ انڊين سول سروس ۾ اعليٰ عهدي تي فائز هو. برصغير پاڪ و هند جي مختلف زبانن تي سندس عظيم تحقيقي شاهڪار يارنهن ضخيم جلدن ۾ سنہ 1907ع کان 1927ع تائين ڪلڪتي مان شايع ٿيا. انهن جلد سنڌي زبان جي بُڌ بنياد، اصل نسل، سڏا ۽ ساخت، صوتيات ۽ لسانيات، صورتخطيءَ جي مختلف نمونن ۽ هوليءَ جي مختلف لهجن بابت آهي. هر ڳالهہ مفصل ۽ واضح آهي ۽ تحقيق جو حق ادا ڪيو ويو آهي. سنڌي زبان کي سنسڪرت مان نڪتل ڏيکاريو اٿس. البت ڪن ڪن هنڌن تي ڏيکاريو اٿس تہ، سنڌي زبان جو سڏاءُ سنسڪرت کان ڪجهہ قدر انوکو آهي. سنڌي زبان جي لساني حدن بابت لکيو اٿس:

"جيتوڻيڪ سنڌي زبان خاص صوبي سنڌ جي زبان آهي، ان جي باوجود هوءَ پنهنجي بيحد مقبوليت ۽ اعليٰ حيثيت جي ڪري، پنهنجي علاقي جون حدون ٽپي، پنهنجي پروارن علاقن ۾ بہ پهتي آهي ۽ اتي بہ ڦهلجي وئي آهي. اتي بہ انهيءَ ئي محبت ۽ خلوص سان مروج آهي ۽ ڳالهائي وجي ٿي، جهڙيءَ طرح پنهنجي وطن ۾ ڳالهائي ويندي آهي."

انهن پر وارن علاقن، جن ۾ سنڌي هولي ڳالهائي وجي ٿي، جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"سنڌي زبان، سنڌ جي اتر ۾ سنڌ جون حدون ٽپي، اتر اولهہ طرف بلوچستان ۽ مڪران طرف پهتي آهي. اوير ۾ پنجاب ۽ بهاولپور جي علاقن ۾ ان جو اثر نظر اچي ٿو. بلوچستان جي خاص زبان بلوچي آهي، پر اها صوبي جو اهو حصو، جيڪو ٻنهي صوبن جي وچ ۾ اوچن پهاڙن جي گهٽ اوچائيءَ واري ايراضيءَ تي مشتمل آهي، اتي جي رهاڪن مان اڪثريت جي زبان سنڌي آهي. بلوچستان جي ڏکڻ اولهہ واري حصي لس ٻيلي جي رهاڪن جي زبان تہ صرف سنڌي آهي."

ڪچ ۽ گجرات جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: "هيڏانهن ٽر جي ڏکڻ اوير طرف هيءَ زبان جغرافيائي حدون ٽپي، گجرات ۾ پهتي آهي، ۽ اتي گجراتي زبان سان گڏوگڏ سڄي صوبي جو سير ڪندي نظر اچي ٿي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ان ڪتاب کان سواءِ گريئرسن پراڪرت جي هڪ شاخ واراچڊ اپيرنش ۽ سنڌي زبان جي تقابلي مطالعي تي هڪ ڪتاب "Varachada and Sindhi" نالي لکيو، جيڪو بمبئيءَ مان 1902ع ۾ ڇپيو.

سر ٽرنر

سر ٽرنر سنڌي ۽ نيپالي زبانن جي تقابلي مطالعي تي هڪ ڪتاب هيٺين نالي سان لکيو، جيڪو 1937ع ۾ لنڊن مان شايع ٿيو:

Nepali Eytomological and comparttive Dictonary

سيمور

هن سنڌي گرامر تي انگريزي ۾ هڪ ڪتاب لکيو، جيڪو ڪراچيءَ مان 1884ع ۾ شايع ٿيو.

سي. ڊبليو. سيڪل

ڪراچيءَ جي گرامر اسڪول جو پرنسپال هو. هن به انگريزي زبان ۾ سنڌي گرامر لکيو، جيڪو ڪراچيءَ مان 1842ع ۾ ڇپيو. ان کانسواءِ ان ۾ سنڌيءَ مان انگريزي ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ ڪجھ مشقون به ڏنيون ويون آهن.

هينري والٽر بيليو

هن 1872ع ۾ بلوچستان، افغانستان، خراسان، ايران ۽ سنڌ جو سير و سفر ڪيو. بروهي زبان ۾ مهارت حاصل ڪيائين، ۽ ان جو گرامر به لکيائين. هن جو سفرنامو 1874ع ۾ لنڊن مان شايع ٿيو.

هو 26 ڊسمبر 1897ع تي ملتان کان روانو ٿيو. درياءَ جي رستي سکر آيو، اتان شڪارپور ويو. شڪارپور کان جيڪب آباد ويو ۽ بلوچستان کان ٿيندو افغانستان هليو ويو. سنڌو درياءَ جي ٻنهي ڪپن تي سکر جي ويجهو هن منهن ڏٺا، جيڪي صاف ستڙا هئا. سندس چوڻ آهي ته اتي جَت رهيا ٿي، جن جو ڪم هو مچي مارڻ، ڪائيون ڪپڻ ۽ ڊور چارڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهو ڪچي جو ذڪر آهي. حقيقت ۾ ڪچي ۾ سپ جَت نہ رهندا آهن، پر جتن کان سواءِ ميربحر، ماڇي ۽ ٻيون قومون بہ رهنديون آهن. هو بگيءَ ۾ چڙهي سکر کان شڪارپور آيو. ان رستي لاءِ هو چوي ٿو، تہ "رود تمام سٺو آهي ۽ سڄي رود تي سَرَون پيل آهن، جنهن ڪري منّيءَ جي دَڙَ نٽي اچي. رود جي ٻنهي پاسن کان سڏي زمين آهي ۽ وٽراهہ ۽ فصل آهن. خاص طرح سان لکي ڳوٺ کان شڪارپور تائين تمام گهٽي ساوڪ آهي. رستي هلندي ڪيترائي واهہ نظر آيا."

هو شڪارپور جي ڏاڍي تعريف ڪري ٿو. هو شڪارپور جو شاهي باغ گهمي ڏاڍو متاثر ٿيو. شڪارپور لاءِ هو چوي ٿو تہ:

"صاف ۽ سهڻو شهر آهي، چوڏاري باغ ۽ وٽراهہ اٿس. نم، سرنهہ، ٽاري ۽ ڪجيءَ جا وڻ ۽ گهاٽا وڻ آهن. شڪارپور جي چوڏاري جيڪي رستا آهن، اهي سَرَنِ سان ڍڪيل آهن، جيئن رَئي نہ اڏامي. ماڻهو خوش- پوش آهن ۽ ناهوڪا ڪپڙا پهرين ٿا. واپار جو وڏو مرڪز آهي. سڄي بازار ڪائيءَ جي جڙاوت سان ڍڪيل آهي، انهيءَ ڪري سخت گرمہ مند ۾ بہ ٿڏي آهي."

ڪيپٽن ايم. آر. هيگ

هو هڪ فوجي آفيسر هو، اٺويهين صدي جي پوئين اڌ ۾ سنڌ ۾ آيو. سنڌ جي تاريخ، قديم شهرن ۽ تاريخي جاگرفي تي ڇڪي ڪوجنا ڪيائين. سندس تحقيق جو نتيجو "Indus Delta Country" نالي ڪتاب جي صورت ۾ سن 1894ع ۾ سوئيٽزرلئنڊ مان ڇپجي شايع ٿيو. سن 1972ع ۾ پاڪستان ۾ ٻيهر شايع ٿيو آهي.

ڪتاب ۾ نَوَ باب آهن، جن ۾ سنڌ جي جاگرافي، تاريخ، آثار قديمہ، ثقافت ۽ قديم نقشن جو احوال آيل آهي. پهرين باب ۾ ٿر ۽ لاڙ جي تاريخ ۽ جغرافيائي حالتن جو احوال آهي. ٻئي باب ۾ سڪندر مقدوني جي ڪاهہ جو ذڪر آهي. ٽئين باب ۾ بہ يونانين جي ڪارگذارين جو بيان آهي. چوٿين باب ۾ مشرق جي عالمن ۽ مصنفن جا سنڌ بابت رايا ۽ تاثرات ڏنل آهن. پنجين باب ۾ مشرق جي جاگرافي دانن جي سنڌ بابت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بيان جو جائزو آهي. ڇهين باب ۾ عربن جي ڪاهه جو بيان آهي. ستين باب ۾ برصغير پاڪ و هند ۾ پورچوگيزن جي آمد جو احوال آهي. اٺين باب ۾ سورهين صديءَ ۾ انگريزن جي سنڌ ۾ آمد جو ذڪر آهي. نائين باب ۾ اٺويهين صديءَ جي سنڌ جي حالتن جو بيان آهي.

هن ڪتاب جي ڪن ڳالهين سان اختلاف ڪري سگهجي ٿو، پر ان جي باوجود سنڌ جي تاريخ، تاريخي جغرافيائي قديم آثارن بابت هڪ مڪمل ماخذ جي حيثيت رکي ٿو.

سر جان مارشل

هو آثار قديمه انديا جو ڊائريڪٽر جنرل هو. هن جي ڏينهن ۾ سنه 1922ع کان 1927ع تائين موهن جي دڙي جي کوٽائي ٿي، جنهن مان پنج هزار سال پراڻي تهذيب ظاهر ٿي. کوٽائيءَ مان ثابت ٿيو ته پنج هزار سال اڳ سنڌ جا ماڻهو نهايت مهذب زندگي گذارينداهئا، لکڻ پڙهڻ ڄاڻندا هئا، پڪن گهرن ۾ رهندا هئا، شهريت جو شعور رکندا هئا. ان کوجنا ۽ کوٽائيءَ جو نتيجو آثار قديمه انديا جي محڪمي طرفان هيٺئين نالي سان ڪتاب ٽن جلدن ۾ شايع ٿيو: "موهن جو دڙو ۽ وادي سنڌ".

(Mohen-Jo-Daro and the Indus Civilization).

هي ڪتاب سر جان مارشل جو ايڊٽ ڪيل آهي، ۽ ان جا مختلف باب مختلف ماهرن لکيا آهن. پهرين جلد ۾ 19 باب آهن، جن مان پهريان 9 خود مارشل جا لکيل آهن، انهن ۾ سنڌ جي سرزمين، آبهوا ۽ ندين، موهن جي دڙي جي جڳهه، کوٽائي ۽ وادي سنڌ جي تهذيب جو ذڪر تفصيل سان ڪيو ويو آهي.

ارنيسٽ مڪي

هو آثار قديمه جي کوٽائيءَ جو ماهر هو. مصر، فلسطين ۽ بابل جي آثار قديمه تي کيس پهريائين ئي مهارت حاصل هئي. ان ڪانپوءِ هو "موهن جي دڙي" جي کوٽائيءَ جو نگران ٿي رهيو. مارشل جي. ايڊٽ ڪيل ڪتاب جي پهرين جلد جا 7 باب ۽ ٽئين جلد جا 7 باب مڪي جا لکيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن. انهن بابن ۾ کوٽائي جو تفصيل آهي. ان کان سواءِ ٻين بابن ۾ جاين جي اڏاوت، ٽڪر جي ٽانون، ماڻهن ۽ جانورن جي مورتين، پٿر جي شين رانديڪن، اوزارن، زيورن، مهرن، عاج جي شين، رانديڪن ۽ گهر جي استعمال جي شين جو تفصيل ۽ جائزو ڏنل آهي. چنهوءَ جي دڙي جي کوٽائيءَ تي ٻه لکيائين. انهن کان سواءِ "منڪي" سنڌ جي قديم تهذيب تي جدا کتاب ٻه لکيو، جيڪو "سنڌ جي قديم تهذيب" جي نالي سان لنڊن مان 1935ع ۾ ڇپيو.

سنڌ جي آثار قديمه جا ٻيا ليکڪ ۽ محقق

مارشل ۽ منڪي کان سواءِ مذکوره ڪتاب ۾ ٻين محققن جا لکيل باب ٻه آهن، جهڙوڪ: ايچ هرگويوس، هڪ باب ۾ کوٽائيءَ جو تفصيل ڏنو آهي. سي. ايف. گاڊ، سڊني سمٿ ۽ ايس. لانگڊن موهن جي دڙي جي مهرن ۽ قديم سنڌي رسم الخط جو جائزو ڏنو آهي. گاڊ برٽش ميوزم ۾ ايجپٽين ۽ اسپرين شعبي ۾ اسسٽنٽ ڪيپر هو؛ سڊني ان ساڳي شعبي ۾ ڪيپر هو؛ ۽ لانگڊن آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ اسيريالاجي شعبي جو پروفيسر هو. هڪ باب وَٽَنِ ۽ ماپن بابت آهي، جيڪو اي. ايس هيمي جو لکيل آهي. ٻه باب انسانن ۽ جانورن جي ڏانچن، اهجاڻن ۽ مورتين بابت آهن، جيڪي آر. بي سيميور جا لکيل آهن. هو ان زماني ۾ زولاجيڪل سروي آف انڊيا جو ڊائريڪٽر هو. هڪ باب ڏاتن ۽ کاڻين مان کڊيل شين بابت آهي، جيڪو سر ايڊون راسکو جو لکيل آهي. هو انهن ڏينهن ۾ جيالاجيڪل سروي آف انڊيا جو ڊائريڪٽر هو.

ان کان سواءِ سنڌ جي ٻين دڙن ۽ ٻڙن تي ان زماني ۾ توڙي موجوده دؤر ۾ ڪيترن ئي مغربي ملڪن جي محققن کوجنا ڪئي آهي ۽ لکيو آهي، انهن مان سر مارٽيمر وهيلر جو نالو قابل ذڪر آهي، جنهن جو ڪتاب "پاڪستان جا پنج هزار سال" 1950ع ۾ لنڊن مان ڇپيو.

موهن جي دڙي جون مهرون

موجوده دؤر ۾ موهن جي دڙي جي مهرن کي پڙهڻ جي ڪوشش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪئي وئي آهي. فنلينڊ ۽ روس جي محققن مهرون پڙهي، سنڌي زبان ۽ رسم الخط بابت ڪجهہ نتيجا ڪڍيا آهن. انهن محققن مان آسڪو پارپولا، سمڪو پارپولا ۽ روسي محققن جي- وي اليڪسيو، نوروزوو؛ اي- ايم ڪوندراٽوو ۽ وولوهوڪ جا نالا قابل ذڪر آهن.

سنڌ جو گزيٽيئر

انگريزن جي دؤر ۾ سنڌ جي تاريخ، جاگرافيءَ ۽ پي عام معلومات بابت گزيٽيئر لکيا ويا، جن لکيڪن جدا جدا گزيٽيئر لکيا، انهن جا نالا هي آهن:

1. **جي - ڊبليو سمٿ:** سندس گزيٽيئر بمبئيءَ مان 1919ع ۾ ڇپيو.
2. **اي- ڊبليو- هيوز:** سندس گزيٽيئر ڪراچيءَ مان 1876ع ۾ ڇپيو.
3. **اي- ايڇ ائٽڪن:** سندس گزيٽيئر ڪراچيءَ مان 1907ع ۾ ڇپيو.
4. **جي- ڊبليو سمٿ:** هن سنڌ جي جدا جدا ضلعن جا گزيٽيئر لکيا. تازو سورلي جو گزيٽيئر ڇپيو آهي.

هينري ڪزنس

سنڌ جي تاريخي جاين تي هينئين نالي سان ڪتاب لکيائين، جيڪو ڪلڪتي مان 1929ع ۾ ڇپيو: "Antiquities of Sind"

ان کان سواءِ سنڌ جي ڪاشيءَ جي سِرن جون مختلف ڊزائينون، جيڪي سنڌ جي ڪنڌ ڪڙڇ جي تاريخي جاين ۾ ڪم آيل آهن، نقل ڪري هڪ ڪتاب جي صورت ۾ هينئين نالي سان 1906ع ۾ لنڊن مان ڇپايائين: "Protfolio of Illustrations of Sindh tiles"

ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي تاريخي جاين بابت به هڪ ڪتاب لکيائين.

ايڇ. ٽي. لئمبرڪ

هو 1927ع کان 1946ع تائين سنڌ ۾ مختلف عهدن تي رهيو. سنڌ جي تاريخ تي ڪيترائي مقالا لکيائين، جيڪي سنڌ هسٽاريڪل جرنل ۾ ڇپيا. هو ان سوسائٽيءَ جو 1940ع کان 1943ع تائين پريزيڊنٽ هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

1947ع ۾ انڊين سول سروس مان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هو اورينٽل ڪاليج آڪسفورڊ جو فيلو ٿيو. هن سنڌ جي قديم تاريخ تي هيٺيان ٻہ ڪتاب لکيا آهن، جيڪي سنڌي ادبي بورڊ ڇپايا آهن.

1. سنڌ جي تاريخي جاگرافي، آبهوا، ثقافت بابت "sind a General Introduction" نالي ڪتاب لکيائين، جيڪو حيدرآباد مان 1964ع ۾ ڇپيو.
2. سنڌ جي قديم تاريخ بابت "Sind before the Muslim conquest" نالي ڪتاب لکيائين، جيڪو حيدرآباد ۾ 1973ع ۾ ڇپيو.

انهن کان سواءِ ماضي قريب جي تاريخ تي هيٺيان ڪتاب لکيائين:

1. سر چارلس نيپئر ۽ سنڌ
2. جان جيڪب آف جيڪب آباد
3. ٽيررسٽ.

ايڇ. جي. راورٽي

هن سنڌو درياء جي مختلف وهڪرن ۽ جدا جدا شاخن تي هيٺين نالي سان ڪتاب لکيو، جيڪو ڪلڪتي مان 1992ع ۾ ڇپيو:

"The Mehran of Sind and its Tributries"•

ايلٽ ۽ ڊائوسن

هندستان جي تاريخ تي هن جو اٺن جلدن ۾ مشهور ڪتاب آهي؛ "هندستان جي تاريخ، ان جي مؤرخن جي زباني". ان جو پهريون جلد عرب سياحن ۽ جاگرفيدانن بابت آهن، جن سنڌ بابت لکيو آهي. انهن کان سواءِ ٻين جلدن ۾ ٻہ سنڌ جي تاريخ تي مواد ملي ٿو. سنڌ جي تاريخ تي هن جو جدا ڪتاب ٻہ ڇپيو آهي. سندن ڪتابن جا ريپرنٽ تازو ڇپيا آهن.

ڊاڪٽر سورلي

ڊاڪٽر ايڇ-ٽي سورلي سنڌ ۾ ڪليڪٽر ٿي رهيو. هو سنڌي

• هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو "سنڌ جو مهران" نالي سان عطا محمد پنيري ترجمو ڪيو آهي ۽ سنڌي هولي اٿارٽي حيدرآباد پاران ڇپي پڌرو ٿيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زبان سکيو ۽ ان ۾ وڏي مهارت حاصل ڪيائين. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ سان گهري دلچسپي هئس. ان جي نتيجي ۾ انگريزي ۾ "Shah Abdul Latif of Bhit" نالي هڪ محققانه ڪتاب لکيائين، جنهن تي ڪيس پي. ايڇ. ڊي جي ڊگري ملي.

ڪتاب جي مقدمي ۾ شاهه لطيف جي حياتيءَ سان گڏ ان وقت جي سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ علمي حالتن جو ذڪر ٻه ڪيو آهي. شاهه صاحب جي شاعريءَ جو جائزو ورندي، شاهه صاحب جي فڪر، پيغام، زبان ۽ بيان جي خوبين تي تفصيل سان روشني وڌي آهي. ان کان پوءِ رسالي جي انتخاب جو منظوم انگريزي ترجمو ڏنو آهي. هي ڪتاب پهريون ڀيرو 1940ع ۾ ڇپيو. ان کان پوءِ ٻه ڇپجندو رهيو آهي. سنڌيءَ ۾ ان جو ترجمو "ڀٽ جو شاهه" نالي سان ڇپيو آهي.

ان کان سواءِ هڪ ٻيو ڪتاب "ميوسا پرو گانس" لکيو آهي، جنهن ۾ دنيا جي باڪمال غنائي شاعرن جو ذڪر آهي. ان ۾ شاهه لطيف جو ذڪر ٻه آندو آهي، ۽ ڪيس غنائي شاعرن ۾ تمام مٿانهون ڏيکاريو آهي.

ان کان سواءِ سنڌ صوبي جي مڪمل ۽ مفصل گزيٽيئر ٻه لکي آهي، جيڪا گورنمينٽ پريس مان سنه 1968ع ۾ شايع ٿي.

ڊاڪٽر مس اينيمري شميل

هيءَ هڪ مشهور مستشرق جرمن خاتون آهي، جيڪا هارورڊ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر آهي. ڪيس مشرق ۽ مغرب جي ڪيترين ئي زبانن ۾ مهارت حاصل آهي، ۽ مسلمان صوفي شاعرن جي شعر جو گهرو مطالعو ڪيو آهي. سنڌي زبان تي ڪيس ڇگي دسترس حاصل آهي، ۽ سنڌي شعر جو اونهو اڀياس ڪيو آهي. سنڌي ادب ۽ شاهه لطيف تي ڪيترائي مقالا لکيا آهن. شاهه لطيف جي شعر جو جرمن زبان ۾ ترجمو ٻه ڪيو آهي. تازو اسلامي تصوف تي سندس ضخيم ڪتاب: "Mystical Dimensist of Islam" جي نالي سان ڇپيو آهي، ان ۾ ٻه شاهه لطيف ۽ ٻين سنڌ جي صوفين جي فڪر ۽ پيغام جو تعارف ڏنو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻيا ليکڪ محقق

انهن کان سواءِ ٻين به ڪيترن ئي مغربي عالمن ۽ محقق ڪتاب لکيا آهن، جن ۾ سنڌ جي تاريخ، جاگرافي، ثقافت ۽ آثار قديمہ بابت مواد ملي ٿو، انهن مان ڪن ليکڪن جا نالا ۽ ڪتابن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

1. اين. ايم. بليموووريا جو ڪتاب "نٽي ۾ ہن يورپين جا مقبرا" سال 1936ع ۾ ڇپيو.
2. ڊئوڊراس جو ڪتاب "پنجن دريائن جي سرزمين ۽ سنڌ".
3. ڪيپٽن ايس. اين. ريڪس جو ڪتاب ٽر ۽ پارڪر بابت بمبئيءَ مان 1856ع ۾ ڇپيو.
4. پوسٽن جو ليک منچر ڊنڊ، اڙل واهہ ۽ ناري بابت 1840ع ۾ رايل ايشياٽڪ سوسائٽي جي جرنل ۾ ڇپيو.
5. ڪننگهام "هندستان جي قديم جاگرافي" نالي ڪتاب لکيو، جيڪو لنڊن مان 1871ع ۾ ڇپيو. ان کان سواءِ سنڌ ۽ هند جي سڪن بابت ڪيترائي ڪتاب لکيائين.
6. هربرٽ فيلڊ مئن جو ڪتاب "ڪراچي سؤ سالن دوران" ڪراچيءَ مان 1960ع ۾ ڇپيو.
7. اي. ڪي. سنيلگروو جو ڪتاب، سنڌ درياء بابت، سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان سال 1967ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو "سنڌ ۾ انگريزن جي حڪمت عملي" عطا محمد پنيري ڪيو آهي ۽ سنڌيڪا اڪيڊمي 1999ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي.
8. ڊاڪٽر ائڊرين ڊيوريٽ جو ڪتاب "برطانيہ جا سنڌ سان تعلقات" نيشنل بوڪ فائونڊيشن طرفان 1976ع ۾ ڇپيو.

انهن کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي ڪتاب ۽ بيشمار ليک مغربي عالمن لکيا آهن. انهن جو تفصيل هت طوالت جو باعث بڻجندو. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ لاءِ مغربي عالمن کي تمام گهڻي دلچسپي رهي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حوالا

(1) ڈاڪٽر ايس.پي ڇبلاڻي: سنڌ جي اقتصادي تاريخ ـ سنڌي ادبي بورڊ، 1968ع.
(2) ڈاڪٽر ممتاز پٹاڻ: نئين مصر جا پراڻا ورق (ترجمو) سنڌي ادبي بورڊ، 1975ع.
(3) نڪولاس منوچي: استوريادوموگر (اردو ترجمو ـ ملڪ راج)
(4) سراج الحق: سنڌ جي اقتصادي تاريخ (سنڌي ترجمو) سنڌي ادبي بورڊ، 1968ع.

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب ڇهون

سيوهڻ

سياحن ۽ پرڏيهي مؤرخن جي نظر ۾

ڪيترائي ٻاهريان سياح سنڌ ۾ آيا آهن، ۽ سنڌ جي ٻين شهرن سان گڏ سيوهڻ بہ گهمي ويا آهن. انهن پنهنجي سفر نامن ۽ ڪتابن ۾ سيوهڻ جي طبعي حالتن، ثقافت، بزرگن ۽ ٻين ڪيترين ڳالهين جو احوال ڏنو آهي. انهن کان سواءِ ڪيترن ئي پرڏيهي مؤرخن، عالمن ۽ بزرگن بہ پنهنجي ڪتابن ۾ سيوهڻ جو ذڪر ڪيو آهي. انهن سياحن، مؤرخن ۽ عالمن جي بيانن کي هن باب ۾ ترتيب سان يڪجاءِ ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي. اهڙيءَ طرح هن باب ۾ ڪجهہ اهڙو مواد بہ آندو ويو وڃي، جيڪو اڳ ۾ ڪڏهن بہ سنڌي زبان ۾ لکيل مقالن ۽ ڪتابن ۾ نہ آيو آهي. هن باب ۾ رڳو انهن تاريخن، ڪتابن ۽ مقالن جو مواد نہ ڏنو ويو آهي، جيڪي قديم زماني ۾ توڙي موجوده دور ۾ سنڌي، فارسي، عربي، انگريزي ۽ اردو زبانن ۾ سنڌ ۾ لکيو ويو آهي. ان کانسواءِ انهن تاريخن ۽ ڪتابن ۾ آيل مواد جو جائزو بہ نہ ڏنو ويو آهي، جيڪي ماضي قريب ۾ قيام پاڪستان کان اڳ يا پوءِ لکيا ويا.

سياحن ۽ پرڏيهي مؤرخن جي بيانن جو جائزو هن طرح ترتيبوار پيش ڪجي ٿو، جيئن تاريخ، ثقافت، علم ادب، بزرگن جي سوانح ۽ طبعي حالتن جا مختلف پهلو روشن ٿين.

هن شهر کي عرب تاريخدان احمد بن ابي يعقوب بن جعفر بنهنجي ڪتاب "تاريخ اليعقوبي" ۾ "سهبان" لکيو آهي. (1) بلاذري بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"سهبان" لکيو آهي؛ پر ان شهر جي پسگردائيءَ ۾ ٻئي شهر کي "سدوسان" سڏيو آهي. سندس بيان هن طرح آهي:

"محمدبن قاسم جنهن رستي تان لنگهيو، فتح کان سواءِ اڳتي نه وڌيو. تان جو مهراڻ جي تمام ويجهو علاقي ۾ هڪ نهر ٽپيو. سربيدس جو شمني وٽس آيو، ۽ اتي جي رهاڪن جي وچ ۾ صلح ڪرايائين. محمد بن قاسم انهن تي خراج مقرر ڪيو. "سهبان" پهتو، ۽ ان کي فتح ڪري، مهراڻ عبور ڪرڻ جي ارادي سان وچ واري علاقي لاءِ لٽو. ڏاهر اها خبر ٻڌي لڙائيءَ لاءِ تيار ٿيو.

محمد بن قاسم درياءَ ٽپڻ جي ست ستڻ لاءِ پاڻ تہ هتي ترسيو، پر محمد بن مصعب کي هٿيار پنوهار ڏئي "سدوسان" موڪليائين. هي جڏهن هتي پهتو، تہ اُتي جي رهاڪن امان گهري، ۽ انهن جي شمني ٻنهي جي وچ ۾ صلح جي ڪوشش ڪئي. ابن مصعب سندن درخواست قبول ڪئي، هن خراج مقرر ڪيو ۽ عهد نامي جي پابندي جي ضمانت ورتي. پنهنجي ماڻهن مان هڪ کي انهن تي عامل مقرر ڪيو، ۽ چار هزار جت ساڻ ڪري محمد بن قاسم وٽ موٽي آيو." (2)

چچ نامي ۾ بہ لڳ ڀڳ ساڳيو احوال آيو آهي. البت محمد بن قاسم جيڪا نهر ٽپيو، ان جو نالو "موج" ڄاڻايو ويو آهي. ۽ ان کي نيراني کان 30 فرلانگن جي پنڌ تي ڏيکاريو ويو آهي. "سيوهڻ" لاءِ "سيوستان" نالو آندو ويو آهي. سيوهڻ جي حاڪم جو نالو بجهراءِ ڏيکاريو ويو آهي، جنهن ٻُڌي شمنين جي سمجهائڻ جي باوجود قلعہ بند ٿي محمد بن قاسم سان جنگ جوٽي. آخر مقابلي جي سَتَ سهي نہ سگهيو ۽ هڪ رات لکي ڇڄي وڃي، ٻڌيہ جي حد ۾ پهتو. انهيءَ وقت ٻڌيہ جو راجا ڪاڪو بن ڪوتل نالي شمني ڇِڪُشو هو. سندس قلعو ڪُنڀ نهر جي ڪناري "سيسم" نالي هو. (3)

يعني سيوهڻ فتح ڪرڻ کان پوءِ محمد بن قاسم ان جي پسگردائيءَ ۾ جيڪو ٻيو قلعو فتح ڪيو، ان کي چچ نامي جي صاحب "سيسم" لکيو آهي، ۽ بلاذري ان کي "سُدوسان" سڏيو آهي. (4)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، چچ نامي جي حاشيءَ ۾ لکيو آهي، تہ "موج" نهر نئن سن آهي ۽ "ڪنب"، منجر آهي. (5) "سيسم" لاءِ هيگ لکيو آهي، اهو شاهہ حسن آهي (6) ڊاڪٽر بلوچ انهيءَ راءِ کي رد ڪري ٿو. (7)

چچ نامي ۾ آيو آهي، تہ محمد بن قاسم سيسم جي قلعي تي حملو ڪرڻ لاءِ روانو ٿي، ڪنب جي ڪناري تي "بندهان" نالي هڪ منزل وٺ اچي ٿو. (8) ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق موجب چچ نامي جي ڪن نسخن ۾ "بندهان" جي بدران "نيلهان" ۽ آيو آهي. (9) هيگ انهيءَ بستيءَ کي موجوده "بلهڙ" ڳوٺ سمجهي ٿو، جيڪو سيوهڙ کان 7 ميلن جي مفاصلي تي منجر جي ڪناري تي آهي. (10)

هن ناچيز اهي ماڳ مڪان ڪيترائي ڀيرا ڇڪيءَ طرح گهمي ڏٺا آهن. موجوده بلهڙ ڳوٺ جي پرسان مون کي هڪ ڏڙو نظر آيو، جيڪو ڪنهن قديم قلعي جي جڳهہ معلوم ٿي ٿيو. اهو ڏڙو هوريان هوريان ختم ٿيندو ويو، ڇاڪاڻ جو ان کي ڪٽي آبادي‌ءَ هيٺ آندو ويو. هينئر ان جا ٿورا نشان وڃي بچيا آهن. معلوم ٿئي ٿو تہ هيگ جي راءِ صحيح آهي. "بندهان" يا "نيلهان"، "بلهڙ" لفظ جي بگڙيل بناوت آهي. ڀائنجي ٿو، تہ ان تي اهو نالو انهيءَ ڪري ڏيو، جو هي ڳوٺ اڳ جي منجر ۾ ڇوڙ واري هنڌ جي پرسان ۽ منجر جي ٻيگهوءَ ۾ آهي. هن راءِ کي ان مان به هٿي ملي ٿي، تہ بلهڙ جا جيڪي رهاڪو آهن، اهي "ڪاڪي پوٽا" ابڙا آهن، باقي ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي اها راءِ صحيح معلوم نہ ٿي ٿئي، تہ اصل نالو "بندهان" هجي، ۽ منجر جي ڪنهن قديم بند سبب انهيءَ بستيءَ تي اهو نالو ڏيو هجي، يا ممڪن آهي، تہ اهو نالو اصل ۾ "بنڌاڻ" هجي. (11) البت ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي اها راءِ صحيح معلوم ٿئي ٿي "موج"، "نئن سن" کي سڏيو ويو آهي، ۽ "ڪنب"، منجر لاءِ آيو آهي.

اصطخري، "مسالڪ و الممالڪ" ۾ "سدوسان" آندو آهي. هن سنڌ جي شهرن جا هي نالا ڏيکاريا آهن: منصوره، برهمناباد، ديبل،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قانري، اتري، بلري، مواهي، بهراج، بانيہ، سدوسان، الرور." (12)

ائين ٿو معلوم ٿئي، تہ سيسم يا سدوسان، سيوهڻ کان جدا ٻيو شهر هو؛ پر جيئن تہ انهن جو تلفظ لڳ ڀڳ هو، انهيءَ ڪري ڪن ليکڪن انهن کي گڏي سڏي لکيو آهي. هن ناچيز جي تحقيق موجب "سيسم" يا "سدوسان" اصل ۾ "سوستان" آهي، جيڪو شو/ سو استان مان بنيو آهي، جنهن کي پوين ڪتابن ۾ "سيوستان" لکيو ويو آهي. "سيوهڻ"، سو/ شو + واهڻ مان بنيو آهي. ائين ڪونهي، تہ سوستان ۽ سيوهڻ هڪ ئي شهر جا نالا آهن. ان جو وڏو ثبوت بلاذري جو بيان آهي، جيڪو "سهبان" جدا شهر کي سڏي ٿو ۽ "سدوسان" ٻي شهر کي چوي ٿو. بلاذري کان سواءِ يعقوبيءَ ٻہ "سهبان" نالو آندو آهي. ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو، تہ هن شهر تي "سيوهڻ" نالو تمام قديم زماني کان هليو اچي ٿو. جنهن کي عرب مؤرخن بگيڙي "سهبان" ڪري لکيو آهي.

سيوهڻ ــ علائقو

سيوهڻ، نہ فقط شهر هو، پر قديم زماني کان علائقو ٻہ هو. چچنامي مان ٻہ اها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي، تہ سيوهڻ، قديم زماني کان علائقو هليو ٿي آيو. جڏهن سلطان قطب الدين جو نياڻو ملڪ ناصر الدين قباچہ سنڌ طرف وڌيو، ۽ ملتان، اچ، بکر ۽ سيوستان جي علائقن تي قابض ٿي ويو." (13)

منهاج سراج پنهنجي ڪتاب "طبقات ناصري" ۾ لکيو آهي، تہ هو سيوهڻ کان اڳتي ديبل تائين قابض ٿي ويو. هو سيوستان جي بدران، سيوهڻ لاءِ "سيوستان" ۽ "ديبل" لاءِ "ديول" آڻي ٿو. لکيو اٿس:

"مطلب تہ ناصر الدين قباچہ، سلطان قطب الدين جي وفات کان پوءِ اوچ هليو ويو، ۽ ملتان تي قبضو ڪيائين. سندستان (سيوستان) ۽ ديول (ديبل) ٻہ سمنڊ جي ڪناري تائين سندس قبضي ۾ اچي ويا. هن سنڌ جا قلعا ۽ شهر ٻہ هٿ هيٺ ڪيا." (14)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهن ڏينهن ۾ خراسان تي چنگيز خان تاتاريءَ جي مصيبت اچي ڪڙڪي. 619هـ (1222ع) ۾ جلال الدين خوارزم شاهه تاتارين کان شڪست کائي يڳو، ۽ پنجاب ۽ سنڌ ۾ آيو. هو ملڪ لتاڙيندو ديبل تائين ويو، ۽ ديبل سندس هٿان برباد ٿيو. طبقات ناصري وارو لکي ٿو:

"619هـ ۾ جلال الدين خوارزم شاهه تاتارين کان شڪست کاڌي. هو هندستان هليو آيو، ۽ خوارزم شاهه جو فتنو لاهور جي سرحد تائين پهچي ويو. سلطان شمس الدين التمش، هندستاني لشڪر سان دهليءَ کان لاهور ڏانهن وڌيو. جلال الدين خوارزم هندستاني لشڪر کان لنوائي، سنڌ ۽ سيوستان طرف هليو آيو." (15)

التمش جي ڏينهن ۾ قباچه سندس مخالفت ڪئي، ۽ خود مختياري اختيار ڪئي، جڏهن خوارزم شاهه سنڌ ۽ پنجاب ۾ آيو، تڏهن اچ، ملتان، بکر ۽ سيوهڻ قباچه جي هٿ هيٺ هئا. عطا ملڪ جو پيءُ، پنهنجي تاريخ "جهان ڪشا" ۾ لکيو آهي:

"سلطان خوارزم شاهه، ملتان جي پسگردائيءَ ۾ پهچڻ کان پوءِ قباچه کي ڏن موڪلڻ لاءِ لکيو، جيڪو هن ڏيڻ کان انڪار ڪيو. سلطان ٻه ڏينهن ملتان رهي، ملتان کي باهه ڏئي، اُچ ڏانهن وڌيو. ان کان پوءِ هو "سدستان (سيوستان- سيوهڻ) ڏانهن روانو ٿيو، جتي قباچه جو نائب "فخرالدين سالاري" حڪومت ڪري رهيو هو. هن لشڪر ڏئي، پنهنجي هڪ سپهه سالار کي سلطان خوارزم شاهه جي مقابلي لاءِ موڪليو، پر هن شڪست کاڌي. فخرالدين پاڻ کي بي يارومددگار سمجهي پيش پيو. سلطان مهينو ڪن سيوهڻ ۾ رهيو، ۽ فخرالدين کي پنهنجو نائب مقرر ڪري پاڻ ديبل ڏانهن هليو ويو." (16)

سنه 1623هـ (1266ع) ۾ ملڪ خان خلجي سيوهڻ تي قبضو ڪيو. قباچه سندس مقابلو ڪيو، جنهن ۾ ملڪ خان مارجي ويو. 624هـ ۾ التمش پنهنجي وزير نظام الملڪ محمد بن ابي سعيد کي سنڌ جي ولايت سونپي، قباچه کي زير ڪرڻ لاءِ موڪليو. قباچه شڪست کاڌي ۽ 9 جمادي الآخر 625هـ (1228ع) چنجر جي رات بکر وٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌوندي ۾ ٻڌي مئو. ان کان پوءِ نظام الملڪ، مذکوره علاقن جو والي ٿيو.

التمش 26 شعبان سن 633هـ (1236ع) تي وفات ڪئي. ان کان پوءِ رڪن الدين فيروز شاهه تخت تي ويٺو. ان کان پوءِ جڏهن سندس پٽ سلطان مسعود شاهه تخت تي ويٺو، تڏهن هن سيوستان جي والي نورالدين محمد کي موقوف ڪري، ملڪ جلال الدين حسن کي والي مقرر ڪيو. سنہ 644هـ (1245ع) ۾ ناصر الدين محمود تخت تي ويٺو. هي نهايت نيڪ ۽ ديندار حڪمران هو." هن سنہ 649هـ (1251ع) ۾ سلطان ناصر الدين قتلغ خان کي سيوستان جو حاڪم مقرر ڪيو. هي اهو زمانو هو، جڏهن حضرت قلندر شهباز سيوهڻ ۾ آيو. ان کان پوءِ غياث الدين بلبن هندستان جو بادشاهه ٿيو. هن جي طرفان سندس پٽ شهزادو محمد ملتان- اُچَ ۽ سنڌ جو گورنر هو، ۽ ملتان ۾ رهندو هو. هن جي ڏينهن ۾ حضرت قلندر شهباز سيوهڻ مان حضرت غوث بهاؤ الحق زڪريا ملتاني جي وفات کان پوءِ عذرخواهيءَ لاءِ ملتان ويو، ۽ صدرالدين عارف سان ملاقات ڪيائين. شهزادي محمد سان به ملاقات ڪيائين. شهزادي محمد کين ملتان ۾ رهڻ تي زور ڀريو، پر پاڻ قبول نہ ڪيائون.

هڪ ڏينهن سلطان محمد هڪ مجلس تيار ڪرائي، جنهن ۾ عربي سرود ٿيو. ان مجلس ۾ حضرت غوث بهاؤالدين زڪريا ملتاني جو فرزند شيخ صدرالدين عارف به موجود هو. ٻئي بزرگ وجد جي حالت ۾ اچي رقص ڪرڻ لڳا. سلطان محمد هٿ ٻڌيون، پيرين پر بيٺو هو ۽ زارو زار ٻئي رنائين. هي واقعو ضياء الدين برني جي ڪتاب "تاريخ فيروز شاهي" ۾ آيل آهي. (17) اتان تاريخ معصومي، لب تاريخ سنڌ، ماثرالڪرام، تاريخ فرشته ۽ نزهته الخواطر ۾ نقل ڪيو ويو آهي.

غياث الدين بلبن کان پوءِ ڪيقباد، هندستان جو بادشاهه ٿيو. ان کان پوءِ خلجي گهراڻي حڪومت ڪئي. علاؤالدين محمد شاهه خلجي هن گهراڻي جو مشهور حڪمران ٿي گذريو آهي. هن جي ڏينهن ۾ به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيوستان جو حاڪم، دهلي حڪومت جي هٿ هيٺ هو. ضياءالدين برني، تاريخ فيروز شاهي ۾ لکيو آهي:

"جنهن سال الغ خان ۽ نصرت خان کي گجرات موڪليو ويو، انهيءَ ئي سال 698هـ (1299ع) ظفر خان سيوستان جي لاءِ نامزد ڪيو ويو. (ان کان اڳ ۾) سيوستان تي جلدي، ان جي ياءُ ۽ بين مغل سردارن قبضو ڪيو هو. ظفر خان هڪ وڏو لشڪر وٺي سيوستان ويو، ۽ قلعي جو گهيرو ڪيائين. فقط تيرن، تلوارن، ناڇڻ (ان تير کي چوندا آهن، جنهن کي زين سان ٻڌندا آهن. ننڍي نيزي کي به ناڇڻ چوندا آهن) نيزن سان؛ مغربين، منجنيقن ۽ عرادن جي استعمال کان سواءِ ۽ ساباط، پاشيب ۽ گرگج وغيره بنائڻ کان سواءِ، سيوستان جهڙو قلعو فتح ڪيائين. مغل، چئني پاسن کان ايترا تہ تير هڻي رهيا هئا، جو ڪنهن پکيءَ جي مجال نہ هئي، جو قلعي جي برسان اڏامي سگهي. ان جي باوجود ظفر خان فقط تير ۽ تلوار سان ان کي فتح ڪيو؛ ۽ جلدي ان جي ياءُ، ۽ سيني مغلن کي انهن جي ٻارن ٻچن سوڌو گرفتار ڪيائين. سيني کي ٻڌي، زنجيرن ۾ جڪڑي دهليءَ موڪلي ڏنائين." (18)

ان کان پوءِ علاؤالدين خلجي جي ڏينهن ۾ تاج الملڪ ڪافوري، ملتان ۽ سيوستان جو حاڪم رهيو. سنہ 716هـ (1316ع) ۾ علاؤالدين خلجي وفات ڪئي.

ان کان پوءِ سلطان قطب الدين بادشاهہ ٿيو، جنهن کي نو مسلم خسرو خان 5 ربيع الاول 720هـ (1320ع) تي قتل ڪري تخت تي ويٺو، ۽ سلطان ناصر الدين جو لقب اختيار ڪيائين. ملڪ فخرالدين بنا غازي ملڪ، سلطان علاؤالدين خلجي جي خاندان جي تباهيءَ تي دل ۾ پيو ڪڑهندو هو. آخر موقعو وٺي پڄي نڪتو. تاريخ مبارڪ شاهيءَ، انهيءَ بيان ۾ سيوهڻ جو ذڪر به هن طرح آندو آهي:

"ملڪ غازي ملڪ، ان وقت جي امير، جهڙوڪ: ملڪ بهرام آينہ، (راج جو حاڪم ڪشلو خان)، ملتان جي حاڪم ملڪ مغلتي، ملڪ عين الملڪ، شهاب الدين ملتاني، سيوستان جي حاڪم جي پٽ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محمد شاهه ۽ امير سامانه ملک يک لکي ڏانهن خط لکيا ۽ انهن کي سلطان قطب الدين جي خون جو بدلو وٺڻ لاءِ اڀاريو." (19)

"ملک غازي جي خط پهچڻ کان اڳ ۾ ئي سيوستان جي رهاکن، سيوستان جي امير جي پٽ کي قيد کيو. جڏهن ملک غازيءَ جو خط پهتو، تڏهن سيوستانين ان کي چيو، ته جيڪڏهن تون غازي ملک جي ڳالهه مڃيندين ته اسان توکي بخش ڪنداسون. هن ايئن ئي کيو، ۽ هنن کس چڏي ڏنو." (20)

تاريخ مبارک شاهيءَ مان اهو به معلوم ٿئي ٿو، ته انهن ڏينهن ۾ سيوهڻ مان خراج به دهلي ويندو هو. (21)

تغلق خاندان جي حڪومت جي زماني ۾ محمد تغلق سنڌ تي حملو کيو، پر کامياب ڪونه ٿيو، ۽ ٿٽي جي پرسان مري ويو. سندس لاش آڻي سيوهڻ ۾ امانت طور دفن کيو ويو. ان کان پوءِ فيروز تغلق سنڌو درياءَ جي ڪناري تي تخت تي ويٺو. هي احوال برني جي "تاريخ فيروز شاهي"، شمس سراج عفينف جي "تاريخ فيروز شاهي" ۽ تاريخ مبارک شاهي ۾ ملي ٿو. تاريخ فيروز شاهي ۾ آيو آهي، ته فيروز تغلق تخت تي ويهڻ کان پوءِ روانو ٿي سيوستان پهتو. (22) جمعي ڏينهن سندس نالي جو خطبو پڙهيو ويو. (23) فيروز شاهه ملک اختيار الدين کي سيوستان جو والي مقرر کيو، جنهن 17 رجب 757هه (1356ع) تي حضرت قلندر شهباز جو مقبرو تعمير ڪرايو، جنهن کي ست ونگون ۽ چهه گنبذ هئا. 7 صفر 757هه (1357ع) تي هن علي بغدادي جي قبر تي هک گنبذ تعمير ڪرايو.

محمد تغلق جي زماني ۾ مشهور سياح ابن بطوط سنڌ ۾ آيو. هو سيوهڻ به پهتو. هن پنهنجي سفرنامي ۾ سيوهڻ جو احوال هن طرح آندو آهي: "شهر جناني (جنيهاڻ) کان هلي اسان سيوهڻ شهر ۾ پهتاسون. هي هک وڏو شهر آهي، ۽ ريگستان ۾ واقع آهي. هتي ٻير جي وڻن کان سواءِ ٻيو ڪو وڻ ڪونهي. نهر جي ڪناري گدرن کان سواءِ ٻي ڪا پوک ڪانه ٿي ٿئي. هن شهر جا ماڻهو جوئر ۽ ٻاجهريءَ جي ماني کائن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن شهر ۾ مچي تمام گهٽي آهي؛ ۽ مينهن جو ڪير تمام جهجهو آهي. هتي جا رهاڪو ريگ ماهي کائين ٿا، جيڪا ڳوهه وانگر ٿئي ٿي، پر ان کي ڇڄ ڪونہ ٿو ٿئي. ان کي واريءَ مان کوٽي ڪڍي، ان جو پيٽ چيري، پيٽ ۾ هيڊ وجهي، پچائي کائين ٿا.

جڏهن اسان هن شهر ۾ پهتاسون، تہ ڏاڍي سخت گرمي هئي. منهنجا ساٿي لنگهين اگهاڙا هوندا هئا؛ ۽ هڪ رومال آلو ڪري هيٺ ٻڌندا هئا، ۽ هڪ لڳن کي ويڙهيندا هئا." هن شهر جو خطيب شيباني آهي، جنهن مون کي حضرت عمر بن عبدالعزيز رضہ جو پروانو ڏيکاريو، جيڪو ان جي ڏاڏي کي خطيب ٿيڻ وقت مليو هو. اهو پروانو سندس خاندان ۾ وراثت ۾ ملندو آيو. ان جي مٿان هيءَ عبارت لکيل آهي:

"هذا امر بہ عبدالله امير المومنين عمر بن عبدالعزيز بہ فلان ....." ان جي تحرير جي تاريخ 29هـ آهي. ان کان سواءِ ان تي الحمد لکيل آهي. خطيب جو چوڻ هو، تہ اهي لفظ خود خليفي جي هٿ جا لکيل هئا.

هن شهر ۾ مون کي هڪ پوڙهو شيخ محمد بغدادي مليو، جيڪو شيخ عثمان مروندي جي درگاهہ ۾ رهي ٿو. هن مون کي ٻڌايو ويو، تہ ان جي عمر 140 سالن کان مٿي آهي؛ ۽ هو ان وقت بغداد ۾ موجود هو، جڏهن خليفہ مستعصم بالله کي هلاڪو خان بن چنگيز خان قتل ڪيو هو. هو ايڏي وڏي عمر جي باوجود خوش چگو ٻلو آهي، ۽ گهمي ڦري سگهي ٿو. هن شهر ۾ سامره (سومرا) قوم جو سردار "دنار"(24) ۽ امير قيصر بہ هتي رهندا هئا. هي ٻئي بادشاهہ جا ملازم هئا ۽ وٽن 18 سؤ سردارن جي جمعيت رهندي هئي. "رتن" نالي هڪ هندو بہ رهندو هو، جيڪو حسابن ۽ لکڻ جي فن ۾ ماهر هو. ڪنهن امير جي ذريعي هو هندو بادشاهہ تائين پهتو، ۽ بادشاهہ سندس قدر ڪندي، هن کي هتي جو حاڪم بنايو. ڪيس مرتبو يعني نوبت ۽ علم رکڻ جي اجازت ڏني، جيڪو وڏن اميرن لاءِ مخصوص هو. سيوستان ۽ ان جي پسگردائي ڪيس جاگير طور بخشي ڇڏي. جڏهن هو شهر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پهتو، ته دنار ۽ قيصر کي هڪ هندوءَ جي اطاعت ڏاڍي ڏکي لڳي. هن کيس قتل ڪرڻ جو پاڻ ۾ مشورو ڪيو. هن جي اڇڻ کان ڪجهه ڏينهن پوءِ هن کي چيائون، ته هلو ته باهر هلي پنهنجو علائقو گهمون؛ اسان به توهان سان گڏ هلون ٿا. هو انهن سان گڏجي دوري تي نڪتو. هڪ رات جڏهن سڀ ماڻهو سمهيا پيا هئا، تڏهن اوچتو لڙ ٿيو ته درندا اچي ويا. انهيءَ بهاني سان هنن ان کي قتل ڪيو. ان کان پوءِ شهر ۾ اچي بادشاهي خزانو لٽيائون، جنهن ۾ بارهن لک دينار هئا. ڏهه هزار طلائي هندي دينارن جا هڪ لک دينار ٿين ٿا، ۽ هندي طلائي دينار مغرب جي ادائي طلائي دينارن جي برابر ٿئي ٿو.

"ودنار" کي پنهنجو حاڪم مقرر ڪيائون، جنهن ملڪ فيروز لقب اختيار ڪيو، ۽ خزانو لشڪر ۾ ورهائي ڇڏيائين. ان کان پوءِ ودنار کي اچي خوف ٿيو، چاڪاڻ جو ان جو وطن ۽ قبيلو اتان کان پري هو. هو پنهنجا ساٿي ساڻ ڪري پنهنجي قبيلي ڏانهن هليو ويو. ان کان پوءِ لشڪر قيصر رومياَ کي پنهنجو سردار مقرر ڪيو. ان واقعي جي خبر سر بسر عماد الملڪ کي جڏهن ملتان پهتي، تڏهن هن لشڪر گڏ ڪري، خشڪيءَ ۽ درياءِ رستن سان سيوهڻ ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو. قيصر سندس مقابلو ڪيو، پر شڪست کاڏائين، ان کان پوءِ قلع بند ٿي ويهي رهيو. سر تيز منجنيق لڳائي ۽ گهيرو تنگ ڪيو. چاليهن ڏينهن کان پوءِ قيصر پيش پيو؛ ۽ امان گهريائين. جڏهن قيصر ۽ سندس لشڪر امان جي وعدي تي باهر آيو، ته سر تيز ان سان دغا ڪئي. سندس ملڪيت لٽي وئي، ۽ سيني کي قتل ڪيو ويو. روزانو ڪنهن نه ڪنهن جي سسي ڏڙ کان ڌار ڪئي ويندي هئي، ڪنهن کي ترار جي ڏڪ سان ٻه ٽڪرا ڪيو ويندو هو ته ڪنهن جي کل لهرائي ويندي هئي. انهن جي ڪلن ۾ ٻُهُ پرائي، انهن کي شهر جي فصيل تي لٽڪايو ويندو هو. گهٽن جو اهو حال ڪيو ويو، انهن جا لاش لٽڪيل ڏسي، دل ڏڪي ويندي هئي ۽ پوءِ ٿيندو هو. انهن جون کوپريون گڏ ڪري شهر جي وچ ۾ ديڙ ڪيو ويو هو. مان ان واقعي کان ٿورو ئي پوءِ شهر ۾ پهتس. هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڏي مدرسي ۾ لٿس. مدرسي جي ڇت تي سمهندو هوس. اتان لاش لٽڪيل نظر ايندا هئا. جڏهن صبح جو اٿي، اهي لاش ڏسندو هوس، تہ دل ڏڪي ويندي هئي. آخر ان مدرسي ۾ رهڻ ڇڏي ڏنم. (25)

سادات گهراٽي جي خضر خان جي وفات کان پوءِ مبارڪ شاهہ تخت تي ويٺو. انهن ڏينهن ۾ ڪابل جي حاڪم اميرزاده شيخ علي بن رغتش (جيڪو مزار شاهہ رخ بن مير تيمور جي اميرن مان هو) جي حملي جو هُلُ ٿيو؛ تہ هو وڏي لشڪر سان بکر ۽ سيوستان جي علاقن تي حملي ڪرڻ لاءِ اچي رهيو آهي، تڏهن هن مغلن جي حملي کي ختم ڪرڻ لاءِ تاريخ فيروز شاهي جي بيان موجب ملتان، بکر ۽ سيوستان جا علاقا ملڪ محمد حسن جي سپرد ڪري، ان کي هڪ وڏو لشڪر ساڻ ڏئي، ملتان ڏانهن روانو ڪيو. (26)

مغل بادشاهہ همايون جڏهن شير شاهہ کان شڪست کائي پڇي نڪتو، تڏهن سنڌ ۾ آيو. ان وقت سنڌ جو حاڪم شاهہ حسن ارغون هو؛ جنهن همايون جي سخت مخالفت ڪئي ۽ ڪيس ڪٽي بہ آرام سان ويهڻ نہ ڏنو. هو بکر کان ٽيندو سيوهڻ آيو.

تاريخ مبارڪ شاهي جي مصنف احمد يادگار لکيو آهي: "همايون ياڇ وقت جڏهن سنڌ ۾ آيو، تڏهن بکر کان ٽيندو سيوهڻ پهتو. سيوهڻ جي قلعي جو گهيرو ڪيائين، پر قلعو فتح ڪري نہ سگهيو. آخر مايوس ٿي موٽي ويو." (27)

صمصام الدوله شاهنواز خان پنهنجي ڪتاب "ماثر الامراء" ۾ لکيو آهي: "جڏهن همايون ناڪام ٿيو، تڏهن ڪيس سنڌ کان سواءِ ڪوبہ ٽڪاٽو نظر نہ آيو. هو ڪجهہ ڏينهن بکر جي پسگردائيءَ ۾ رهيو. اها جاءِ ڇڏي سيوهڻ پهچي قلعي جو گهيرو ڪيائين. ٽٽي جي حاڪم مرزا شاهہ حسن اڳتي وڏي سندس رستو روڪيو، ۽ اناج ۽ سيڏي جي پهچ بند ڪري ڇڏيائين. همايون جا اڪثر امير، سندس اجازت کان سواءِ ڪيس ڇڏي هليا ويا. (28)

همايون جو سنڌ ۾ اچڻ جو احوال همايون نامہ از: گلبدن بيگم ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻين ڪتابن ۾ ٻه ملي ٿو. انهن ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو، ته سيوهڻ اڇڻ کان اڳ ۾ "پاٽ" ۾ ماهه جمادي الاول 948هه (1541ع) ۾ همايون، حميده بانو بيگم سان شادي ڪئي، جيڪا ابوالحسن ابونصر حضرت احمد جام زنده پير اويسي (وفات 536هه 1141ع) جي خاندان مان هئي. جڏهن همايون سيوهڻ پهتو، تڏهن سيوهڻ جي مضبوط قلعي تي مير علي ڪوتوال هو، جيڪو اڳ همايون وٽ نوڪر هو. همايون کي يقين هو، ته هو سندس لاءِ سيوهڻ جو در کولينڈو، پر هن قلعي تي توبون چاڙهي همايون جو مقابلو ڪيو. همايون جي فوج خندقن جي وسيلي مقابلو ڪندي، قلعي جو هڪڙو برج ڪيرائي وڌو؛ ان هوندي ٻه هو قلعي تي قبضو ڪري نه سگهيو. ٻئي طرف اَنَ جي مهانگائيءَ جي ڪري همايون جا ماڻهو ڪيس ڇڏي ڇڏڻ لڳا، جن کي مرزا شاهه حسن ارغون گرفتار ڪرائي، ٻيڙين ۾ ويهاري سمنڊ ۾ ٻوڙائڻ لڳو. اهڙيءَ طرح اٽڪل همايون جا ڏهه هزار ماڻهو مرزا شاهه حسن ارغون سمنڊ ۾ ٻوڙائي ڇڏيا. همايون تقريباً ست مهينا سيوهڻ ۾ رهيو. سندس ماڻهو گهٽجي ويا. هوڏانهن مرزا شاهه حسن ٻيڙين تي توبون رکائي، سيوهڻ پهتو. همايون جون ٻيڙيون ۽ سامان ڦرائي، ڪيس سيوهڻ مان نڪري وڃڻ لاءِ چوائي موڪلياٿين.

سيوهڻ مان نڪري همايون بکر پهتو، جتي مرزا يادگار ناصر ساٿس جنگ لاءِ تيار ٿيو. ان کان پوءِ همايون جوڌپور جي راجا مالديو کان مدد حاصل ڪرڻ لاءِ بکر ڇڏي نڪتو ۽ چولستان "ديڙه ور" جي قلعي تي قبضو ڪياٿين. ان کان پوءِ جيسلمير روانو ٿيو.

اهڙيءَ طرح ڪيترن ئي هنڌن تان ٿيندو، عمر ڪوٽ پهتو، جتي ڪيس اڪبر ڄائو. نومبر 1553ع ۾ همايون ۽ مرزا شاهه حسن ارغون جي وچ ۾ وڏي جنگ لڳي. ان کان پوءِ همايون سنڌ ڇڏي ايران هليو ويو.

شاه حسن سنه 967هه (1560ع) ۾ لا ولد فوت ٿيو. ان کان پوءِ سنڌ ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي. سمنڊ کان لکيءَ جي جبلن تائين ملڪ مرزا عيسيٰ خان ترخان جي هٿ هيٺ اچي ويو، ۽ سيوهڻ کان اوهاڑي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تائين مٿيون حصو، سلطان محمود بن امير فاضل ڪوڪلتاش جي قبضي ۾ آيو ۽ 980هه (1572ع) ۾ مرزا عيسيٰ خان ترخان وفات ڪئي. ان کان پوءِ سندس پٽ مرزا محمد باقي حاڪم ٿيو، جيڪو تمام ظالم هو. هن 993هه (1585ع) ۾ آپگهات ڪيو.

مرزا عيسيٰ ترخان جي ڏينهن ۾ سندس سوٽ مرزا جاني بيگ سيوهڻ تي قبضو ڪيو.

ماثرالا مراء ۾ آيو آهي: "جڏهن دهليءَ جي سلطنت ڪمزور ٿي وئي، تڏهن مرزا جاني بيگ گجرات جي حاڪمن سان رابطو پيدا ڪيو، ۽ تعلقات وڌايا. جيئن ته شاهه بيگ ارغون ان علاقي تي قبضو ڪري ورتو هو، انهيءَ ڪري هن آسانيءَ سان اڳتي وڌي بکر ۽ سيوستان تي قبضو ڪري ورتو. (29)

حقيقت اها آهي، ته بکر جو حاڪم محمود بکري 2 صفر سنہ 982هه (1574ع) تي وفات ڪئي. ان کان پوءِ بکر تي مغل حڪومت جو قبضو ٿيو ۽ سنہ 982هه ۾ "گيسو خان" بکر جو صوبيدار ٿيو. ان کان پوءِ 983هه ۾ ترسو خان ۽ سيد محمد امير صوبيدار ٿيا. 984هه ۾ سيد ابو فضل، 985هه ۾ اعتماد خان خواجہ سرا، 987هه ۾ فتح خان، 996هه ۾ اسماعيل قلعي خان، 997هه ۾ شيرديہ سلطان ۽ 998هه ۾ صادق خان گورنر رهيا.

جيئن ته بکر ۽ سيوهڻ محمود بکريءَ جي هٿ هيٺ هئا؛ انهيءَ ڪري ان جي وفات کان پوءِ بکر جا مغليہ گورنر سيوهڻ کي سنياليو نہ سگهيا. ان جو فائدو وٺي مرزا جاني بيگ سيوهڻ تي قبضو ڪري، حڪومت ڪرڻ لڳو. ماثرالامراء مان معلوم ٿئي ٿو، ته 984هه (1574-75ع) ۾ اعتماد خان کي مالوه مان بدلي ڪري، بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هو هڪ لشڪر ساڻ ڪري سيوهڻ پهتو، پر صلح ڪري موٽي ويو. (30)

مرزا باقي جي مرڻ کان پوءِ سندس پٽ کي گاديءَ تي ويهاريو ويو؛ پر جيئن ته هن جو دماغ ٺيڪ نہ هو، تنهن ڪري حڪومت هلائي نہ سگهيو. اهو ڏسي ترخاني اميرن مرزا جاني بيگ کي سيوهڻ مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهرائي، سنڌ جو حاڪم بنايو. اهڙيءَ طرح سيوهڻ، بکر کان ڇڇي، ٺٽي سان شامل ٿيو. ان کان پوءِ اڪبر جي طرفان سندس سپهه سالار خانخانان ٺٽو فتح ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ آيو.

ماثرالامراء ۾ آيو آهي: "ملتان ۽ بکر خانخانان جي جاگير ۾ هئا... ان کانپوءِ ٺٽو به هن کي جاگير طور ڏنو ويو. انهيءَ ڪري هن سنڌ فتح ڪرڻ جي اجازت ورتي. مرزا جاني بيگ هڪ وڏو لشکر وٺي هڪ سؤ پنجاهه ڪوهه اڳتي وڌي سيوستان جي سرحد تي آيو، ۽ خانخانان جو مردانه وار مقابلو ڪيائين. محرم 1000هه (1592ع) ۾ مرزا جاني بيگ کي شڪست آئي ۽ مجبور ٿي هن صلح ڪيو. 38 سالہ جلوس اڪبري ۾ 1001هه (1592-93ع) ۾ هو خانخانان سان گڏجي لاهور آيو، ۽ اڪبر سان مليو. کيس ٽي هزاري منصب ۽ ملتان جو صوبو جاگير طور مليو. سنڌ شاهه رخ مرزا کي ملي." (31)

اڪبر جي ڏينهن ۾ سنڌ ٽن حصن ۾ ورهايل هئي: بکر، سيوهڻ ۽ ٺٽو؛ جنهن مان هر هڪ کي "سرڪار" سڏيو ويندو هو. سيوهڻ سرڪار ۾ 9 محل هئا، ۽ ان جي آمدني 15546808 دام هئي. آئين اڪبري مان معلوم ٿئي ٿو، ته ان ۾ محل هيٺينءَ ريت هئا:

"باتر (پاٽ)، باغبانان (باغبان)، بن (سن)، بوسيڪان (بوبڪان، بوبڪ)، جنجه (جوٽيجا)؛ خطو، حويلي سيوستان، جنهن ۾ مضبوط قلعو هو، ڳاها ۽ لاکاٽ. (32)

باغبان، پاٽ، ڳاها، بوبڪ، سن ۽ سيوهڻ حويلي، درياءَ جي ساڄي ڪپ تي هئا؛ ۽ جوٽيجا، خطو، درياءَ جي کاٻي ڪپ تي هئا. جوٽيجا، سيوهڻ ۽ بوبڪ محل جي سامهون، خطو ڏکڻ ۾ دادوءَ ۽ اتر ۾ سيوهڻ جي سامهون ۽ لاکاٽ، لکي ۽ سن جي سامهون کاٻي ڪپ تي هئا.

اڪبر کان پوءِ جهانگير جي زماني ۾ به مغل حڪومت طرفان سيوهڻ تي حاڪم مقرر ٿيندا هئا. جهانگير، پنهنجي "توزڪ" ۾ سيوستان جي ٻن حاڪمن: سردار خان ۽ ارسلان بي اوزبڪ جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ ڏيکاريو آٿس، ته انهن کي هن علم عنايت ڪيو. (33)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ جي مشهور مؤرخ ۽ اڪبر بادشاهه جي امير معصوم بکري جا ناناٽا سيوهڻ جا هئا. مير معصوم جو والد سيد صفائي، بکر جو شيخ الاسلام هو. ماثرالامراء مان معلوم ٿئي ٿو، ته سيد صفائي قندار مان بکر آيو؛ جو اتي جي حاڪم سلطان محمود بکريءَ سندس عزت ۽ احترام ڪيو. انهيءَ ڪري بکر ۾ رهي پيو، ۽ سيوهڻ جي ڪاڙ ونِي ساداتن مان شادي ڪيائين. مير معصوم ۽ سندس پٽ پائر بکر ۾ جاوا. (34)

شاهه جهان جي ڏينهن ۾ سيوهڻ جو پهريون فوجدار ۽ جاگيردار احمد بيگ مقرر ٿيو.

ماثر الامراء ۾ آيو آهي: "ملوس شاهه جهاني جي پهرين سال (1038هـ ۾) احمد بيگ ڏٽي ۽ سيوستان جو فوجدار ۽ جاگيردار مقرر ٿيو." (35)

هو گهر کان ٻاهر ئي نه نڪرندو هو. سندس سڄو ڪاروبار سندس ٻاءُ مرزا يوسف هلائيندو هو، جيڪو وڏو ظالم هو. هن ماڻهن تي بي انتها ظلم ڪيا. سندس ظلمن جو داستان ميرڪ يوسف بن ميرابوالقاسم نمڪين جي ڪتاب "تاريخ مظهر شاهجهاني" ۾ تفصيل سان بيان ٿيل آهي. هيءُ ڪتاب در اصل هڪ رپورٽ هئي، جيڪا هن بادشاهه تائين پهچائڻ ٿي گهري. هن هي ڪتاب 1038هـ ۾ لکڻ شروع ڪيو، ۽ 19 محرم 1044هـ (1634ع) تي لکي پورو ڪيائين.

1039هـ (30-1629ع) ۾ احمد بيگ کي بدلي ڪري، مير ابوالبقا جي جاءِ تي ملتان ۾ رکيو ويو، ۽ سيوهڻ ۾ ديندار خان کي مقرر ڪيو ويو. ديندار خان جي ڏينهن ۾ حضرت قلندر شهباز جي درگاهه جو تعميراتي ڪم ٿيو ۽ درگاهه جي صحن کي ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريو ويو.

ماثرالامراء مان معلوم ٿئي ٿو، ته 1044هـ (1634ع) ۾ ضياء الدين خان جي بدران ارسلان خان "سيوستان" جو فوجدار مقرر ٿيو. (36) بعد ۾ قزاق خان سيوستان جو فوجدار مقرر ٿيو.

ماثرالامراء ۾ آيو آهي: "9 سال شاهاني ۾ خان دوران بهادر سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گڏجي، ججهاز سنگهه جي تعاقب ۾ باقي بيگ ازبڪ سئيون خدمتون انجام ڏنيون. بادشاهه کيس قزاق خان جو خطاب، ۽ هڪ هزار پنج سؤ ذات ۽ 800 سوارن جو منصب عطا ڪيو. ان کان پوءِ هو سيوستان جي فوجداريءَ تي مقرر ٿيو. اتي "هيمچه" (سميجا) وغيره قومن جي سرڪشن سان خوب لڙايون ڪيائين، ۽ شاهي اقتدار ۽ تسلط کي قائم رکيائين. ان کان پوءِ کيس ٻه هزار ذات ۽ ٻن هزارن سوارن جو منصب مليو. (37)

محمد صالح ڪنبوه جي ڪتاب "شاهجهان نامه" ۾ به قزاق خان جو احوال ملي ٿو. اُتي ڏيکاريل آهي، ته هو 1641ع ۾ حاڪم سيوستان جي منصب تي فائز ٿيو. (38) ماثرالامراء موجب ان کان اڳ ۾ يوسف خان ۽ جان نثار خان سيوستان جا حاڪم هئا. قزاق خان جي بدلي ٿي وڃڻ کان پوءِ ڪجهه وقت "تاريخ مظهر شاهه جهاني" جي مصنف ميرڪ يوسف جو ياءُ امير خان، مير ابوالبقا سيوستان جو حاڪم ٿي رهيو. (39) جان نثار خان بابت، ماثر الامراء جي صاحب، فريد بڪري جي ڪتاب "ذخيرة الخوانين" جي حوالي سان لکيو آهي:

"سيوستان جي حڪومت جي زماني ۾ هن اُتي جي زميندارن جي چوڪرين کي پنهنجي حرم ۾ داخل ڪيو، جيڪي سميجا ۽ سوڍا قوم مان هيون. اهڙيءَ طرح هن پنهنجي حڪومت کي قائم رکيو، ۽ ان علاقي مان بغاوت ۽ سرڪشي ختم ٿي وئي. ان جي وفات کان پوءِ زميندار پنهنجون چوڪريون ان جي گهر مان کڻي ويا." (40)

ان مان معلوم ٿئي ٿو، ته شاهه جهان جي ڏينهن ۾ سيوهڻ جا مغليه گورنر ظلم ڪندا هيا، ۽ سيوهڻ جا ماڻهو انهن سان وڙهندا رهيا.

شاهجهان نامه مان معلوم ٿئي ٿو، ته 1638ع ۾ بڪ تاز خان کي ڏيڍ هزاري ذات ۽ ڏيڍ هزار سوار جو منصب عطا ڪري سيوستان جي فوجداري تي مامور ڪيو ويو. (41)

ماثر الامراء مان معلوم ٿئي ٿو، ته 1055هـ (1645ع) ۾ زبردست خان سيوستان جو حاڪم مقرر ٿيو. 1059هـ (1649ع) ۾ زبردست خان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيوستان جي فوجداري جي زماني ۾ فوت ٿيو.(42) شاهہ جهان نامہ مان معلوم ٿئي ٿو ته ان جي وفات کان پوءِ نورالحسن کي ان جي جاءِ تي مقرر ڪيو ويو.(43) هو 1651ع تائين سيوستان جو حاڪم ٿي رهيو. پوءِ بهار جو فوجدار ٿيو. (44) اورنگزيب، شاهہ جهان جي ڏينهن ۾ ملتان جو صوبيدار هو. شاهہ جهان نامہ مان معلوم ٿئي ٿو، ته پوءِ ڪيس بکر ۽ سيوستان سرڪار جو انتظام به مليو، ۽ ٻئي جي صوبيداري به مليس. (45)

اورنگ زيب ۽ دارا شڪوه جي ويڑهہ ۾ دارا پڄي نڪتو، ۽ اڇي بکر ۾ پهتو. اورنگ زيب جي طرفان شيخ ميرو صف شڪن خان دارا جي تعاقب ۾ روانو ٿيو. دارا پنهنجو اهل عيال بکر جي قلعي ۾ ڇڏي اڳتي وڌيو. صف شڪن خان به سندس پٺيان آيو. ماثر عالمگيري ۾ آيو آهي:

"شهزادي (دارا) جو ارادو قندار وڃڻ جو هو، پر پنهنجي ساٿين جي جدائي ۽ پنهنجي حرم جي ناراضگيءَ جي ڪري ان وقت هن ٻئي جو رخ ڪيو. صف شڪن خان اعز خان کي ٻين سردارن سان گڏ بکر ۾ ڇڏيو ته جيئن قلعي وارن کي تنگ ڪن. پاڻ سيوستان ڏانهن روانو ٿيو. ان وچ ۾ قلعي جي قلعہ دار محمد صالح ترخان جو خط صف شڪن خان کي مليو، جنهن ۾ لکيل هو، ته دارا شڪوهہ قلعي کان پنجن ڪوهن جي مفاصلي تي پهچي ويو آهي. توهان جيترو جلد ٿي سگهي اوترو جلد اوڏانهن اچو، ۽ سندس خزاني وارين ٻيڙين تي اچي قبضو ڪيو. صف شڪن خان پنهنجي نياڻي محمد معصوم کي هڪ وڏو لشڪر ڏئي پنهنجي وڃڻ کان اڳ روانو ڪيو، ته جيئن دارا شڪوهہ جي ٻيڙين کي ڇڏي، درياءَ جي ڪناري تي مورچا تيار ڪري. پاڻ به انهيءَ ئي رات ڪوچ ڪري دارا شڪوهہ جي فوج جي محاذ کان ٽن ڪوهن جي مفاصلي تي قيام ڪيائين." (46) شاهہ جهان نامہ ۾ به دارا جي سنڌ ۾ اچڻ جو احوال ملي ٿو. بهرحال دارا شڪوهہ به پاڇ جي زماني ۾ سيوستان جي پسگردائيءَ ۾ آيو.

ماثر الامراء مان معلوم ٿئي ٿو، ته اورنگزيب جي زماني ۾ غضنفر خان ٻئي جو گورنر هو. هو ڏهين سال جلوس عالمگير جي زماني جي آخر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ 1077هـ (1667ع) ۾ ٿئي ۾ فوت ٿيو. انهن ڏينهن ۾ غضنفر خان جو ننڍو ڀاءُ اسلام خان سيوستان جو فوجدار هو. (47)

مغل دور حڪومت ۾ صوبي ۾ هڪ مڪيہ عهدو وقائع نگاري هو. سنہ 1116هـ (1705ع) ۾ عالم ۽ اديب مير عبدالجليل بلگرامي سيوستان ۽ بکر صوبن جي بخشي گري، وقائع نگاري ۽ سوانح نگاري جي خدمتن تي مقرر ٿي آيو. مير عبدالجليل جو سوٽ مير محمد جان بلگرامي 17 ربيع الآخر 1146هـ (1733ع) تي سيوهڻ آيو؛ 15 جمادي الاول 1146هـ (1733ع) تي جهاز تي چڙهي بصري ويو. ماثر الڪرام جو صاحب مير غلام علي آزاد بلگرامي به ان وقت سيوهڻ ۾ موجود هو.

اهو احوال ماثرالڪرام ۾ آيل آهي. هن ڪتاب ۾ مير غلام علي آزاد بلگرامي حضرت قندر شهباز جو احوال به ڏنو آهي، ۽ ان ۾ سندس جم جي شهر جو نالو "مروند" ڏيکاريو اٿس. ان سان گڏ حضرت قلندر شهباز جي روحاني مدد جو ذڪر به ڪيو اٿس.

لکيو اٿس: "جڏهن 10 ربيع الاول 1143هـ (1720ع) تي سيوستان جي شهر ۾ پهتس، تہ مير سيد محمد خان بخشي گري ۽ وقائع نگاري جي خدمت منهنجي حوالي ڪري، پاڻ بلگرام هليو ويو. ڪجهہ وقت کان پوءِ منهنجي ملازمت ختم ٿي وئي، جنهن ڪري مونکي ڏاڍو صدمو پهتو. (48)

ان کان پوءِ ڏيکاريو اٿس: حضرت قلندر شهباز جي روحاني مدد سان هڪ سال کان پوءِ سندس ملازمت بحال ٿي.

مغل دور جي ٻين تاريخي ڪتابن ۾ به "سيوستان" جو ذڪر ملي ٿو، جهڙوڪ: محمد بختاور خان جي ڪتاب "مرآة العالم"، "تاريخ اورنگزيب"، شيخ فريد بکري جو ڪتاب "ذخيرة الخوانين"، "واقعات عالمگير"، مولانا نظام الدين احمد جو "طبقات اڪبري"، مولانا نظام الدين احمد جو "طبقات اڪبري"، "توزڪ جهانگيري" وغيره.

مغربي عالم ۽ سياح

ڪيترن مغربي عالمن ۽ سياحن به سيوهڻ بابت اکين ڏٺو ۽ ڪنين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ 1077هـ (1667ع) ۾ ٿٽي ۾ فوت ٿيو. انهن ڏينهن ۾ غضنفر خان جو ننڍو ڀاءُ اسلام خان سيوستان جو فوجدار هو. (47)

مغل دور حڪومت ۾ صوبي ۾ هڪ مڪيہ عهدو وقائع نگاري هو. سنہ 1116هـ (1705ع) ۾ عالم ۽ اديب مير عبدالجليل بلگرامي سيوستان ۽ بکر صوبن جي بخشي گري، وقائع نگاري ۽ سوانح نگاري جي خدمتن تي مقرر ٿي آيو. مير عبدالجليل جو سوٽ مير محمد جان بلگرامي 17 ربيع الآخر 1146هـ (1733ع) تي سيوهڻ آيو؛ 15 جمادي الاول 1146هـ (1733ع) تي جهاز تي چڙهي بصري ويو. ماثر الڪرام جو صاحب مير غلام علي آزاد بلگرامي ۽ ان وقت سيوهڻ ۾ موجود هو.

اهو احوال ماثرالڪرام ۾ آيل آهي. هن ڪتاب ۾ مير غلام علي آزاد بلگرامي حضرت قندر شهباز جو احوال ۽ ڏنو آهي، ۽ ان ۾ سندس جم جي شهر جو نالو "مروند" ڏيڪاريو اٿس. ان سان گڏ حضرت قلندر شهباز جي روحاني مدد جو ذڪر ۽ ڪيو اٿس.

لکيو اٿس: "جڏهن 10 ربيع الاول 1143هـ (1720ع) تي سيوستان جي شهر ۾ پهتس، تہ مير سيد محمد خان بخشي گري ۽ وقائع نگاري جي خدمت منهنجي حوالي ڪري، پاڻ بلگرام هليو ويو. ڪجهہ وقت کان پوءِ منهنجي ملازمت ختم ٿي وئي، جنهن ڪري مونکي ڏاڍو صدمو پهتو. (48)

ان کان پوءِ ڏيڪاريو اٿس: حضرت قلندر شهباز جي روحاني مدد سان هڪ سال کان پوءِ سندس ملازمت بحال ٿي.

مغل دور جي ٻين تاريخي ڪتابن ۾ ۽ "سيوستان" جو ذڪر ملي ٿو، جهڙوڪ: محمد بختاور خان جي ڪتاب "مرآة العالم"، "تاريخ اورنگزيب"، شيخ فريد بکري جو ڪتاب "ذخيرة الخوانين"، "واقعات عالمگير"، مولانا نظام الدين احمد جو "طبقات اڪبري"، مولانا نظام الدين احمد جو "طبقات اڪبري"، "توزڪ جهانگيري" وغيره.

مغربي عالم ۽ سياح

ڪيترن مغربي عالمن ۽ سياحن ۽ سيوهڻ بابت اکين ڏٺو ۽ ڪنين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بڌو احوال ڏنو آهي. ڪئپٽن ليو پولڊ ون اورلچ Captain Leopold Vonorlich پنهنجي ڪتاب Traveles In India Including Sindh And The Punjab ۾ سيوهڻ، حضرت قلندر شهباز ۽ ڏمال جو احوال آندو آهي.(49) ٽي. پوسٽن (T.Postan) پنهنجي ڪتاب Personal Observation On Sind ۾ سيوهڻ ۽ حضرت قلندر شهباز جو بيان ڏنو آهي.(50) اِي بي ايسٽوڪ E.B Estivick پنهنجي ڪتاب "نئين مصر جا پراڻا ورق" Dry Leaves From Young Egypt ۾ سيوهڻ، اڙل ۽ حضرت قلندر سهباز جو ذڪر ڪيو آهي. لکي ٿو: 26. جولاءِ 1939ع اسين سيوهڻ کان ميل پنڌ تي وڃي پهتاسون، جتي ٻيڙيءَ جي ناکئن ڌاپو ڪيو، ۽ اتي جي درويشن جي زيارت ڪرڻ تي زور رکيو... سيوهڻ وٽ اسان درياءَ جي هڪ شاخ اڙل جي رستي، ٽورن ميلن جي مسافريءَ کان پوءِ منچر ۾ وڃي پهتاسون.

27 تاريخ اسان چگو سفر ڪيو. منچر جي آر پار گهٽ ۾ گهٽ ويهه ميل ڪري وياسون. ڏينهن جو اهڙي ته سخت گرمي هئي، جو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. شام جو ڪجهه هوا کُهلي ۽ فقط ڪي ٿورا ماڻهو وڃي ٻيڙين ۾ رهيا. مون انهن مان ڪن کي ٻيڙي هلائڻ لاءِ چيو ۽ ڪين ڪجهه پيسا ڏنا، جي ڪين تمام گهڻا لڳا؛ ڇاڪاڻ جو اهي اڏ اگهاڙا ۽ بکيا آهن. انهن جهڙي پوئتي پيل قوم مون ٻي ڪانه ڏٺي آهي. (51)

• هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو "سنڌ جيئن مون ڏٺي" نالي سان عطا محمد پنيرو ڪيو ۽ هي ڪتاب سنڌيڪا اڪيڈمي ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حوالا

(1) تاريخ اليعقوبي: احمد بن ابي يعقوب بن جعفر، جلو ثاني دارا صادر، بيروت، ص.289.

(2) فتوح البلدان: ابي الهسن البلاذري، نشورات الارويه، قم- ايران، 1404هـ (1985ع)، ص.172.

(3) چچ نامه: سنڌي ترجمو: مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، 1954ع، ص.168 کان 171.

(4) تاريخ فرشته: محمد قاسم فرشته، اردو ترجمه: عبدالحي خواجه، شيخ غلام علي اينڈ سنز، لاهور، جلد دوم.

(5) چچ نامه، اشارا ۽ واڌارا، ص.466.

(6) Indus Delta Country: 6 Magis-Genral M.R. Haig, London 1894, P.58.

(7) چچ نامه، ص.468-467.

(8) چچ نامه: ص.172.

(9) ساڳيو، ص.468.

(10) Indus Delta country; P.58

(11) چچ نامه، ص.468.

(12) مسالک المنجالک: اي اسحاقابراهيم بن محمد الفارسي، الاصطخري، مرتب ايم. جي. دي گوجي، بيروت، 1927ع، ص.172.

(13) تاريخ مبارک شاهي: يحيٰ بن احمد سرهندي، اردو ترجمو: ڈاڪٽر آفتاب احمد اصغر، مرڪزي اردو بورڊ لاهور، 1967ع، ص.79-78.

(14) طبقات ناصري: منهاج الدين عثمان، معروف به منهاج سراج، اردو ترجمو: غلام رسول مهر، مرڪزي اردو بورڊ لاهور، 1975ع، ص.744، جلد اول.

(15) ساڳيو، ص.788.

(16) جهان ڪشا: عطا ملک جويني، ليڈن 16-1911ع، جلد 2، ص.148.

(17) تاريخ فيروز شاهي: برني، سيد احمد خان ايڈيشن، ص.68-67 - اردو ترجمو ڈاڪٽر سيد معين الحق، مرڪزي اردو بورڊ لاهور، 1969ع، ص.133.

(18) تاريخ فيروز شاهي: ضياء الدين برني، اردو ترجمو: ڈاڪٽر سيد معين الحق، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، 1969ع، ص.380 ۽ ص.473.

(19) تاريخ مبارک شاهي، ص.168.

(20) ساڳيو، ص.169.

(21) ساڳيو، ص.171.

(22) ساڳيو، ص.205.

(23) تاريخ فيروز شاهي: ضياء الدين برني، اردو ترجمو، ص.758.

(24) اصل ۾ سنڌي نالو "ڏاتار" معلوم ٿئي ٿو. هي سومرو نه پر "سمو" معلوم ٿئي ٿو.

(25) سفر نامه ابن بطوطه اردو ترجمو: رئيس احمد جعفري، نفيس اڪيڈمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪراچي، 1961ع، ص.486 کان 488.
(26) تاريخ مبارڪ شاهي، ص.34.
(27) تاريخ شاهي: احمد يادگار، اردو ترجمو: سيد نذير نيازي، اردو سائنس بورڊ، لاهور، 1985ع، ص.163.
(28) مآثر الامراء: الدولہ شهنواز خان، اردو ترجمو: محمد ايوب قادري، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، جلد اول، 1968ع، ص.632.
(29) مآثر الامراء، جلد سوم، سال 1970ع، ص.285.
(30) مآثر الامراء، جلد اول، ص.99.
(31) مآثر الامراء، جلد سوم، 1970ع، ص.260.
(32) علامہ ابو الفضل: آئين اڪبري، اردو ترجمو: مولوي محمد فدا علي طالب، سنگ ميل پبليڪيشنز لاهور، جلد اول، حصہ دوم، ص.1053.
(33) توزڪ جهانگيري: جهانگير، اردو ترجمو: اعجاز الحق قدوسي، مجلس ترقي ادب لاهور، جلد اول، 1948ع، ص.342.
(34) ماثر الامراء، جلد سوم، ص.275.
(35) ساڳيو، جلد اول، ص.145-196.
(36) ساڳيو، جلد اول، ص.272.
(37) ساڳيو، جلد سوم، ص.79.
(38) شاهجهان نامہ: محمد صالح ڪنبو جلد (2) اردو ترجمو: ڊاڪٽر ناظر حسين زيدي، مرڪزي اردو بورڊ لاهور، 1974ع، ص.277.
(39) مآثر الامراء، جلد اول، ص.175.
(40) ساڳيو، ص.526.
(41) شاهہ جهان نامہ، جلد سوم، ص.246.
(42) مآثر الا مراء، جلد ٻيو، سال 1969ع، ص.376.
(43) شاهجهان نامہ، جلد سوم، ص.563.
(44) ساڳيو، ص.586.
(45) ساڳيو، ص.565.
(46) مآثر عالمگيري: محمد ساقي مستعد خان، اردو ترجمو: محمد فدا علي طالب، بڪ لئنڈ ڪراچي، 1916ع، ص.20.
(47) مآثر الا مراء، جلد دوم، ص.863.
(48) مآثر الاڪرام: غلام علي آزاد بلگرامي، اردو ترجمو: مولانا شاهہ محمد الد، دائرة المصنفين، ڪراچي، 1983ع، ص.344، 356، 368 کان 366.
(49) Travels in India including Sinde and the Punjab; Captin Leopold Von Orlich, Vol:, I, 1845, P. 114 to 117.
(50) Personal observations on Sndh: T. Postans, 1843.
(51) سنڌي ترجمو "نئين مصر جا پراڻا ورق"، مترجم: ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ ۽ حنيف صديقي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1978ع، ص.35-36.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مددي ڪتاب

1. سنڌ جي اقتصادي تاريخ: ڊاڪٽر ايس.پي. ڇپلاڻي، سنڌي ترجمو: سراج الحق، سنڌي ادبي بورڊ، 1968ع.
2. نئين مصر جا پراڻا ورق: ڪيٽن ايستوک، سنڌي ترجمو: ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ، سنڌي ادبي بورڊ، 1973ع.
3. سنڌ ۽ بلوچستان جو سير وسفر: ليفٽيننٽ هينري پاٽيجر، سنڌي ترجمو: محمد حنيف صديقي، سنڌي ادبي بورڊ، 1976ع.
4. سنڌ جي دربار: جيمس برنس، سنڌي ترجمو: محمد حنيف صديقي، سنڌي ادبي بورڊ، 1964ع.
5. سنڌ ۽ سنڌو ماڻر ۽ وسندڙ قومون: رچرڊ برٽن، سنڌي ترجمو: محمد حنيف صديقي، سنڌي ادبي بورڊ.
6. جنت السنڌ: مير رحمداد خان مولائي شيدائي، سنڌي ادبي بورڊ.
7. تاريخ تمدن سنڌ: مير رحيمداد خان مولائي شيدائي، سنڌ يونيورسٽي.
8. سنڌي ساهت ۾ مشهور مستشرقين: حبيب الله پٽو، سکين، پبليڪيشن شڪارپور، 1973ع.
9. سنڌي صورتخطي: پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا، 1964ع.
10. سنڌي نثر جي تاريخ: منگهارام ملڪاڻي، بمبئي 1968ع.

ENGLISH

1.Henry Walter Bellow: From the Indus to the Tigers, London 1874. re-print 1977.
2. Foster: Early travels in India, 1921.
3. Alexander Hamilton: A new account of the East Indus, 2. Vol. 1744.
4. Foster: English Factories in India, 9 Vols: 1906-15.
5. Pottinger, Sir H: Travels in Baluchistan and Sind 1816.
6. Masson: Narrative of various Journeys in Baluchistan, Afghanistan etc: 4 Vols: London, 1842-43.
7. Lt: Arthur Conolly: Narrative of an overland journey to the North of India, London, 1838.
8. Dr: J. Burnes: Narrative of a visit to court of the Amirs of Sindh 1839.
9. A. Burnes: Travels in Bokhara, 1831.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

10. W.J. Eastwick: Dry leaves from young Egypt, London 1851.
11. William Napier: The conquest of Sindh, London, 1845.
12. Lambrick H T: Sir Charles Napier and Sindh, 1952.
13. Travels in India including Sindh and Punjab Vol: 1, Captain Leopold Von orlich, translated from German into English, by: I.I. Evans LLoyd, 1845 reprint 1976.
14. Dr: Adrian Duarte: A History of British Relations with Sindh, National Book Foundation 1976.
15. Dr: Hameeda Khatoon Naqvi: Mughal Hindustan: Cities and Industries, National Book Foundation, 1974.
16. Ghulam Mustafa Shah Sayid: Legency of Britain, 1971.
17. Pahwar, M.H: Source Material on Sindh, Institute of Sindhology, Sindh University 1977.
18. Herbert Fieldman: Karachi through a hundred years, Karachi, 1960.
19. Lambrick, H.T: Sndh, A General Introduction, Hyderabad, Sindhi Adabi Board, 1964.
20. Marshal, Sir John: Mohen Jo Daro and th Indus civilization. London, 3 Vol, 1931.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تعارف

والد جو نالو : حاجي غلام حسين

جنم جي تاريخ : 11 سيپٽمبر 1931ع

جنم جو هنڌ : ڳوٺ ماڙي تعلقو لکي

تعليم : ايم. اي (سنڌي)، ايم. اي (اسلامڪ ڪلچر)
ايم. اي (رليجن)، ايل. ايل. بي، پي. ايڇ. ڊي (سنڌي)

ملازمت : اوورسيئر پي. ڊبليو. ڊي، پروفيسر

وفات : 11 فيبروري 1996ع، بروز آچر

چپيل ڪتاب

1. ڏور (لوڪ ادب - 1961ع)
2. ڏوهاري ڪير: ترجمو (ناولٽ)
3. ماڻڪ موتي لعل (پاگو پهريون - 1962ع)
4. شاهه ڪريم جو ڪلام (تحقيق)
5. تذڪره شهباز (تذڪرو - 1964ع)
6. تذڪره شعراء سکر (تذڪرو - 1965ع)
7. ماڻڪ موتي لعل (پاگو ٻيو - 1962ع)
8. ديس ديس جون کهاڻيون (1966ع)
9. تاريخ قوم هڪڙا (تاريخ - 1966ع)
10. ذڪر اشرف: ترجمو (شخصيات - 1966ع)
11. پارس: ڪي حصا (ترتيب - 1967ع)
12. رتيءَ جي رهاڻ: (1967ع)
13. فڪر لطيف: ترتيب (لطيفيات - 1967ع)
14. سڪر جي سوڪڙي: ترتيب (1965ع)
15. رُس مَ رسڻ گهوريو: ترتيب (شاعري - 1968ع)
16. مهراڻ تي مجلس: ترتيب (مترقم - 1969ع)
17. پرک ۽ پروڙ (تحقيق ۽ تنقيد - 1971ع)
18. سکر جهڙي سُونهن: ترتيب (1970ع)
19. جوتيون جواهرن جون (کافين - 1971ع)
20. سنڌي علم ادب - اُصول ۽ اهجاڻ (تنقيد - 1971ع)
21. فڪر بيدل (تحقيق - 1971ع)
22. سنڌي ادب جو تاريخي جائزو (1972ع)
23. سر ڏهر (لطيفيات - 1978ع)
24. سنڌيءَ ۾ نعتيه شاعري (1980ع)
25. سرڪلياڻ (لطيفيات - 1983ع)
26. سچل جو سنيهو (سچلياٽ - 1984ع)
27. لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو: ترتيب (1984ع)
28. سنڌي نصاب (نائين ڪلاس لاءِ)
29. شڪارپور ماضي ۽ حال: ترتيب (1984ع)
30. سيرت نبي صلعم (1986ع)
31. واحد سنڌي گرامر (1987ع)
32. لطيف جو پيغام (لطيفيات - 1979ع)
33. سنڌي ثقافت تي اسلامي آثرات (تحقيق - 1989ع)
34. قصيده برده شريف (1990ع)
35. تفسير هاشمي (1991ع)
36. سر سارنگ (لطيفيات - 1991ع)
37. لطيفي لات (لطيفيات - 1991ع)
38. شڪارپور جي بولي (لسانيات - 1993ع)
39. قوت العاشقين (معجزا)
40. سنڌي ادب جي تاريخ (1993ع)
41. سنڌي ادب جو تنقيدي اپياس (تنقيد)
42. سچل جو پيغام

اردو کتاب

1. حضرت قلندر شهباز (1975ع)
2. سندھی ادب کی مختصر تاریخ (1983ع)
3. لسانیات پاکستان (1992ع)
4. نگارشات سنده (1992ع)
5. پاکستان مین صوفیانه تحریکین

A ROSHNI BOOK

History

Pakistan Rs. 100.00

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي پوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پٽ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پٽ پنهنجي پوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي پوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ نايابورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي ادبين، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پٽ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نيائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي استور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سوهڻ سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu